۳۹۱

سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ

گوبند مالهي

M-5 (M 106)

- جنهن زندگيءَ ۾ غريبن جي خدمت نہ ٿي، اها زندگي اجائي آهي.
- جنهن تن مان ڪو ڪارج نہ ٿيو، اهو تن اجايو آهي.

— سرڳواسي رام بي. موٽواڻي

Space donated by :

Mohan Keswani

Block No. 14/108, Anandnagar,
Santacruz (E), Bombay-400 055.
Phone : 6125391

With Best Compliments from

GIRISH WINES

Ulhasnagar-2.

☎ 540309

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

MURLI ROHRA
Proprietor

MURLI BUILDERS

Registered Govt. Contractors

Head Office :

112, New Prince Market, 1st floor, Ulhasnagar-3.

Office : 73251

Gram : MURLIBUILD

Residence : 23/B, Hira Co-op. Housing Society,
Opp. Old Telephone Exchange, Ulhasnagar-3.

Resi. : 70775

STD Code : 0251

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

Assandas Chanchlani

Municipal Councillor

Ulhasnagar Municipal Council
ULHASNAGAR

Indra Bhavan, Near Old Telephone Exchange, Ulhasnagar-3.

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

N. R. RAJPAL
B. E. (Civil)

Akash Deep Constructions
Raj Deep Constructions
Rajpal Builders P. Ltd.

Off. 202, Big Splash, Sec. 17, Vashi,
New Bombay-400705.

☎ 7672381–7685592–7661494–664932

WITH BEST COMPLIMENTS FROM,

M/s. MOTIRAM BUDHARMAL

GOVT. CONTRACTORS

5/4, Hira Co-op. Hsg. Society, Ulhasnagar-3.
Tel. : 551759, 551830

Motiram Budharmal
Bk. No. 748,
Ulhasnagar-2.
Tel. : 540540-549540

Assandas Budharmal
3, Hira Co-op. Society,
Ulhasnagar-3.
Tel. : 550427, 551830
551773

With Compliments from

M/S. BHAWANI BUILDERS

Builders & Govt. Contractors

M/s. Bhawani Saw Mill Compound, Ulhasnagar-3.

Tel. Off. 75104 Resi. 71444 & 76800

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

Pahlumal Chetandas Vaswani

Ex. Municipal Councillor

Ulhasnagar–3.

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

A WELL WISHER

With Best Compliments From :

SUNIL ENTERPRISES

We deal in COMPUTER HARDWARE & PERIPHERALS
We undertake SERVICE CONTRACS

Branch : Empire House, 3rd Floor, Dr. D. N. Road,
Bombay-400 001. Phone - 2029823-2049822-2042025

Head Office : Shop No. 494, Main Road, Ulhasnagar-2.
Tel. 542120

KAMAL CHANCHLANI

With Best Compliments From :

Dulhan Jewellers

5, Shivsagar Complex, Goal Maidan, Sindhunagar-1.
☎ 71919

With Best Compliments From :

UDHARAM AHUJA

Advocate High Court

President : Sindhu Education Society
President : Journalist Association
Ex President : Ulhasnagar Municipal Council
President : Bar Association, Ulhasnagar
Past President : Rotary Club, Ulhasnagar-3.

Sati Apartment, Sati Udharam Ahuja Marg, Ulhasnagar-3.
Phone 70331

WITH BEST
COMPLIMENTS
FROM

INDUS
Advertising Agency

5-E, Naaz Building, Lamington Road,
Bombay–400 004.

Publicity Representative :

Indian Railways, Hoardings, Translites & Posters

WITH BEST COMPLIMENTS FROM

NATIONAL GAS AGENCIES

Dealers in :

Oxygen, Acetylene, Nitrogen

Head Office :

2, Sai Darshan Society, R.K.T. College Road, Ulhasnagar-3.

Tel. 550849-551714

Godowns :

1) Kalyan Amb. Road, Near Hanuman Mandir, Ulhasnagar-3.
Phone 72866

2) Laxmi Niwas, Opp. Ajit Weight Bridge, Kalyan Sheel Road,
M.I.D.C. Dombivli (East). Phone 466656

3) 5, Laxmi Narayan Shopping Centre, Kalyan Badlapur Road,
Ambernath. Phone : 583915/2715

ڪابہ جڳهہ وٺڻ ۽ وڪڻڻ کان اڳ اسان جي
آزمودي جو فائدو وٺو

روبرو ملو

مدن رهيجا سان

رهيجا

هائوسنگ ايجنسي

شاپ نمبر ٣، سويٽي اپارٽمينٽ، گول ميدان،
الهاس نگر - ١.

آفيس : 544290 ☎ گهر : 543590

اسان وٽ جڳهيون، فليٽ، پلاٽ، گودائون،
آفيسون، ڪارخانن لاءِ شيڊ موجود آهن

ملڻ جو وقت :
صبح جو ١٠ کان ٢ تائين — شام جو ٥ کان ١٠ تائين

With Best Compliments from

☎ 544151, 543667
Resi. 550065

SATYAM
SELECTIONS

★ **Suiting Shirting** ★ **Citizen Watches**
★ **Electric Gift Items & Fancy Readymade Shirtings**

Prop. ANNU MANWANI

28, Gajanand Market, Ulhasnagar-2.

M-5 (M.106)

سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ

(سنڌ جو سفرنامو)

000039

گوبند مالهي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
٩٠، اڪشي مارڪيٽ، الهاسنگر – ٣

With Best Compliments From

Gram : NAVJVNBANK Phone : 73847

The Navjeevan Co-op. Bank Ltd.

(Regd. No. TNA/ULR/Bank (0) 101/84-84 Date 14-2-85)
Regd. Office : Bhawani Saw Mills Compound,
Ulhasnagar-3.

— We pay 1% higher rate of interest than that offered by Nationalised & Commercial Banks on all types of deposits.
— We extend Financial Assistant to retail / small traders, professionals, self employed, transport operators, Small Scale/Tiny Industries & other priority sectors.
— Deposits upto Rs 30,000/– in respect of each depositer are fully protected by the Deposit Insurance & Credit Guarantee Corporation Bombay.
— Safe deposit locker facility available.

Sital Harchandani (Ex. MLA)
Special Executive Magistrate
Chairman

Managing Director
Bacho Rupchandani
Municipal Councillor

Udho Mirani
Vice Chairman

G. P. Ahuja
Manager

۱- " تو جني جي تات ، تن پڻ آهي تنهنجي "

مونکي بالڪل چٽيءَ ريت ياد آهي. آگسٽ ۱۹۸۹ جي ستين تاريخ سنڌ مان سنڌيءَ ۾ ٽائيپ ٿيل هڪ دعوت نامو مونکي مليو.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي ليٽرهيڊ تي پارنهين جولاءِ تي لکيل هو:

بابت :- سچل بين الاقوامي ڪانفرنس.

سائين :-

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن پاران ۹-۱۱ نومبر ۱۹۸۹ تي ڪراچيءَ ۾ بين الاقوامي سچل ڪانفرنس منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي.

اوهان سچل سائينءَ متعلق گهڻو تحقيقي ڪم ڪيو آهي. اسان لاءِ اها فخر جي ڳالهه ٿيندي ته اوهان اسانجي نمائٽي هن سڏ تي لبيڪ چئي هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو ۽ پنهنجو مقالو پيش ڪيو.

مهرباني ڪري پنهنجي مقالي جو اختصار، پنهنجي بايو ڊيٽا ۽ تازي پاسپورٽ سائيز فوٽوءَ سميت اسانکي جلد عنايت ڪندا ته جيئن اُن موقعي تي شائع ٿيندڙ سوڪڙيءَ ۾ ڇاپي سگهون.

تحقيقي مقالا ڪتابي صورت ۾ شائع ڪرڻ جو به پروگرام آهي.

اميد ته اوهان اسانجي گذارش کي مان ڏيندا.

پرخلوص صدي :

ممتاز علي ڪلهوڙو (سيڪريٽري جنرل)

سلسلو

صفحو

۱- تو جڏي جي تات ۹
تن پڻ آهي تنهنجي

۲- دل تنهنجي منهنجي ۳۹
هڪ آ

۳- سچُو، سچ تو ٻولي ۵۱

۴- سنڌ جي ڌرتي ۶۹
توتي سيس نوايان

۵- جيئي سنڌ، ۹۷
سدا جيئي سنڌ

Sindhi Vya Sind Disan

By: GOBIND MALHI

SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market
Ulhasnagar-3
Phone: 544100

Published by:
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times
Publication

Printed by:
INQLAB Printing Press
Ulhasnagar-3 (Phone 70066)

Sole Agent:
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar-2. (Phone: 54055)

Price: Rupees Forty only

Year: October 1993

هو منهنجي درخواست پاڪستان جي ايلچيخاني کي موڪلي رهيو آهي ...

۽ ٿورا مهينا پوءِ دهليءَ ۾ آئيورس ڪلب جي ڪانفرنس ۾ اندر ڪمار گجرال مونکي روبرو ڳڏيو. هو ان ڪانفرنس جو مهورت ڪرڻ آيو هو. چانهه جي دوران ۾ مان پنهنجي سنڌي سائين ڳڏي سامتاڻيءَ، ايشور ڪومل، موتي لال جوتواڻي ۽ ڪن ٻين سان اينئو هوس جو اندرڪمار مون طرف وڌي آيو. دستوري خوش خير و عافيت ڪانسواءِ چيائين، ”مالهي، مونکي خبر نہ هئي تہ تون ايڏو خطرناڪ ماڻهو آهين. پاڪستان جو ايلچي خانو ٿو چوي تہ تون پنهنجي پروگرامن ۾ پاڪستان جي ٽٽڻ جو آسرو ڏيندو آهين.“ پوءِ چيائين، ”تنهنجي گروپ سنڌ وڃڻ چاهي تہ مان ڪوشش ڪندس، اُن جي پاڪستان ۾ سلامتيءَ جي مان خاطري ڏيئي سگهان ٿو...“

منهنجي گروپ، منهنجي ڳڏ نہ وڃڻ تي، سنڌ ۾ ڇا وڃي ڪندي؟ منهنجو مقصد صرف وندر مهيا ڪري ڏيڻ تہ نہ رهيو آهي، سنڌيت جو اڀياس ۽ ڦهلاءُ بہ تہ رهيو آهي. ڀڳونتي ۽ ٻيا ڪلاڪار اهو ڪري نہ سگهندا. مون آسرو لاهي ڇڏيو.

جڏهن جنتا پارٽيءَ جي راڄ ۾ ايل. ڪي. آڏواڻي سوچنا ۽ پرسارڻ منتري ٿيو تہ وري مون ڪوشش ڪئي. هن پهري آڏواڻي صاحب کي چيم، ”ارادو اٿم، هيمون ڪالاڻي فلم ڪيڻ جو. هيمون ڪالاڻي فلم لڳنڍ سڀائون پل ۽ سکر جي لوڪيشن بنا ڪئن ڪيان؟ صرف ڇهن لاءِ عارضي ويزا ڏني ڏيو: نائڪ، ڊائريڪٽر، ڪئمرامئن ۽ هڪ اسسٽنٽ جي.“ آڏواڻي صاحب چيو، ”ناممڪن ڳالهه ٿو ڪرين. اجازت ملندي ئي ڪانہ.“

پر دفعا ڪنهن ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت آئي. هڪ

سچ ٿو چوان، خط ملڻ تي مونکي خوشي ضرور ٿي ۽ دل
۾ گهڻي جنبش پيدا ڪانه ٿي.

سنڌ ڇڏڻ کانپوءِ ١٩٤٧ جي ڊسمبر ڪانوٺي ڇڏجي ڪٽي ته
سنڌ وڃڻ لاءِ مان تڙپندو رهيو آهيان. جنوريءَ ١٩٤٨ ۾ وري
واپس وڃڻ لاءِ جوڌپور تائين پهتو ئي هوس ته حيدرآباد ۾
فسادن ڪري، رڪجي پيس. پوءِ ته خبر پيئي ته ڪراچيءَ ۾
منهنجا سڀ ڪميونسٽ ساٿي اٽاريءَ، سوبو گيانچنداڻي،
اي. ڪي. هانگل، ڪيرت ٻاٻاڻي، عيدشي وديارٿي ۽ ٻيا
پاڪستان سرڪار ڪاٽ ۾ وڌا هئا. آڳي باقي جو ٢ فبروريءَ
تي ڪراچيءَ ۾ ته فسادن پڙڪو ڪاڏو ته مون سنڌ وڃڻ جو خيال
لاهي ڇڏيو.

پوءِ ته مون پاڪستان جو وجود ۽ سنڌ جو هند کان الڳ
هجڻ ذهني سطح تي قبوليو ئي ڪونهي. مون جي. ايم. سيد
جي سنڌ ۾ هجڻ وقت ئي ڏنل خاطري ته "سنڌ دنيا ڀر جي
سنڌين لاءِ محفوظ رهندي" تي اعتبار ڪري سنڌ سان واسطه
رهڻ جي صلاح پئي ڏني آهي – تقريرن خواهه تحريرن معرفت،
ڪلاڪار منڊل جي سنگيت گروپ جي پروگرامن ڀارت ۽ ڀارت
کان ٻاهر يگونتي ناواڻيءَ ۽ سترام روهڙا، سريندرڪمار جي
آوازن ۾ ڪرشن راهيءَ جا ڏوهيڙا سنڌ ۽ سنڌي پئي پيش
ڪيا ۽ پڪاريءَ جو اهو ڀاڳ پئي ڀانيو ته ايندڙ جيڻي جنم
سنڌ ۾!

مون سملا سمجهوتي جي ماتحت اها ئي ڪوشش ڪئي ته
ڪلچرل ايڪسچينج جي قرار موجب منهنجي ڪلاڪار منڊل
کي سنڌ ياترا جي اجازت ملي. ان وقت منهنجو سنڌ جو
ساٿي آءِ ڪي. گجرال ٻاهريئن معاملن جو راجيه منتري هو.
هن کي آفيشل درخواست ڪيم ته هن لکيت ۾ خاطري ڏني ته

ايندو هو. منهنجي جواب ڏيڻ کان پوءِ جي پهرئين بندر تي ئي سوال ڪيائين، ”مالهي، تو وٽ دعوت نامو آيو آهي، سچل ڪانفرنس جو؟“ پوءِ شايد سمجهي ورتائين ته جي وٽس آيو آهي ته مون وٽ به آيو هوندو. پڇيائين، ”تو ڪهڙو جواب ڏنو آهي؟“

مون به پنهنجي ڳالهه نه ڪري چيومانس، ”ها لکي ڇڏ.“

”مان هلندس جيڪڏهن تون هلندين.“

”جڏهن جا ميڙهن تڏهن جا ڏيڍهن.“

سنڌ سفر بابت وڌيڪ نه ڳالهايوسين.

هر بندر تي گڏ ئي رهياسين پر سنڌ سفر بابت ڪونه ڳالهايوسين. مون اهو به ڪونه پڇيومانس ته هن جواب ڏنو يا نه. ڳالهه درگذر ٿي وئي.

اوچتو سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ يا آڪٽوبر جي اڳياڙيءَ ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جو پيون خط مليو. ١٤ سيپٽمبر تي لکيل هو:

جناب گوبند مالهي،

توهانجو ڏهه آگسٽ تي لکيل خط ٣٠ آگسٽ تي پهتو، توهانجي وڏي مهرباني جو سچل انٽرنيشنل ڪانگريس ۾ شرڪت ڪرڻ قبوليو آهي.

اسان ان سلسلي ۾ حڪومت پاڪستان کي لکيو آهي انشاءَ الله وقت اچڻ تي ويزا وغيره ملڻ جي تڪليف نه ٿيندي.

توهانجي مقالي جو انتظار رهندو. ان سان گڏ پنهنجي بايو ڊيٽا تصوير سميت موڪليندا. ساڻ سدائين قائم.

صحي: ممتاز علي ڪلهوڙو
(سيڪريٽري جنرل)

دفعو منظوري موڪليم، ٻوءِ نه، قوت نه ٻوت، ڪي همراهه
ٿي آيا. مان جتي جو اتي رهيس.

هن ڀيري ڪهڙو ٻئي هنڌان سج اُڀرڻ وارو آهي؟ مون
خواهش جو گلو ڀريندي ٿي دٻائڻ مصلحت سمجهيو.

پر ... ها، اها پر گهٽو ڪي اُٽو سلٽو ڪندي رهي آهي،
هر ڪنهن جي جيون ۾، منهنجي ۾ به.

منهنجيءَ ننڍي ڌيءَ، اُن رات ئي، اهو خط ڏٺو ۽ پڙهيو.
هوءَ منهنجي نراسائن ۽ اُن جي منهنجي دل تي اثر کان به
ڀلي ڀت واقف هئي. چيائين، ”سمجهو، ڳالهه اِن دعوت کان
وڌي ٿي. اوهانجو ڪجهه ويندو؟ ”ها“ لکي ڇڏيو، مقالو
لکو نه لکو، وڃڻ جي ٻڪ لکو.“

مون چيو، ”ويندس ته مقالو ضرور لکندس، نه ته نه. اڳئين
سال ساهتيه اڪادميءَ طرفان آديپور ۾ سڏيل ٿي سيمينار ۾
ڪي (key) مقالو منهنجو هو. اهو ”مرڪ“ ۾ ڇپيو به آهي.
اهو پڙهندس. زنده ليکڪ هڪڙ ڪري لکندس نئين سر،
وڌيڪ وڌو... پر ڀرين سوچيان ته ”ها“ لکان يا نه.“

هن تاهوت لڳائي ڏني. ٽئين ڏينهن هجت پائي چيائين،
کڻو قلم ۽ لکو، ”اچان ٿو.“ هن اپروگرام مون طرف وڌايو.
هوءَ پوسٽ آفيس مان وٺي آئي هئي.

مون شرڪت ۽ مقالو لکڻ جو ٻئو واعدو لکيو. مون صحي
مس ڪئي ته هن جهپ هٺي اهو ورتو.

دعوت نامو ٽائيپ ٿيل هو ۽ مٿان صرف ”سائين“ لکيل
هو، نالو ڪونه هو، ظاهر هو، گهڻن ٻين کي به دعوت ڏني
وئي هئي، مون اها جاچ ڪانه ڪئي ته اهي ٻيا ڪهڙا
ڪهڙا هئا.

ٽن ڏينهن هر ٻدر تي نارايڻ پارتي فوت ۾ مون سان ملڻ

سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن (سگا) جو آرگنائيزنگ سيڪريٽري سليمان شيخ هو. اکيو هئائين :-

پيارا سائين!

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جا ساٿي اوهانجا دل جي اونهاين مان ٿورائتا آهن جو اوهان اسانجي نمائندي ٿيڻ کي قبوليت جو درجو ڏنو ۽ سچل سرمست بين الاقوامي ڪانگريس ۾ شريڪ ٿي سنڌس سوڀيا ۾ اضافو ڪرڻ قبوليو آهي.

اوهان کي اهو ٻڌي سرهائي ٿيندي ته هن ڪانگريس جو افتتاح محترم بينظير ڀٽو، وزير اعظما پاڪستان جي ڪرڻ قبول فرمايو آهي. انهيءَ ڪري پروگرام ۾ ٿوري تبديلي آندي وئي آهي ۽ هاڻي اها ڪانگريس ٢٦ نومبر ١٩٨٩ ڏينهن آچر شام جو ۴ وڳي کان ڪوٺائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ۽ هن ڪانگريس جو پروگرام ٻن ڏينهن لاءِ رٿيو ويو آهي.

پشپا پڇيو، "هاڻي ته پڪ ٿيو؟"

"ها، پڪ ٿي آئم ته ڪانگريس ٿي رهي آهي."

"۽ اوهان وڃي رهيا آهيو..."

"اها پڪ جهاز ۾ چڙهڻ بعد ٿيندي."

هن کلي چيو، "پڪ جهاز ۾ چڙهڻ سان به نه، ٿيندو. اها ٿيندي ڪراچي ايئرپورٽ تي لهڻ تي."

"شايد تڏهن به نه، پاڪستان سرڪار موڪلي Unwanted چئي ايئرپورٽ تان واپس به موڪلي سگهي ٿي."

پشپا ڳالهه وڌائڻ نه چاهي.

"ناراض پارٽيءَ چتايو، عين موقعي تي ڦري نه وڃجانءِ."

مان اڃا به وڌيڪ پڪ جو انتظار ڪندو رهيس، من ٿئي من ۾.

نيٺ ٣ نومبر تي ڪراچيءَ مان ممتاز علي ڪلهوڙي جي

پشپا خط پڙهيو ۽ پڇيو، "مقالو لکو پيا."

مون چيو، "في الحال ته "مرڪ" جو اهو پرچو ٿو موڪليان جنهن ۾ آديپور جي سچل سيمينار ۾ منهنجو Key paper ڇپيو آهي."

هن ٽهڪ ڏنو. چيائين، "تنهنجي معنيٰ، اوهانکي اڃا به ڍڪ ڪانهي."

مون ڪڇيو ڪونه، سچ پچ اڃا مونکي يقين نٿي آيو. هوءَ به واقعي چانهه جي پيالي وچ رڪاوٽ ٿي هري وئي آهيان، ڪيترن ڳالهين ۾، هن حالت ۾ ته چانهه اڃا پيالي ۾ پيئي ٿي ڪٿي هئي؟ صرف دلاسو هو.

پتر ٿي پارٽي گذري. هوءَ بيحد خوش هو. چتايائين، "ائين ته ڪاڄ جو عين موقعي ٿي ڦري وڃين."

مون مرڪيو ۽ چيو، "انشاءَ الله، تنهنجي دل ۾ دميل ديگڙا لاهيندس ڪونه."

هڪ پتر گذريو، پيون ٻه گذريا. پتي پيرا هن پڇيو، "ڪر خبر، سنڌ جي..."

مون پتي دفعا هنکي اڌ ۾ ڪٽي چيو، "سانگيئڙا اڃا ته سانت آهن."

منهنجي پنهنجي آشا ڏينهون ڏينهن وڌندڙ هئي، مونکي وڌيڪ احوال جو انتظار هو. پر مان پارٽيءَ سان ان بابت اپٽار ڪرڻ کان نٽائي رهيو هوس، ڪٿي منهنجي دل جو ڀيد نه نٽي پوي، پشپا روز ٽپال ڏسندي هئي، مون سان سنڌ بابت نه ڳالهائيندي هئي. پوءِ به هوءَ آسائتي هئي، ڪنهن احوال جي اوسيئڙي ۾ هئي، گويا مون پاران.

خط آيو نه. هن ڀيري صحي ڪندڙ ممتاز علي نه هو،

پشپا شرارتي مرڪ مرڪندي چيو، "سو اوهانجو سپنو ساڪار ٿي رهيو آهي!" شوڀا هٿ وڌائي چيو، "سنڌ وڃڻ جون واڌايون." ستيه چيو، "مون لاءِ ڇا آڻيندا؟" منهنجي منهن تي وري نراسائي نمايان ٿي. پشپا چيو، "ايڏا نراس آهيو! مان تار ڪري ٿي اچان." مون چيو، "اڄ موڪل آهي." چيائين، "ارجنٽ تار ته ويندا نه." ڄڻ هوءَ خود هوائي جهاز پڪڙڻ جي تڪڙ ۾ هئي. ڪاڌو ميز تي اچي چڪو هو.

هن پنهنجي موٽر سائيڪل کڻي ۽ هلي وئي. ڀڳونتي ناواڻيءَ جي اوچتي ۽ اڻوقتي ديهانت بعد هوءَ منهنجي وڌيڪ ويجهو اچي وئي هئي. هن جي جيون جو گويا اهو مقصد بڻجي پيو هو ته هوءَ گهر ۾ منهنجو هر طرح خيال رکي ۽ ٻاهر منهنجي ڪارج ۾ منهنجو گهڻو ساٿ ڏئي.

هوءَ تار ڪري موٽي ته بالڪنيءَ مان ئي پڇندي آئي، "سنڌ ۾ ڇا ڇا کڻي ويندا؟" ۽ ستيه پنهنجو سوال الائي ڪائون دفعو دهرايو، "دادا، مون لاءِ ڇا آڻيندا؟"

انتظار مٺو به، من ئي من ۾ ستائيندڙ به. ۽ مان وري وري دل کي نراسائيءَ لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ ڪيترائي نراسائيءَ جا واقعا دل ئي دل ۾ دهرائڻ لڳس. پوءِ به ... پوءِ به دل جي هڪ تند سان آس ٻڌي رهي.

١٩ نومبر تي وري منجهند ڌاري ڪراچيءَ مان سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽريءَ ممتاز علي ڪلهوڙي جو فون آيو، "اسانکي ڇهن ڄڻن جون ٽڪيٽون مليون آهن. انهن مان هڪ اوهانجي آهي. باقي همراهن کي اطلاع ڏيندا ته ٽڪيٽون اتان خريد ڪري پهچن ضرور. اسان هٿ ڀري ڏينداسين." مون پڇيو، "ٻيا ڪهڙا همراه

فون آئي: سورهن ڄڻن جو ڪليئرنس مليو آهي. هنن جي پاسپورٽن جا نمبر ۽ ٻيا تفصيل موڪلرايو- تار رستي، بمبئيءَ مان اوهان ۽ گورڌن پارٽي، الهاسنگر مان نارائڻ پارٽي، انبور مان ڪرشن ڪنوالي، اڙودي مان آنند ٺهلراماڻي، جئپور مان لڇمڻ پنجاڻي، بمبئيءَ مان ٽيرٿ سپاڻي ۽...

فون ڪٽجي ويئي. وري نه آئي. لڳي ٿي ڪانه، شايد.

مون مٿين نالن وارن سڄڻن کي فون ڪئي، لڇمڻ پنجاڻيءَ جو فون نمبر ڪونه هو. مون سندر اگناڻيءَ کي فون تي ٻڌايو ڏنو. لڇمڻ مونکي فون ڪئي ۽ پڇيو، "ڪملا گوڪلاڻيءَ جو نالو نه آهي؟" مون چيو، "فون ڪٽجي ويئي. وري نه آئي آهي."

گورڌن پارٽيءَ کي سڀ. ارجن، ٺاڪر چاولا ۽ هن جي ڀاءُ مرليءَ معرفت چيائيو ته هو پاسپورٽ نمبر ممتاز ڪلهوڙي کي موڪلي ۽ مونکي فون ڪري. هنجو نه مون وٽ فون آيو نه ڪلهوڙي وٽ پاسپورٽ جا تفصيل پهتا."

١٤ نومبر تي ممتاز عليءَ جي تار پهتي. مطلب ڪجهه هن ريت هو.

٢٦ نـومبر کان سچل ڪانگريس جا سڀ انتظام مڪمل. اچڻ جي تار ذريعي پڪ لکو.

اهو ڏينهن جواهرلال نهروءَ جـي جنم شتابديءَ جو ڏينهن هجڻ ڪري منهنجي وڏي ڌيءُ شوڀا، منهنجو ناٺـي ديپڪ ۽ ڏهن سالن جو ڏوهٽو سنير، منهنجي گهر آيا هئا. پشپا اڳ ئي موڪل جي موڊ ۾ هئي، گهر ۾ اڳ ئي هڪ قسم جو هنگامو جاري هو. وچتر جو اها تار آئي ته خوشيءَ واري ڏينهن تـي خوشيءَ ۾ اڃا به اضافو اچي ويو. منهنجو من ته سرهو ٿيو ته اها سرهائي منهن تي به هلي آئي.

تي ڳالهايو ته اُتي هري موٽائي سنڌي ۽ ويٺو هو. هُو مون کان وڌيڪ خوش ۽ منهنجي سنڌ وڃڻ لاءِ وڌيڪ اُساهت ٿي ويو. چيائين، ”هر ڳالهه ۾ منهنجو اوهان سان مڪمل سهڪار رهندو.“

ٻئي ڏينهن يعني منگل ڏينهن منهنجي پرڀات منهنجي گهر ڀٽيءَ مان ڪنهن فون ڪئي: اُن ٽن ڄڻن جون ٽڪيٽون ٻڌر ڏينهن هٽيڪي ماٿوءَ هٿ ٻمبئيءَ ۾ اوهانکي ملنديون. جن جون نه آهن، اهي ۽ ٻهچن، پاڙو هٿ ٻري ڏنو ويندو.

اُن ئي ڏينهن شام جو هريءَ ۽ پشپا جاچ ڪري ورتي ته ويزا هر حالت ۾ دهليءَ مان وٺڻي آهي. هري ويزا جي درخواست جي هڪ ڪاپي ۽ هٿ ڪري ورتي. مون رات جو نارائڻ پارٽيءَ کي فون ڪئي ته هو چار پاسپورٽ سائيز فوٽا ۽ پاسپورٽ ٻئي ڏينهن کڻي اچي. ٻڌر هونءَ ۽ اسانجي گڏجڻ جو دستوري ڏينهن هو. ويزا ڪٿان ٿي ملي، چار چار فوٽا اسان اڳ ۾ ئي ڪڍائي رکيا هئا. مون ان وچ ۾ گوورڌن پارٽيءَ کي هن جي پاڻ مراريءَ معرفت فون تي نياپو موڪليو هو. ناڪر چاولا کي ۽ چيو هوم. مگر گوورڌن وٽان ڪو به سماچار نه آيو هو.

ٻڌر صبوح جو هڪ ٻئي پٺيان ٻه فون ڪال آيا. پهرئين ۾ ٽڪيٽون آئيندڙ همراه جو ٻمبئيءَ جو فون نمبر مليو ۽ ٻئي ۾ ٽڪيٽن وارن جا نالا. ٽڪيٽون اچڻ واريون هيون ٻمبئيءَ مان هوائي جهاز ۾ چڙهڻ لاءِ منهنجي، ڪرشن کٽوائي، گوورڌن پارٽيءَ، نارائڻ پارٽيءَ ۽ آنند ٽهلراماڻيءَ جي؛ دهليءَ مان چڙهڻ لاءِ مرليڌر جيٽلي، قيمت هريسنگهاڻي ۽ لڇمڻ پنياڻيءَ جي. ان فون ڪال ۾ اهو ۽ ٻڌايو ويو ته ويزا جي ڪليئرنس اسلام آباد مان دهليءَ جي پاڪستان ايلچي خاني ۾ موڪليل

آهن.“ ممتاز اڳيان لسٽ نہ هئي. يادگيريءَ مان چيائين، ”گووردن پارٽي، آئيرٽ سيالٽيءَ اوهان امبئيءَ مان، جئپور مان لڇمڻ پيپاڻي، اڙودي مان آنند نهالاڻي، انبور مان ڪرشن کٽواڻي، دهليءَ مان مرليڌر جيٽلي، وينا شرنگي، درحقيقت وينا وٽ اسانجي دعوت ڪانہ آهي. هن دهليءَ مان ٽڪيٽ ورتي ڇڏي آهي. پيءُ آهي هنجو سنڌ ۾، الهاسنگر مان نارائڻ پارتي. هن کي چوڻو آهي تہ ٽڪيٽون نہ اچن تہ ٽڪيٽون وٺي اچي ڏيڻ. اسين کين هٿ خرچيل رقم مجرا ڪنداسين.“ وري چيائين، ”وينا شرنگي بہ اسانجي دعوتي ٿيندي.“

منهنجي من ۾ شاه جي سٽ ڌرجي وئي:
پڇن سي ميهار کي، پڇي سي ميهار.
يڪايڪ ٻي هڪ سٽ بہ ياد آئي؛
جني اڄ اندر ۾، ڀاڪي اچيو ان کي.

مون سوچيو، ”واقعي، جي مارئي ماروئڙن سان ملڻ لاءِ آئي رهي آهي تہ ماروئڙا بہ هن سان ملڻ لاءِ بيقرار آهن. فرق اهو آهي جو هوءَ مارئي قيد هئي، اسين جدا آهيون.“

۽ چاڙهي بہ ڏيگهہ اٿائون؛ جيترا اچي سگهن، اچن. پاڪستان سرڪار وري ايترا پارٽي سنڌي گهرائڻ جي اجازت ڏيندي ڪانہ، پيلي، موقعو چڱو نہ، موقعي جو پورو پورو فائدو وٺجو...

مون جن کي فون هئا ان کي سڏو ۽ جن کي فون نہ هئا سندن مترن يا مائٽن معرفت فون تي اهو پيغام پهچايو. اها رات مونکي ڪافي دير سان ننڊ آئي.

مون تي اهو اثر رهيو تہ جي ٽڪيٽون ڪراچيءَ مان ٿيون اچن تہ ويزائون بہ اتان ايندئون. مون جو سياڻيءَ سان فون

مونکي پريشان ڪري رهي هئي. پشپا پوءِ پڇايم ته مان وائڙو وائڙو ڪوهيل ڪوهيل پئي لڳس. هريءَ سنڌ بابت ڳالهايو پئي ۽ سنڌ جا نظارا منهنجي ذهن ۾ تازا ٿي پئي ويا - ڪو سلسلو ڪونه هو، پوءِ به ڪو ڳنڍڻ ضرور هو، ڇڙوڇڙ يادگيرين وچ ۾. سوڀي گيانچنداڻيءَ جي ياد، اياز جي ياد، لاڙڪاڻو، سکر ۽ وچ وچ ۾ منهنجو ڳوٺ، گدو، عارف شاهه ۽ عجيب شدت هئي يادن ۾ ... ۽ فون ڪرڻ جو سلسلو ... ڇهين بجي ڌاري مردانو آواز آيو، "هڪ ٿلهو لفافو مسٽر گوبند مالهيءَ جي نالي آندو اٿم."

عجيب ڦڙتي اچي وئي ڇنڊي ۾، منهنجي ته دل جي ڌڙڪڻ به تيز ٿي وئي، يڪايڪ. ٽئڪسي ڪري وياسين مليل ائڊريس تي. ٿوري دير جاءِ ڳولهڻ ۽ پڇا ڪرڻ ۾ لڳي. اها به ڪافي وڏل پاسي. ٽڪيٽون مليون، اهي تسليءَ سان گڏ به جوابداريون کڻي آيون. دهليءَ ٽڪيٽون ڪيئن موڪلجن؟ رات قيمت هرپسنگهاڻيءَ جو فون آيو هو، "منهنجي ٽڪيٽ نه هوندي. اها دهليءَ جيٽلي کي موڪلجو." هن جي ٽڪيٽ واقعي آئي هئي. پر جوابداري هئي ته ويزائون گهٽ ۾ پارٽيءَ ۽ منهنجي لاءِ ڪيئن وٺجن، دهليءَ مان؟

هريءَ جي صلاح سان طئي ڪيوسين ته دهليءَ جون ٽڪيٽون هن جي واقف سنڌيءَ جي ڪوريئر سروس معرفت دهليءَ موڪلجن، پاسپورٽ ۽ ويزائن لاءِ درخواستون به هنجي ڪنهن ماڻهوءَ هٿ دهليءَ موڪلجن. ڏٽيءَ سان هن جي گهر هن جي آفيس مان ٿي فون تي ڳالهايوسين. چيائين، "ٽڪيٽون دهليءَ جي ائڊريس ۽ چارجز سان اوڏي مهل ٿي آفيس ۾ ڏيئي رسيد وٺي وڃو. باقي پاسپورٽ ۾ ويزا لاءِ

آهن. تيرٿ سڀاڻيءَ جي فون اچڻ تي مون هن کي اهو سماچار ڏنو. سڀاڻي بيحد نراس ٿي ويو. هُو به سنڌ ڏسڻ لاءِ اُتساهت هو. هن مقالو به موڪلي ڏنو هو. هن موهن پنجابيءَ کي چيو، ”دهليءَ مان پتو ڪيو ته ويزا ڪليئرنس سندس نالي آيو هو يا نه.“ جي پاڪستان طرفان ڀارت ۾ ايلچيءَ نياز محمد نائڪ سان گهري واقفيت هئي. هُو پاڻ، آنند آهوجا ۽ ڪن ٻين مترن سان ٿورو وقت اڳي سنڌ گهمي آيو هو. موهن کي ايلچي خاني مان پتو پيو ته تيرٿ لاءِ ڪليئرنس آيل ڪونه هو، هيڪاري ويزا لاءِ اڳ ئي موڪليل سندس پاسپورٽ دهليءَ مان پوسٽ رستي بمبئيءَ لاءِ روانو ٿي چڪو هو! منهنجي انتظاري به وڌيل هئي. مون به موهن کي دهليءَ مان پڪ ڪرڻ لاءِ فون ڪئي. چيائين، ”ايلچيخاني وارن انهن جا نالا ڪونه ٻڌايا جن لاءِ ڪليئرنس آيل هو.“ هن منهنجي چوراڪورا پاڻهي ورتي هئي. ڪلهي چيائين، ”دلجاءِ ڪر، تنهنجي ڪليئرنس ضرور آئي هوندي.“ ڀوءِ به منهنجي دل جاءِ نه هئي.

ٻڌر يعني ٢٢ نومبر تي پارٽيءَ، مون ۽ هريءَ فورٽ ۾ آر. ڪي. سڌوا اسٽريٽ جي هڪ ريسٽارنٽ ۾ دائو ڪيو، اَڌ اَڌ ڪلاڪ کانپوءِ پشپا به پنهنجيءَ آفيس مان آئي پئي. رکي رکي ڪراچيءَ مان مليل فون نمبر پيا لڳايون ڦيري ڦيري سان جواب پئي مليو: فلائيٽ اچي پهتي ڪانهي. انڌن روزا رکيا هئا ته ڏينهن به ٿيا هئا وڏا. اسان لاءِ به انتظار جون گهڙيون وڌنديون ٿي ويون. منهنجي دل وٺي پئي سسندي. هري سنڌ جا آزمودا ٻڌائيندو رهيو. مان دل ئي دل ۾ آس نراس وچ ۾ غوطا کائيندو رهيس. ٽڪيٽن جي اچڻ جو آسرو مليو هو، اُن ۾ جا دير پئجي رهي هئي، اها من ئي من ۾

"او. ڪي." اسٽي في الحال سلامت رکائي ڏني. مون پاڪستان ايمبئسيڊر ڏانهن ٽيليڪس جي ڪاپي ان. پشپا کي ڏني ۽ ايلچي يا هن جي ويزا انچارج سان ته فون تي ڳالهائڻ جي خاطري ڏني. اُن ڏينهن پشپا جي راجڌاني ايڪسپريس ۾ ويهڻ ۽ هتان جي انڊين ايئرلائينس جي آفيسر ارجن موٽوانيءَ معرفت پٺي ڏينهن هوائي جهاز ۾ واپس وڃڻ جو انتظام به ٿي ويو. هڪ اتفاق سان هريءَ جي دوڪان تي اوڏي مهل اچي نڪتو هو جيڏي مهل پشپا اُتي وڃي هئي. هريءَ پشپا کي پنهنجي ننهن جا ٻه وڳا به دهليءَ لاءِ ڏنا ته منهنجي وڏي ڌيءُ شوڀا لاءِ وچم آفيس مان موڪل وٺي، گهر وڃي پشپا جا ڪپڙا کڻي گاڏي ڇٽڻ کان اڳ، ٻامبي سينٽرل اسٽيشن تي پهتي. ننهن جا ڪپڙا هريءَ کي هنجي گهر وڃي پهچائي- آئي - وٽ ٿينڪس.

اَڄ جڏهن هيءُ سڀ ڪجهه لکيو اٿم، نٿين سر اڳيم پيو، اُن ڏينهن جيڪي ڪجهه ٿيو اهو زندگيءَ ۾ گهٽ، ڪنهن قصي ڪهاڻيءَ يا فلم ۾ اڪثر ٿيندو آهي. هل هلان ۽ ٿيڻ ڪاميابيءَ جي راه تي!

خير، دهلي اُڃا دور ٿي هئي.

مان پشپا کي راجڌاني ايڪسپريس تي اماڻي گهر پهتس مس ته ڪراچيءَ مان فون آيو: "اٿم، سندري اتمچنداڻيءَ ۽ ٽيرٿ سچاڻيءَ لاءِ به ويزا ڪليئرنس اسلام آباد مان موڪلايو ويو آهي. هنن کي ان. چئو ته ويزائون وٺي، ٽڪيٽون خريد ڪري اچي پهچن." مون چيو، "ٻه اڍائي ڪلاڪ اڳ اطلاع ڏيو ها ته منهنجي ڌيءُ هنن جي ويزائن لاءِ درخواستون به کڻي وڃي ها." فون ڪندڙ چيو، "اسانکي خبر پنج منٽ اڳ ملي آهي." مون اٿم ۽ سچاڻيءَ کي ان وقت فون ڪيا.

درخواستون ٻئي ڏينهن صبوح جو ڏهين ٻجي روبرو ڏيو. مان ڪنهن هٿيڪي ماڻهوءَ هٿ موڪلي انتظام ڪري وٺندس."

ٻئي ڏينهن صبوح جو منهنجا ۽ پارٽيءَ جا پاسپورٽ، فوٽا ۽ ويزا فارم کڻي ٻشپا هونءَ کان ڪلاڪ اڳ، گهران نڪتي سنڌي ڪوريئر سروس جي مالڪ سان روانو گڏجڻ لاءِ. سوائين ڏهين ٻجي فون ڪيائين، "مان پاڻ دهليءَ وڃي رهي آهيان. هن پاڻيءَ چيو، "پاسپورٽن جو معاملو آهي ۽ ويزائون هڪ ڏينهن ۾ وٺڻيون آهن. ڪنهن به ڏارئي معرفت جوکم کڻڻ نه کپي." مان اپنيءَ (منهنجي وڏي ڏيءُ شوپا) وٽ ٿي وڃان. هن کان راڄڌاني ايڪسپريس لاءِ وي. آءِ. پي ڪوٽا مان ٽڪيٽ جو بندوبست ٿي ڪرايان. اوهان ٽڪيٽون پاڻ سان کڻي اچو جو پاڪستان ايئرويز وارن جو چوڻ آهي ته ڪراچيءَ مان ورتل ٽڪيٽون فلائيٽ کان گهٽ ۾ گهٽ ٻاهتر ڪلاڪ اڳ نئين سر او. ڪي ڪرائڻيون آهن." مون يڪدم موهن ٻدڃاڻيءَ کي فون ڪئي ته هو دهليءَ ۾ پاڪستان ايلچيخاني کي فون/ٽيليڪس ڪري ته هو جمع ڏينهن ٻشپا کي منهنجي ۽ پارٽيءَ جي ويزا ڏين. هن سان منجهند جو پاڪستان ايئرويز جي آفيس پرسان نئريمان پائنٽ تي هڪ آفيس ۾ روبرو ملڻ جو وقت به رکيو. هن ٽڪيٽون او. ڪي نه ٿيڻ جي حالت ۾ پاڪستان ايئرويز جي وڏي ۾ وڏي مڪاني آفيسر سان ملڻ لاءِ چيو. هن پاڻ به ان آفيسر کي فون ڪرڻ جو واعدو ڪيو. پاڪستان ايئرويز جي ڪائونٽر تي واقعي اسانجي چنڊير واري فلائيٽ ۾ رزرويشن خطري ۾ پئجي ويئي هئي ۽ ويزائن جي عدم موجودگيءَ ۾ ڪائونٽر ڪلارڪ ڪيچ به ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي. وري به موهن ٻدڃاڻيءَ جي ڏسيل آفيسر جي پرسنل سيڪريٽري ڪٽب آئي جنهن

هاڻ پڪ ٿي پهريون دفعو ته مان سنڌ وڃي رهيو آهيان. سچ پچ وڃي رهيو آهيان - اهو سمجهندي رکجي ويس. اڃا پشپا جو ممبئيءَ اچڻ، اسانجو فلائيٽ پڪڙڻ ۽ ڪراچيءَ ۾ پهچڻ باقي هئا. ڇهن ۽ چانهه جي ڪپ وچم وٽيءَ کان به نه واقف هوس.

شام جو ساڍي ستين ٻڄي پشپا جو فون آيو: " دهليءَ مان ٿي ڳالهايان. ويزائون نه مليون آهن پر ممبئيءَ لاءِ فلائيٽ نه ٿي ملي." هوءَ سهڪيئي سمجهي ويئي ته ڪمهلي مذاق نيڪ نه هئي، يڪدم چيائين، "مان ۽ دادا ڪرشن ڪٽواڻي سانتاڪروز ايئرپورٽ تي پهتا آهيون. گهر پيا اچون." مون سامت جو ساهه کنيو.

مون سومر کان "سچل" تي نئون مقالو لکڻ شروع ڪيو هو. مان ساڳيءَ وشيه تي پيري پيري سان نئين سر لکڻ زنده ليکڪ جي نئين نشاني سمجهندو آهيان. ٽڙيڙ جي ڇٽن ڏينهن ۾ رات جو ڇٽين ٻڄي کان لکندي اهو جمع صبوح جو پورو ڪيو هوم. پشپا ۽ ڪرشن سان حالي احوالي ٿيڻ ۽ گڏجي ماني کائڻ بعد اهو مدي رات جاڳي فيئر ڪيم.

ڇنڇر ڏينهن اٺم چيو، "ڪراچيءَ پهچي ڪانفرنس جي ڪارپردازن کي اسانجو ڪليئرنس ياد ڏيارج." فون تي ٽيوٽ، ڪيرت ۽ ليکو السياڻيءَ جو اُن وقت ممبئيءَ ۾ هو، به مبارڪون ۽ شڀ اڇائون ڏنيون. هريءَ به فون تي اسان لاءِ ۽ سنڌ وارن لاءِ شڀ ڪامنائون ڏنيون. جيئن وير ايئرپورٽ تي نارايڻ پارٽيءَ سان گڏجي آيو، مبارڪون ۽ خيرباد چوڻ لاءِ.

ايئرپورٽ تي فارمئلٽيز پوريون ڪندي ئي، دهڪندڙ دل

هڪ ڏينهن وچ ۾. دهليءَ ڪير، ڪيئن پهچي؟ اتم ۽ سندريءَ دهليءَ فون ڪيا، ڪليئرنس جو پتو ڪو نه هو. ڪراچيءَ فون لڳن ڪو نه. آخر دهليءَ وارن چيو، "سڀاڻي جاچ ڪجو." اتم، سندري ۽ تيرٿ سڀاڻي اميد نا اميديءَ جي درياهه وچ ۾ ترندا ٻڏندا رهيا. انتظاري مهڙجي ۾ لٿي ڪانه هئي!

رات جو دهليءَ مان ڪرشن ڪٿواڻيءَ جو فون آيو، "مونکي سڀاڻي ٻارنهن بجي ويزا ملڻي ٿي آهي، مان شام واري فلائيٽ ۾ سڌو بمبئيءَ ايندس. مان سامان سڄو انبور مان کڻي آيو آهيان." مون چيو مانس، "صبوح جو راڄڌاني ايڪسپريس مان پشپا کي لاهي پاڪستان ايمباسيءَ وٺي وينج. ويزائن ملڻ بعد ٻئي ساڳيءَ فلائيٽ ۾ اچجو."

جمع ڏينهن هري موٽواڻيءَ ۽ مون فارين ايڪسچينج وارا ڊالر ملڻ لاءِ جاچ ڪئي. پاڪستان ايئرويز وارن چيو، "ٽڪيٽون بمبئيءَ مان ورتل هجن ها ته هرهڪ کي ايڪائي ايڪائي سؤ ڊالر ملن ها، هاڻ صرف واٽ خرچ لاءِ سهار ايئرپورٽ تان اٺ اٺ ڊالر ملندا."

اٺن ڊالرن ۾ سنڌ جو سئر! هريءَ چيو، "مالهي صاحب، سنڌ ۾ اوهان جهڙن لاءِ ڪا پئسي جي کوٽ؟" اوڏي مهل جئه ويڙ مليو، هو به مهڙجي سنڌ وڃڻ تي بيحد خوش ٿيو، هن جا ساهرا اڃا سنڌ ۾ آهن. هو ڪيترا دفعا سنڌ مان ٿي آيو آهي. چيائين، "سنڌ وارا اوهانکي اکين تي وهاريندا. اوهانکي هڪ پئسو به خرچ ڪرڻ نه ڏين ها جي ڊالر کڻي نه سگهو ها." مونکي ٻئي ڳالهيون دل سان لڳيون.

موهن پنجابيءَ دهليءَ مان ٻه ٽيرا فون ڪيو — ڏهين بجي، پشپا اڃا ايمبيسيءَ ۾ پهتي نه هئي. ساڍي ٻارنهين بجي، پشپا ويزا وٺي وئي هئي. سڻائو واءُ جاري هو.

ولي محمد روشن اسانکي سنڌو هڪ آفيسر جي روم ۾ آڻي ڪوچن تي ويهاريو. هڪ سنڌي ايئرپورٽ آفيسر ڪيڪاريو: ”سنڌ ۾ ڀلي آيا.“ ولي محمد اسان کان پاسپورٽ ۽ لگيج - ٽئگس / لئنڊنگ ڪارڊ) وٺي چيو، ”اوهان هت ترسو، اوهانجي سامان لهرائڻ ۽ اميگريشن وغيره جو انتظام ڪري ٿا اچون. اوهان ان وچ ۾ چانهه پيئو.“ ولي محمد جي پهچ چڱي هئي يا سنڌين جي هلندي پڄندي هئي يا ... يا سڄل ڪانگريس ڪري دستوري پابنديون هٽايل هيون - اسان چانهه پي ٿي رهيا هئاسين جو ولي محمد آيو ۽ اسانکي ٻاهر سنڌو ايئرپورٽ جي رسيپشن هال ۾ وٺي آيو. اندرين ٻن ٽن آفيسرن هڪ ٻئي پٺيان ”جي آيا“ سان ڪيڪاريو هو، هت ته هڪ ئي وقت پنجويهن ٽيهن زبانن مان نڪتو، ”ڀلي آيا.“ کليل ٻانهون اسان طرف وڌيون، ڀاڪر، ڳچيءَ، نرڙ يا هٿ تي چمين ۽ مرحبا جي الڳ الڳ آوازن ۽ طريقن اسانکي- ڪرشن، پارٽيءَ ۽ مونکي مدهوش ڇڏيو. جو مٿان هئي ڪئميرائن جي اک ڪٽڪندڙ ٽڪ ٽڪ، جتي ويهن پنجويهن ڪارس جي جلوس ۾ اسانکي الڳ ٽن ڪارس ۾ ويهڻ کپندو هو، تتي اسان هڪ ئي ڪار ۾ ويهي وياسين! گهٽ روشنائيءَ ۾ ڇهرن جي سڃاڻپ اڻپوري هئي پر دلين جي صداقت ڪنهن واقفيت جي محتاج نه هئي. اسان جنهن ڪار ۾ چڙهياسين، تنهن جو مالڪ - هلائيندڙ هو اسانجي سمي جي جاتل سڃاتل شخصيت محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو فرزند محمود ڏيپلائي. اها واقفيت هن ڪار هلائڻ کان اڳ ئي ڏني. محمد عثمان ڏيپلائي شروع ۾ ته ڪٽرپنٿي فرقيپرست هو پر پاڪستان جي اعلان کان ٿورو اڳ ئي انگدل ذهنيت کان پلاند آجا ڪرائڻ لڳو هو. مذهبي پيٽ ۾ هو سوڀي گيانچندائيءَ سان وڌيڪ گهرو هو.

سان ائين لڳم ته سنڌ وڃڻ جو سپنو ڏسي رهيو آهيان. سپنو ساڻ هلندو رهيو.

سڀ ٻچ ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿاسين ۽ بس ۾ اميگريشن تائين پهتاسين ته پارتيءَ چيو، مالهي، ڇهنبڙي پاءِ نه، خبر پوي ته سنڌ پهتا آهيون يا نه." مون چيو، "سنڌ ته اَچا ٻري ٿي لڳي. في الحال ته ڪنهن به انٽرنيشنل ايئرپورٽ جو نظارو اڳيان آهي."

بس مان لٿاسين ......

يڪايڪ نظارو ڦريو، هڪ (film scene) فلم سين جيان.

سامهون ٻه ٽي ڪارڊ کڻي سڄڻن جي هٿن ۾ مٿي جهليل نظر آيا - سنڌيءَ ۾: "مانوارن گوبند مالهي، ڪرشن کٽواڻي ۽ ناراڻ ڀارتيءَ جي سنڌ جي ڌرتيءَ تي مرحبا." ۽ هڪ ٿورو پوڙهو سانورو شخص جلدي مون ڏانهن ڊوڙندو آيو. ڀاڪر ۾ ڪندي چيائين، "ڀلي آيا. مان آهيان ولي محمد روشن."

هاڻي وڃي پڪ ٿي ته اسان سڀ ٻچ سنڌ پهتا هئاسين.

مون جڏهن ١٩٤٧ ۾ پهريون دفعو سنڌ ڇڏي هئي تڏهن ڊرگ روڊ ايئرپورٽ بلڪل ننڍو هو. ٻه ننڍا ڪمرا هئا، هڪ چيڪ اِن لاءِ ۽ ٻيون ڪسٽمس جاچ لاءِ، ٻنهي پاسي ورانڊا ۽ بس. هينئر جڏهن هال ۾ جهاز مان بس آڻي اسانکي پهچايو هو، اهو ئي اڳ واريءَ اڏاوت کان وڏو ۽ ويڪرو هو. اهو ڪنهن به انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي هال کان ننڍو نه هو. اِن هال ۾ هڪ طرف جهاز مان لٿل مسافرن جي سامان چونڊڻ جو اِنتظام هو ۽ اُن جي سڌ ۾ ئي اميگريشن ۽ ڪسٽمس جاچ جو بندوبست ۽ ٻاهر نڪرڻ جو لنگهه هو.

اسانکي نه سامان سهيڙڻ لاءِ وڃڻو پيو، نه اميگريشن مان لنگهڻو پيو. ڪسٽمس جاچ جو نه ڪو سوال ئي نه هو.

سوچيان، هڪ شخص، ڪي قدر ولي محمد ڪان ڀڳهي ۽ سنهڙي مونکي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀڪوڙيو ۽ چيو، ”مرحبا، مان آهيان ممتاز علي ڪلهوڙو.“ هو اسانجو مکيه ميزبان ٿيو. مون ڀاڪر کي اڃا به سوڙهو ڪيو!

محمود ڏيپلائي ۽ ٻيا پٺيان ڪارن ۾ آيل همراه موڪلائي هليا ويا. اسان لاءِ ڊبل بيڊ ڪمرا رزرو هئا. ٻه، لاڳيتا ڪمرا هئا 202 ۽ 204. هڪ ۾ اڳ پهتل تنوير عباسي رهيل هو. اسان ٽن مان هڪ کي هن سان رهڻو هو. پارٽيءَ امالڪ چيو، ”مالڪي، مان توسان.“ هن اکين سان چتايو ته – ”مان توکانسواءِ اچان ئي نه ها.“ ڪرشن کي ته فيصلو مهانگو نه لڳو. تنوير جي ادبي ڏاڪ هند ۾ اڄ جميل هئي، گهٽ ۾ گهٽ اديبن ۾، ڪلهوڙي اڄ موڪلايو، ”وري گڏباسين“ چئي. ٻئين ماڙي تي مون ۽ پارٽيءَ روم نمبر 204 ۾ حق جمائي هٿ منهن ڌوئي اچي ڪرشن - تنوير جي روم نمبر 202 ۾ دابو ڪيو. ٻندرو، ٽورو ٻٽڪڙو، مشڪي گلي لڳندڙ تنوير اسانکي پيارو لڳو پهرئين ملاقات ۾ ئي. هڪ پڳل ڏند جي خال مرڪي مڪڙ تي ظاهر ٿي تنوير جي شخصيت کي ڪشش ٿي بخشي. ڪچهريءَ جي شروعات تنوير ڪئي. اعتراف واري انداز ۾ چيائين، ”ڀارت ۾ اوهان سنڌي اديبن اڳانگين حالتن ۾ ادب جي جا جوت جرڪائي، تنهن جو شعاع هت اڄ پهتو ۽ ان جي روشنيءَ اسانکي اُتساھ بخشيو، اُڻاھ. مالڪي، تون اندازو لڳائي ٿي نه سگهندين ته تو شخصي طور پنهنجي ادب جي سلسلي سان سنڌ جي اديبن کي ڪيترو اُتساھ بخشيو آهي. سنڌ جا سڀ اديب تنهنجا ۽ ٻين پارٽي همراهن جا شڪرگذار آهيون. مون ورايو، ”پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين.“ مون اڃا اڄ جڳ پنهنجي راءِ چئي ڪندي

جي. ايم. سيد جي مضمونن ۾ ڦيري جو اثر هو يا هنن کي پنهنجي محرومت آئي هئي يا سوڀي جي صحبت متن رنگ ڏيکاريو هو يا انهن ٻن جو سنگم هو، اسانجي سنڌ ڇڏڻ کان اڳ، هوءَ سنڌين جو، پوءِ اهي هندو هجن يا مسلمان، سچي جو حامي هو. ٻوليءَ جو ڏاڍي ۽ طنز ۾ ماهر هو پنهنجي فرقيپرستيءَ واري دؤر ۾ به هو. هنجي "عبرت" اُن دؤر ۾ ٻوليءَ ۽ طنز ڪري، ساڳس سهمت نه ٿيندي، به مان پڙهندو هوس. مون جي ڦيري بعد نه هو معياري اديب بڻجي پيو. هنجو هڪ ايڪانڪي "شاهدي" اسان ساهت منڊل طرفان ٻمبئيءَ ۾ سنڌونگر ۾ اسٽيج تي آندو هو ۽ ڪرشن راهيءَ اُن ۾ پنهنجي اداڪاري صلاحيت جو جوهر ڏيکاريو هو. ڪار ۾ سڄو وقت محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي شخصيت ۽ ادب جو ذڪر ڪندي نبهي ويو. ناراين پارتيءَ "شاهديءَ" جا ڪي ڊائلاگ ۽ "سانگهڙ" ناول جا ڪي ٽڪرا دهرايا به. ڳالهين ۾ رتل هجڻ ڪري فاصلي جو پتو ئي ڪو نه پيو. ها، رات ٿي وڃڻ جي باوجود اها حقيقت لڪل نه رهي ته ڊرگ روڊ ايئرپورٽ جو اسانجي زماني ۾ دور هو سو هاڻ ڪراچي پنهنجي ٻانهن ۾ سميٽي ڇڪي هئي. اسانجي زماني جي پسگردائيءَ ۾، هاڻوڪي ڪراچيءَ جي گويا وچ شهر ۾ روشن رستي تي هڪ شاهي حاطي ۾ گهڙي ڪار هڪ عاليشان عمارت اڳيان اچي بيٺي - محمود چيو، "هيءُ آهي پول انٽرڪانٽيننٽل هوٽل. هتي اوهانجي رهائش جو بندوبست ڪيل آهي."

ريسيپشن ڪائونٽر وٽ پهچندي لڳو ته واقعي ڪنهن انٽرنيشنل هوٽل ۾ گهڙيا آهيون. مونکي ورهيه اڳ ٽوڪيو ۾ ڏٺل اوڪورا هوٽل جو ريسيپشن لائونج ياد اچي ويو. مار! ڪراچي ايتري بدلي آهي! مون سوچيو. وڏيڪ کي

اُساهه ڏيندڙ ۽ واهرو رهيو هو. هُو اهڙيءَ سِڪ ۽ شفقت سان گڏبو، گويا هن ۽ منهنجي وچ ۾ سڄڻ ڀائرن کان به وڌيڪ ويجهائي هئي. هن جي اٿاهه معياري ادبي مضمونن / ڪتابن ۾ ”شاهه، سامي، سچل“ مون کي گهڻي ۾ گهڻو متاثر ڪيو آهي. مون اِن لاءِ هن کي داد ڏيندي چيو، ”جو ٻا صاحب، اوهان سنڌ جي ٻگانيءَ شاعري نموريءَ جي شعرن جا حوالا ڏيو ها ته سوني تي سهاڳو ٿي پوي ها.“ هن کي اها ڳالهه آئڙي. چيائين، ”لاشڪ، حوالا ڏيڻ کپندا هئا.“ مون چيو، ”ڪتاب اٿين ته اسان ادبين لاءِ ڪارائتو آهي. مون ڪن مضمونن، خود هن ڪانگريس لاءِ لکيل مقالي ۾ اِن ڪتاب مان حوالا ڏنا آهن.“

نور الدين سرڪي به هن سان گڏ هو. هو پارٽي ۾ به گڏيو هو ته منهنجي پٽڻيءَ سان گڏ سينگاپور ۾ به مون کي ۽ پڳونتي ناواڻي (ڪڪيءَ) کي ڳولهي لڌو هئائين. اتي اسان چئني رهاڻيون به ڪيون هيون ۽ فوٽا به ڪيارايا هئا. هت ڳلي ملڻ ۽ چمي ڏيڻ بعد هن پهرين سوال اهو ڪيو، ”سوپو ملڻو اٿيئي؟“ مون سوال جو جواب سوال سان ڏنو، ”هت آهي؟“ چيائين، ”ٽيو ڏينهن لاڙڪاڻي ويٺو هو. پر تنهنجي اچڻ جي ڪا ڏني ماڻس ته هت رهيو پيو آهي. مان هيئر أي وڃي ٿو هن کي تنهنجي پهچي وڃڻ جو اطلاع ڏيان.“ مان هتان پارٽي لاءِ ڪڪيءَ جون سؤ کن آڊيو ڪئسيٽون کڻي ويو هوس ۽ پارٽيءَ کي منهنجي آتم ڪٿا جي اُن وقت ڏائين نڪتل ٽن ڀاڱن، ڪهاڻين ۽ ناٽڪن جي مجموعن جا پنج پنج سيٽ خاص همراهن کي ڏيڻ لاءِ کڻي به چيو هوم. پارٽي به آيل همراهن سان روح رهاڻ ۾ پاڳ، وٺي رهيو هو. هن پر ڪئسيٽون ۽ ڪتابن جو هڪ سيٽ

چيو، ”سهڻو شاهه لطيف اوهان ۽ اسان وچ ۾ ضامن آهي.“

پوءِ ته سنڌ ۽ هند جي سنڌي ادب تي مختصر تبصرو ٿي گذريو - چئني ڳالهايو.

ان وچ ۾ ممتاز ڪلهوڙي سان گڏ آفيشل آجيانو ڪرڻ لاءِ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن (سگا) جو پريزيڊنٽ برڪت علي چوهاڻ ۽ ڊاڪٽر سليمان شيخ اچي سهڙيا. اهو پروڙڻ ۾ دير ڪا نه لڳي ته پوري بندوبست جو هرتا ڪرتا ڊاڪٽر سليمان شيخ ئي هو. هن ٻئي ڏينهن جو سرسري پروگرام ٻڌايو. چوڻ جي ضرورت نه هئي، جو اسان اڳ ئي محسوس ڪيو هو، پوءِ به هن چيو، ”ادا، پنهنجن ۾ آهيو، ڪو حجاب نه ڪجو.“

مون هنڪي اتم جي انتظاري ٻڌائي. هن چيو، ”ڪوشش ڪبي.“ سليمان شيخ اهو به ٻڌايو ته جيڪلي، قيمت ۽ ويدا پهتا آهن ۽ ساڳئي ماڙي تي ٽانئيڪا ڪيا ويا آهن. ڪمري ۾ هلڻ کان اڳ، پارٽيءَ تنوير کي چيو، ”ادا، ڪڇ ماليءَ ۽ ڪرشن کي هٿڻ ڪجي، ٻر ظاهر مان ئو ڪريان، شايد انڪري جو سنڌ ۾ هوندي مون ڪراچي نه ڇهڙي ڏٺي هئي. سڀاڻي صبوح جو ڪراچي گهمائڻ جو بندوبست ڪجي.“ تنوير چيو، ”حڪم اوچشم.“

ٻئي ڏينهن صبوح جو پهرين پهرين سنڌ جي ان عظيم شخصيت سان گڏجڻ ٿيو جو اسان جي سنڌ ڇڏي اچڻ بعد سنڌ جي ادب ۽ تهذيب جو وڏي ۾ وڏو سڪاني رهيو آهي - محمد ابراهيم جويو. سنڌ ۾ رهندي مهنجي هن سان گهري واقفيت نه ٿي هئي. هو سياسي طور ايم. اين. راءِ جي ويچارن سان شامل رهيو هو ۽ مان ڪميونسٽ هوس. هو شيخ اياز جو يار به هو، رهبر به هو. اسان جي سنڌ ڇڏي اچڻ بعد هو اياز جو سنڌي ادب تي ڇانئجي وڃڻ جي جي راهه تي

ويٺو. اسان ٽيئي پٺين ۾ وڃاسين. ولائتي ڪار هجڻ ڪري ڪار ۾ سوڙهه محسوس ٿي. ڊرائيور چيو، ”ماڪهي، تون آهين اسان سڀني جو بزرگ. ابتداء، ڪٿان شروع ڪريون.“ مون چيو، ”ڪاليج کان.“ مون پهرين سينگاري ڪراچي ڏسڻ چاهي. پهرين سينگاري جڳهه نظر آئي هاءِ ڪورٽ. برنس گارڊن کي ڏسندي الائي گهڻيون يادگيريون تازيون ٿيون. زيتون ڪئنيل، لوڻ مرچ ۽ ليمون پيل، وات پاڻي پاڻي ٿيڻ لڳو. پوءِ لا ڪاليج ۽ سوپ-ي، مهرچي ۽ ليکو ٽلسياڻيءَ جي رهائش واري هنگوراڻي بلڊنگ. جي وچ مان لنگهندي عجيب گدگدي ٿي من ئي من ۾. گدگدي ان نه هئي، پي ڪا نئين لرزش هئي اها. اڳتي وڌندي هڪ طرف ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۽ ٻئي طرف ميٺارام هاسٽل. ٻئي جڳهين جو ٽئين ٻيڻا هئا. مون ائين محسوس ڪيو ته ڪار ۾ نه، ٻيڙيءَ ۾ سمونڊن جي درياهه تان هلي رهيو آهيان ۽ اها صورت حال جاري رهندي آئي: ڪار شيوا ڪنج، سرناگتيءَ وٽان ڦرندي پري کان هندستان اخبار جي آفيس پسائيندي ڪاٻي پاسي واري گهٽي لتاڙي هڪ ٻئي پٺيان رام باغ (هاڻ آرام باغ)، فريئر روڊ، چيٺومل اسپتال (جتي ڀڳونتي ڄائي هئي) لارنس روڊ، ٽڪنڊي پارڪ، بندر روڊ، امپيريل ٽاڪيز، رنجيت سنيما، نئين دنيا ڪتاب گهر آفيس، پڪچر هائوس، لائيٽ هائوس، ۽ مونکان بي اختيار ٽهڪ نڪري ويو. سڀني مون طرف ڏٺو، سوالي نگاهن سان. مون چيو، ساڄي پاسي هڪ سائن هئي، گجراتيءَ جي. سامهون ديوار تي لکيل هوندو هو:

" We appreciate your hurry but hurry also takes time. ”

سڀني ٽهڪ ڏنا. ٻڪاڪ مان گذري ٿي ويس، ساڄي

منهنجي ڀاران ۽ ڪي پنهنجا ڪتاب پنهنجي ڀاران هنن کي ڏنا. هنن منهنجن ڪتابن تي مون کان صحي ڪرائي. مون صحيءَ جي مٿان لکيو: ”سڪ سنيهه مان.“

ان وچ ۾ ڪرشن به اچي سهڙيو هو - سهي سنڌڙي، هيٺ لهڻ لاءِ. اسان هيٺ لهڻ وارا ئي هئاسين جو تنوير آيو. چيائين، ”ڊائيننگ هال ۾ اچي ٿو ملانو.“

اسان نيرن ڪرڻ کان اڳ رسيپشن لائونج ۾ اڳيرو وڌي وياسين. ڪي ڪرسيون ميزون وڇائجي ويون هيون، جوان ۽ جوانڙيون ڊيليگيٽن جي آجيان لاءِ هڪيون حاضر هيون. اديب دوست به اچڻ لڳا هئا، ٿورا گهڻا. واقف هڪ ئي مليو - شمشير حيدري، هو تازو پارٽ آيو هو. پر سڀ اهو هو ته ڪو به اڻ واقف نٿي ڏٺو. ڀاڪر، چمون ۽ ڪئمرائن جي ٽڪ ٽڪ. والنٽيئر ڇوڪريون به ايڏي شفقت ۽ پنهنجائيءَ سان پيش آيون.

پر نيرن ڪندي تنوير به. اسان واري ٽيبل تي هليو آيو، هن صرف فروٽ جوس پيتي.

ڊائننگ هال مان ڇٽيءَ جي گڏ نڪرڻ بعد جيڪو پهريون شخص تنوير جي نظر چڙهيو تنهن کي سڏي چيائين، ”ميان، ڪار ٻاهر ڪڍ. هنن همراهن کي ڪراچي ڏيکارڻي آهي - ڀرائي ۽ ٺٽين.“

ڪار وارو شخص تنوير جو واقف نه هو. تنوير وري پڇيو، ”توکي ڪيڏانهن وڃڻو ته نه آهي؟“ هن ڪلي چيو، ”مان هڙئي خوشنصيبي ڪنهن به ڪم سانگي ڇڏڻ وارو نه آهيان.“ آن همراهه کان ڪنهن نالو نه پڇيو، نه هن ٻڌايو. پر هئو چست ساٿي پرامي. منهنجا ڪي ناول پڙهيا هئائين، اهو بعد ۾ معلوم ٿيو. ڪار جي اڳين خاني ۾ تنوير هن سان

نئين ڪراچيءَ ۾ مهاجر وسيل هئا - جن ڪٿ. ۽ نئين ڪراچي پراڻي ڪراچيءَ کان وڌيڪ گندي هئي. اسانجي زماني ۾ ڪراچي گڏيل هندستان ۾ صفائيءَ کان به مشهور هئي.

منجهند جو هڪ بجي ڌاري هوٽل ۾ موٽياسين. ماني کائي آرام ڪرڻ چاهيوسين پر مليو ڪونه ۽ ان جو ارمان به نه ٿيو. هڪ ٻئي پٺيان سنڌي همراه ايندا رهيا ۽ ڀاڪر پائي هٿ چمندا رهيا. هئا سڀ نوان چهرا پر ڌاريو ڪوبه نه هو. ۽ سڀني نوان کي هيون ڪئميرائون، اُنهن جي ٽڪ ٽڪ هلندي رهي.

سانجهي ڇهين بجي ڌاري ولي محمد روشن آيو، ڪانگريس لاءِ خاص ٺهرايل فولڊر ڏيڻ. اُن جي رنگ جهڙو فولڊر هو، ڪپڙي جو سنڌ جو نقشو پلاسٽڪ ۾ محفوظ، ٻئي پاسي سگا جو ايمبليم ڪارن اکرن ۾، گويا اُکريل ۽ هر طرح سان ڏسڻ لائق. اندر مڪمل پروگرام ۽ دعوتن جا ڪارڊ پيل هئا.

اوچتو مونکي ياد آيو - اسانجون ويزائون الڳ الڳ مدي جون هيون. ڪرشن جي هڪ هفتي لاءِ، منهنجي ۽ پاروتيءَ جي پنجن پنجن ڏينهن لاءِ. مون ولي محمد کي چيو، "ويزائون نه وڌرائي ڏيو." چيائين، "پاسپورٽ مونکي ڏيئي ڇڏيو. گهٽ ۾ گهٽ ٻن ٻن هفتن جون ويزائون اوهان مون کان لهڻيون."

ولي محمد جو اثر رسوخ ايئرپورٽ تي پهچندي ڏٺو هوسين. اسان ويزائون ۽ پاسپورٽ هن جي حوالي ڪري چنتا کان آجا ٿي وياسين. ويندي ويندي ولي محمد چيو، "سويرڻ شروع ڪريو. افتتاحي اجلاس ۾ اوهانکي وٺي وڃڻ لاءِ مٺي اس ساڍي پنجين بجي هيٺ اوهانجو انتظار ڪندي."

پاسي واري ڪنڊ واري بلڊنگ جي پهرين ماڙي تي ڪميونسٽ
پارٽيءَ جي آفيس هئي. سنڌ ۾ رهندي سالن جا سال هر شام
اتي ويندو رهيو هوس. الاهي انسان واسطا هئا، ان آفيس
سان. ڪار ميونسپل آفيس پار ڪري ٻندسو هال طرف وڌي
رهي هئي. اها نيپئر روڊ ۾ گهڙي، لئمبرٽ روڊ، لياري،
مٺو در، کارو در، ميرا ور در، مئڪليوڊ روڊ، امپيريل ٿيئٽر ۽
ان سامهون منهنجي زماني جي نئين دنيا پرنٽنگ پريس جو
ديدار ڪرائيندي، ماضيءَ ۾ موٽائيندي اها هڪ سوڙهيءَ
گهٽيءَ مان ڪلفٽن طرف مڙي. ايستائين سڀ ڪجهه ساڳيو
هو. ڪي نالا ڦريا هئا شايد نه ته باقي سيڌارو هو. جهڙو
ذهن ۾، تهڙو سامهون. البت ٻائيتاليهن ورهين جي عرصي
ڏيک ويک کي جهٽڪو ڏنو هو. هاڻ سڀ ڪجهه ڦريل هو.
اسانجي زماني ۾ ڪلفٽن تي اڪڙ ٻڪڙ بنگلا هئا، تن ۾ هرمن
موهاڻا جو سڀني ۾ عاليشان هو، ٻري کان ٻڌرو. ان کي
سيمينٽ جي جهنگل ۾ ڳولهڻو پيو. اي نظير پٽو جو ٻيڪو
بنگلو هو نه ساهرو ئي. بنهي جي ٻاهران پوليس جو پهرو.
ڪرشن ڪار بيهاري. ڪرشن کي ٻري هلي ويل سمنڊ جي ڇڪ ٿي.
اسان لٿاسين، نئين سر جوڙيل پٽي طرف وياسين. گندگي
ڏسي ڪرشن سرد آهه ڀري ۽ چيو، "هيءَ آهي، ڪلفٽن
جي، ڪراچيءَ جي سندر ۾ سندر حصي جي هاڻوڪي
حالت." مون به بي اختيار تدبير کان سگريٽ گهري ورتو.
ان بعد ڏينهن ۾ ٽي چار سگريٽ ڪنهن نه ڪنهن همراه کان
گهري وٺي ڇڪڻ جي عادت رهي، جيترا ڏينهن سنڌ ۾
هوس، هيءُ لکندي ياد ٿو اچيم ته قمر شهباز هڪ ميٽنگ ۾
مذاقي نوع ۾ چيو، ميزبانن کي مکيه مهمان مالهيءَ لاءِ روز
سگريٽ پاڪيٽ جو انتظام به ڪرڻ گهرجي.

اديبن جي قطار هئي - سڀني جون ڪليل ٻانهون ۽ مرڪندڙ چهرا. وري به مونکي سمڪ تڏهن پيئي جڏهن اياز جو آواز ڪنن تي پيو، "مالهي، مان وٽ آءُ، منهنجي پر ۾ اچي ويهه." ٻن اديبن سوڙهجي، سنگهوڙجي اياز جي پر ۾ مون لاءِ جاءِ جوڙي. پوءِ خبر پيئي ته اهي اديب دوست هئا قمر شهباز ۽ آغا سليم.

ٻين سنڌ جي اديبن به پارٽي همراهن لاءِ ٻهرئين صف ۾ جڳهيون ڳاهي ورتيون. چاڪاڻ ته دليون سوڙهيون نه هيون، جايون سوڙهيون نه ٿيون. مونکي بي اختيار شاهه جون سٽون ياد اچي ويون:

وڃين ۾ ٿي ويهه ته آنءُ واري ٻيڪيان،
اوڪي ڏسي نه ڏيهه ۽ آنءُ نه ڏسان ڪي ٻيو.

سچ پچ سنڌ هند جا سنڌي اديب هڪ ٻئي ۾ سمائجي ويا هئاسين.

سفر جي دؤران ۾ انهن سنڌي سڄڻن جي اچ وڃ ۽ ڪئميرائن جي ٽڪ ٽڪ جاري رهي.

ساڍي ٻارهين بجي جڏهن ٽرين هيٺ لٿاسين، اڳيان پٺيان ماروئڙا.

اسانجي پهچڻ کان اڳ ئي اجلاس وارو شاميانو ٽنهين طرفين چڪار ڀرجي چڪو هو. پوءِ ٻڌم ست اٺ هزار حاضرين هئا.

اسانجي شاميانى ۾ گهڙندي ئي سڀ اُٿي بيٺا ۽ وايومنڊل تاڙين سان گونجيو ۽ ڪئميرائن جي اڪٽ ٽڪ ٽڪ شروع ٿي ويئي. نورالدين سرڪيءَ چيو، "مالهي، اسٽيج جي سامهون نه ويهج. ڪاٻي پاسي وڃي هل. اياز به آهي، سوڀو به آهي، سڀ اديب دوست آهن."

اسان سڀ هڪ ٻئي پٺيان ڪاٻي مڙي وياسين.

منهنجيءَ خوشيءَ جو نه انت هو نه پار، پر هيءَ نامراد دل جي ڌڙڪن، اُن ۾ شدت اچي ويئي.

پهرين قطار ۾ پهرين نمبر اياز ويٺو هو. ناساز صحت ڪري لٺ جي سهاري هلندو آهي، اڄ ڪلهه.

اسان ٻئي ڀاڪر ۾ جڪڙجي ويا هئاسين.

ٻنهي جي اکين ۾ خوشيءَ جا آنسو هئا.

سڀ اديب همراه اُٿي بيٺا هئا.

ڪرشن اُن وچ ۾ ٽين قطار ۾ ويٺل يا بيٺل سوڀي کي ڳولهي لڌو هو يا سوڀو وڌي اچي ويو هو پهرين قطار جي اڳيان! گويا اوت موت ٿي. سوڀي مونکي ڀاڪر پاتو ۽ اياز ڪرشن کي. سوڀي جهڙي نرموهيءَ به جذباتي نوع ۾ مونکي چيو، "سو سنڌ جي ڌرتيءَ توکي ڇڪي آندو."

مان گويا سڌ ٻڌ ڀلائي ويٺو هوس. سٽيج تان هڪ نه، وڌيڪ آواز ٻڌم: "اسين به بيٺا آهيون قطار ۾." سٽيج تان

٢- دل تنهنجي منهنجي هڪ آ ...

اديبن جو اڌ پاءُ پورو ٿيو ۽ جڏهن اسين سڀ ٿهي جڙي ويٺاسين ته اسٽيج تي افتتاحي ڪارروائيءَ جو به آغاز ٿيو.

اڄ ڏينهن صبح جو اُتي ظاهر ٿي چڪو هو ته محترما بينظير ڀٽو ڪنهن سرڪاري مشغوليءَ سبب اسلام آباد ڇڏي نٿي سگهي، ان ڪري سينئر وزيرا ۽ هن جي ماءُ نصرت ڀٽو سچل ڪانگريس جو مهورت ڪندي.

پهريان سگا جو صدر برڪت علي چوهاڻ اسٽيج تي نصرت- بيگم جي اڳواڻي ڪندي چڙهيو، پوءِ نصرت بيگم ۽ هن پٺيان هن ڪانگريس جو سچو پچو رهنما تعليمي وزير سيد مستفيل شاه اچي پنهنجي پنهنجي طيءِ ڪيل ڪرسي والاري.

اسٽيج اوچي ته هئي، موڪري به. مون سامهون نه هوندي به اسٽيج جي پوئين ڇيڙي تي هڪ ڊراپ تي سچل جو رومنو نيري رنگ ۾ پينٽ ٿيل ڏٺو پئي. وچ ۾ ڳاڙهي رنگ ۾ نڍيا اکر هئا، ”بين القوامي“ ۽ ان هيٺان بلڪل ساوا لفظ هئا، ”سچل ڪانگريس.“ اوريرو، اسان واري پاسي پڙدي تي هڪ دري اُئين پينٽ ٿيل هئي، گويا اُها ڪنهن سگهڙ جي گهر جي هئي.

نصرت بيگم کي ڏسندي مونکي هڪ اُردو محاورو ياد آيو، ”جي کنڊهر هيءُ آهي ته محل ڇا هوندو؟“ جي پيلائي ۾ ڪشش آميز آهي ته جوانيءَ ۾... حق تي ذلفقار پٽي هن تي هرڪ هاريو هو ۽ ساڻس لاڏون لڏيون هيون.

ڳالهائڻ لاءِ خاص نڍي ڊيسڪ تان (پوڊيم) تان شيخ سليمان شاه جو بيت شروع ڪيو، ”اول الله، عليم،

وارن آيتن جي ترجمي ۾ انسان ذات، خاص طور ڪمزور طبقي جي ڀلائي ڪرڻ جي ڀلامڻ هئي...

ساجدا جو آواز وري گونجيو، ”زماني جا منصور آهيون اسين، خوب مشهور آهيون، اسان سورن کي نه، گردن جهڪائي، هلي پيئي اچا زندگيءَ جي لڙائي، وڏي ڳالهه آهي.“ هن ڪاڪ ايڏي وڏي ڳالهه چوندڙ شاعر شمشير-الحيدريءَ کي سڏ ڪيو سچل جا چونڊ شعر پڙهڻ لاءِ. مونکي شمشير جي شعرن جي چونڊ راس نه آئي. البت انهن ۾ گوناگونيت هئي - ڪي سنڌيءَ ۾ هئا، ڪي سرائڪيءَ ۾، ڪي اردو فارسيءَ ۾ ۽ ڪي انگريزي ترجمو هئا!

مونکي ساجدا جي آواز ۾ سچل جي لئن ليت موهيو، ”جهڙو آهين، تهڙو هوندين، فاني ٿيندين ڇا، سٽ پڌهجي سر جي، ڪامل پيڙءِ ڪا؟ ڳالهه نه سمجهيءَ سا آوازي اناالحق جي.“

هن تنوير عباسيءَ کي ڪانگريس جي Key Paper پڙهڻ لاءِ سڏيو، تنوير جو پيپر واقعي عالماڻو هو. هن جي پيپر جي خصوصيت هئي تصوف جي فصاحت ۽ وسعت. اهو پيپر ڪانگريس جي ڪنهن اڳڪ ۾ پڙهيو وڃي ها ته وڌيڪ اثردار ٿئي ها. ماڻهن جي هجوم ۾ ان جي اهميت اجاگر نه ٿي.

ساجدا جو آواز گونجيو، ”راهه اونداهه سهين، وقت بيگانا سهين، خوف ۽ خطري جو پاڻ ۾ ٿاهه سهين، پوءِ به هيءَ ڏانڀاڻو جيسين نه جلي، جلندا سين، هيءَ ساهه جيسين نه هليو، هلندا سين.“

اهو گويا اڄ جي سچل اڳيان سوڳند هو.

مونکي ساجدا جي شعرن جي چونڊ ٿي نه وڻي، انهن کي

اعليٰ عالم جو ڏڻي ... سچل جهڙي باغي شاعر جي ڪانگريس
جو افتتاح ٿي رهيو هو، الله پاڪ جي عظمت دهرائڻ سان
سو به سنڌ جي شاعر اعظم جي لفظن ۾! مون ٻانيڪارن جي
سمجهه ۽ رمز کي داد ڏنو، دل ئي دل ۾. ڪجهه وقت پعد
ته هڪ مولويءَ کي خطبو پڙهڻ لاءِ اه سڏايو ويو! مونکي
موهيو، پروگرام جي ڪامينٽري ڪندڙ نينگر ساجدا شيخ.
هوءَ سليمان شيخ جي رشتيدار هئي نه هئي، سنڌ جي
غير رواجي نياڻي هئي؛ سهڻي هئي، سنبول هئي، جوان
هئي، سڀاجهو ۽ اثردار آواز هوس. هن پڙهندي ئي دل جي
صداقت سان چيو: "سچل سارو سچ ۽ سچل موجود، سچ
موجود ۽ حق موجود، سدا موجود ۽ سچل جي سٽ جا
سائيو..." هن وري للڪار ڪئي، "محبت جا تون خيما
کوڙ ۽ پيائي پوڙ، دلين کي جوڙ ۽ پيائيءَ جا سڀ پينگا
ڊاهيون، محبت جون ماڙيون ٺاهيون، اسان وٽ آ پيار،
رڳو پيار، لنگهي ويندا سين هرهڪ لڪ، انلحق انلحق..."
"سبحان الله!" منهنجي دل چيو، "جڙي هجين جهان
۾، سچل ۽ هن جي سٽ جي سهڻي ترجماني ڪئي
اٿيئي. لکيو ڪنهن اهـ هجي، دل جي گهرائيءَ مان فضا ۾
گونجايو ٿو آهي."

سچ پچ ساجدا ئي ان افتتاحي جشن جي مورتي هئي ۽
هن جا بيت ۽ ڏوهيڙا سماروه جي سونهن هئا.

هن مولويءَ کي خطبي پڙهڻ جي دعوت ڏني. هن پهريون
جيڪي آيتون پڙهيون ۽ انهن جو جيڪو ترجمو ڪيو، اهو ته
شاه جي بيت اول الله، اعليٰ عالم جو ڏڻيءَ سان ٿي مليو
جهليو، ظاهر هو ته شاه پنهنجي زماني جي ڪٽرپنٿين کي
سانت ڪرائڻ لاءِ ڪن ابتن ۾ آيتن جو ترجمو ڪيو هو، پوءِ

آهي." اهي اختيار سڀ حاضرين اٿي بيٺا، اسين پارٽ مان ويل اديب بہ اٿي بيٺاسين ۽ تاڙين جو ٺهڪو جاري ٿي ويو. انهن مطالبي مڃڻ جو راڄوڻي فيصلو اسان سنڌين جي حق ۾ پارٽ ۾ اڃا نہ ٿيو آهي. پوءِ بہ مونکي خوشي ٿي تہ سڄي ڪانگريس جي شروعات سنڌ ۾ سنڌي ٻولي، ادب ۽ تعليم جي عملي خاطري ڏيڻ سان ٿي.

تاڙيون ٿڌيون بند ٿيون ۽ حاضرين ويهي ويا جڏهن ساجدا ٻوديم وٽ اچي چيو: "هي مارو منهنجي ڌرتيءَ جا، ڪشمور ۽ ڪراچي، ڪينجھر جا، اجرڪ ٽوپيءَ وارن جي پارٽ ٿئي." ۽ نهايت ادب سان وقت جي صدر غلام مصطفيٰ شاھ کي تقرير ڪرڻ جي گذارش ڪيائين، هاڻ تہ هو صاحب پاڪستان جو تعليمي وزير هو، پر ان کان اڳ، ايانز ڪانپوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو. ٻہ سال اڳ هو پارٽ ۾ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي آفيس ۾ هن ۽ مون سان گڏيو هو ۽ ڪي ڪلاڪ اسان ٽنهي ڪچهري بہ ڪئي هئي ۽ گڏ چانهہ بہ پيتي هئي. هينئر هو ٽپيڪل سنڌي بالا عملدار جيان ٿي لڳو. قد بت، هلڻ ۽ ڳالهائڻ ۾.

مکيہ ريت هن ڪم جي ڳالهہ اها ڪئي تہ "سرڪاري مدد پنهنجي جاءِ تي، هر سنڌي پنهنجي ڪمائيءَ جو صرف هڪ سيڪڙو ڪتابن جي خريديءَ لاءِ خرچي تہ سنڌي ادب ۽ اديبن جو بيڙو پار ٿي وڃي." مون سوچيو، ڪاش! پارٽ جا سنڌي اها هدايت دل سان هنڊائن.

يڪايڪ ساجدا جي اجرڪ ۽ ٽوپيءَ جي ڳالهہ منهنجي ذهن ۾ اڀري. مون حاضرين تي نظر ڊوڙائي. مردن ۾ ڪي ڳاڻ ڳڻيا اجرڪن سان هئا ۽ سنڌي ٽوپيون مٿي تي بہ ٿورن کي هيون – پوءِ بہ سنڌ ۾ سنڌي پڻي جي نشانن جي ذڪر

چوڻ جو پينگهه ئي نه آئڙيو بلڪ انهن کي چوڻ جي مهل به راس آئي.

سليمان شيخ سگا طرفان سنڌ کان ٻاهران آيل مهمانن جي واقفيت ڏني. هرهڪ همراه جي نالي تي حاضرين تاڙيون وڄايون. منهنجي ۽ ڀارت مان پهتل اديبن جي سواگت ۾ سڀ حاضرين اٿي بيٺا ۽ تاڙيون وڄنديون رهيون. سليمان شيخ اهي بند ڪرڻ جو اشارو ڪيو ۽ ٻڌايو ته موتي پرڪاش ۽ ڪلا، اُتم ۽ سندريءَ جي پهچڻ جي به اميد آهي. حاضرين ان اميد جي تاڙين سان تائيد ڪئي. سوڀي ۽ اياز جي نالن تي به تاڙين جا ٺهڪا ٿيا. ساجدا اُن بعد سگا جي صدر برڪت علي چوهاڻ کي مرحبائي تقرير ڪرڻ جو سڏ ڏنو: برڪت عليءَ جي اهم تقرير هئي - مرحبا ڪيائين، سگا جي تاريخ ۽ ڪارج تي روشني وڌائين، پوءِ سنڌ ۽ سنڌين جي دردشا ۽ هنن جي مطالبن جو ذڪر ڪيائين، هن جي پڙهڻ جو پينگهه موڪي راس نه آيو، گهڻن حاضرين هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ شروع ڪري ڇڏيو. اياز راءِ زني ڪئي! ”برڪت علي جيڪي ڪي ڳالهائي رهيو آهي، اهو جمهوريت جي دور ۾ ئي ڳالهائي سگهجي ٿو.“

مون ورايو، ”منهنجو سنڌ اچڻ به ته جمهوريت ڪري ممڪن ٿيو آهي.“ اياز چيو، ”واقعي.“

برڪت عليءَ تقرير پوري مس ڪئي ۽ ساجدا پوڊيم طرف وڌڻ لڳي هئي جو سليمان شيخ مائيڪ تائين پهچي ويو، چيائين، ”تعليمي وزير سائين غلام مصطفيٰ شاهه جي حڪم سان اعلان ٿو ڪريان ته ”سنڌي ٻولي، ادب ۽ تعليم جي ترقيءَ لاءِ اٿارٽي آف سنڌي لئنگئيج قائم ڪئي وئي آهي ۽ اُن تي مشهور اديب سراج الحق ميمڻ کي نامزد ڪيو ويو

گويا هن عوامي جلسي روپي ناٽڪ جي ڪلائيميڪس پيش ڪندي چيائين، "تون مونکي ڦاهي چاڙهيندين؟ مان توکان مور نه مرڻو آن، گنهگار ڪندي جا مون ڪانئوءَ تنهن جنڊڙيءَ جو مان جهرڻو آن، تئون پيچل اٿين، چنگ ڪٽيءَ، مان ورڻو آن، مان ورڻو آن."

مون اياز کي ڀاڪر پاتو ۽ چيو، "سوري جني سيج، مرڻ تن مشاهدو."

ساجدا شيخ وري ڪٿي به نظر نه آيو، پوءِ به ڪڙڪيٽي جي ڪن پڙ جي روشني اٿئي هوءَ منهنجي ذهن ۾ جرڪندي رهي آهي، اڄ توڻي.

سنڌ ڪانگريس جي مهورتي اجلاس جو پيون حصو هو- ڪلچرل پروگرام، "سنڌي موسيقيءَ جي شام" پر ان وچ ۾ ڪراچيءَ ۾ ٻاهران آيل ڊيليگيٽن جي ڊنر هئي، سڳا طرفان رهلوي انسٽيٽيوٽ ۾. اياز چئي ويو، "موسيقيءَ جي پروگرام ۾ شريڪ نه ٿيندس. سڀان گڏباسين." سوڀي چيو، "مان ماني کائي موٽي ٿو اچان."

۽ مئي اسيون هيون ڊيليگيٽن کي ڊنر واري هنڌ تي وٺي وڃڻ لاءِ، اسان ٽي - ڪرشن کٽواڻي، نارائڻ ڀارتي ۽ مان هڪ ٽئي بس ۾ چڙهياسين، ويٺاسين ئي، هڪ ٽئي سيٽ تي. اوچتو، هڪ همراهه، جو اسانجي سنڌ ۾ گننگ وي جي ٻئي پاسي ويٺو هو تنهن پارتيءَ جو ڌيان ڇڪائي پڇيو، "ادا، دستوري واقفيت ته ٿي نه آهي، ان ڪري مان تو پڇي ٻڪ ڪريان. جناب گوبند مالهيءَ لاءِ مون ٻڌو هيو آهي. پڇڻو اهو آهي ته ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي اوهان آهيو؟" نارائڻ ڪنڌ ڌوڻي چيو، "اوهان صحيح ٻڌو هيو آهي." اڳلي چيو، "مان آهيان الله داد ٻوهيو." نارائڻ هنڪي

تي اُستاد جي لهر ٻوڙي وڌي هئي! مان نيم سجاڳ، من ۾ تاڙين جا ٺهڪا ٻڌي رهيو هوس جو اهي ظاهري ٿي ويون. مصطفيٰ شاهه پنهنجي جڳهه طرف وڃي رهيو هو ۽ ساجدا چئي رهي هئي: "اسان پرين وچ ۾ جروهي جاري، هڪ ڪڙڪو ڪنن ۾ پوي، ٻيون ويرون ڏئي واري، خود ساڄن جا ساري، دهلي ته درياهه ڪون."

۽ هن محترما نصرت بيگم کي افتتاح جي رسم ادا ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو.

نصرت بيگم نيري ساڙهيءَ ۾ ملبوس هئي، جڏهن قرآن جو ذڪر پئي ٿيو ته ڪا آيت چئي پئي وئي ته ڏهن هن ساڙهيءَ جي پلئه سان مٿو ڍڪيو پئي.

اياز چيو، "آهي ايراني پر سنڌي ڳالهائيندي آهي." هن پنهنجي تقرير سڄي جي هن بيت سان "والي وسائج دردمنديءَ جو ديس." الائي گهڻن گلن مان هن سان گڏ نڪتو، "پرين مون پرديس، اُتي ايندم اوڏڙا." نصرت بيگم صاف سٺري لس سنڌي ۾ ڳالهائي، پر پارٽ ۾ اسانجا پار جيڪا سنڌي ڳالهائيندا آهن، تنهن کان نصرت بيگم جي سنڌي بهتر هئي. هن پنهنجي تقرير ۾ "ذوالفقار جي شجاعت ۽ شهادت جو ذڪر ڪيو، اُن نظير جي نه اچي سگهڻ جي معذرت پيش ڪئي ۽ يقين ڏياريو ته مرڪزي سرڪار سنڌ جي مفادن کي نظرانداز نه ڪندي. سنڌ جنهن سڳورا درويش ۽ سچا سنت پيدا ڪيا آهن، جنهن عالم فاضل پيدا ڪيا آهن، سورهيه سوڀا پيدا ڪيا آهن، پيپلس پارٽي تنهن سنڌ جو وار ونگو ٿيڻ نه ڏيندي." تاڙين جي ٺهڪن سان حاضرين ان واعدي جي مرحبا ڪئي.

افتتاح جو اعلان ٿيو ۽ سا جدا ٻيون دفعو پوڊيم تي آئي.

۽ ٻئي مون لاءِ اڻ واقف نه هئا. سنڌ جي ”سوجهرو“ ۾ ٻنهي جون وچڙائون پڙهيون هيم. ان وقت سوٽ بوٽ ۾ اسلامي ٽوپيءَ سان هڪ شخص وڌي آيو. چيائين، ”مان آهيان آغا سليم“ مون به هٿ ملائيندي چيو، ”سڃاڻانءِ ٿو. ”دولهه دريا خان“ ناٽڪ جو ليکڪ آهين. هند ۾ اهو ناٽڪ ٿيو آهي.“ هن جا هٿ بي اختيار هيٺ ٿيا، مون اهي پڪڙي پنهنجي ٻنيءَ طرف آڻي هن کي ڀاڪر پاتو. هن جذباتي ٻولي ۾ چيو، ”مالهي صاحب، اهو اوهان جو وڏ آهي نه ته مون سنڌ جي الاهي اديبن اوهانجي ادائي کاوشن مان اُتساهه پاتو آهي...“ مون ڳالهه ڦيرائڻ لاءِ چيو، ”ميان، ڪي سگريٽ.“ پوءِ ته ڪچهري شروع ٿي ويئي. صدر چانو جو به انتظار ڪري ورتو. سڄيءَ محفل ۾ مانڊو نواز علي شوق هو. اسين واپس وري نه رهي هئي. اوچتو هنکي ياد آيو ته ڪلچرل پروگرام ۾ سنڌ جو گورنر، خاص طور هند جي اديبن جو انتظار ڪندو هوندو. هو ويچارو هڪ پرائيويٽ ڪار ۾ اسان جو انتظام ڪرڻ هليو ويو.

اسان جي ڪچهري جاري رهي.....

جڏهن اسين واپس آئي تڏهن ڪافي دير ٿي چڪي هئي. صدر، امداد، سليم ۽ ڪن ٻين اديبن جي هوٽل اسان کان اول آئي، مون به پرل ڪانٽينينٽل تي لهڻ چاهيو پر ڪرشن چيو، ”سنگيت محفل جو اُورو مزو ماڻي اچون.“

مونکي گڏوگڏ سوڀي جي ياد آئي. هن چيو هو، ”مان سنگيت محفل ۾ ايندس.“

واقعي گورنر هليو ويو هو، سليم شيخ پانيڪارن جي گيسوائيءَ تي پشيماني ظاهر ڪئي. سوڀي جو ڪو پتو ڪو نه هو. مونکي ارڪمڻ عليءَ پنهنجي پر ۾ اسٽيج جي نڪ

اڳتي کي ڇوڙ نه ڏنو. چيائين، ”اوهان ٺاڙو پيي. اٻهڃ. ٻڌي ڪٿي آهي.“ پوهٽي چيو، ”ها لوڪ ادب تي ڪٿي آئم، ۽ اوهانجي لکيل ڪتابن جو سهارو ورتو اٿم، پوءِ هو ٻئي ڳالهين ۾ جڪڙجي ويا. ڪرشن دريءَ وٽ ويٺو هو، سو گم سم، رستي جي روشني - اونده - روشنيءَ ۾ ماضيءَ جي يادگيرن ۾ کوهيل پئي ڏنو، منهنجي ذهن ۾ ساجدا جا ٻول پئي ڦريا ...

بس اوچتي بريڪ ڏيڻ سان جيپ ڪندي ٿهي وئي. ۽ ماني کائي رهڻ بعد بس وڃائي! ڪيئن؟ ياد ته آئم، بس وڃائڻ وارو مان اڪيلو نه هوس. اسين ٻي هئاسين. اٽ ڏه ٻيا اديب هئا، خود نوازعلي شوق هو، جو اسانجو انچارج هو. هو به ماندو پريشان پئي ڦريو. مان اوچتو هال ۾ آيس. ڦي الحال، هڪ نوجوان نينگريءَ کي مرڪي ڪرشن سان ڳالهائيندو ڏٺو. ”ادي تون منهنجي ڀيڻ ٿيندينءَ؟“ مان ٻڌي ويٺس، هوءَ ڪڪي وکي ٿي مون ڏانهن ڏسندي رهي. ڪرشن چيو، ”لاشڪ، ٻنهي مرڪن ۾ چڱي ساڳيائي آهي.“ هوءَ اڃا به پريشان ٿي وئي. ٻڪايڪ هڪ ڪارسرو سنهڙو ڊگهو شخص مون طرف وڌي آيو. چيائين، ”مالهي صاحب، اوهان ٿي نه، سنڌ به گهڻو ڪي وڃايو آهي. ادي پڳو نتي ناواٽي صرف اوهانجي باغ جي ڪوئل نه هئي، هند توڙي سنڌ جي لاڏالي فنڪاره هئي.“ هن جي آواز ۾ مان عقيدتمندي جهلڪڻ لڳي، هن جي ڪٿي ڪا سماڌي هجي ته، چند گل منهنجي طرفان رکجو.“ پوءِ پاڻ ته ڪي ياد آيس. پاڻ سنڀالي چيائين، ”مان امداد حسيني آهيان.“ مرڪ واري شرميلي جوانڙي ته، پرولي سلجهڻ تي ڪي قدر اي حجاب اٽڪي چيو، ”مان آهيان امداد جي شريڪ حيات.“

وارو آيو جمڻ فقير جو. جهور ٻڍو ٿي چڪو هو، نظر به جهڪي ٿي ويئي هيس. هٿ ڪان وٺي اسٽيج تي آندو ويو هو. آواز مان ٻه عمر ڀڄي لکي. پر به هن جي استادي ادائگيءَ مان جهلڪي پئي. مان هڪ دفعو وري ننڍو ٿي ويس. ماسٽر چندر سان اڪثر ميلن ۾ ويندو هوس. ڀلعيدن جي جمڻ شاهه ميلي ۾. هڪ ڳڀرو جوان عين اهڙين ماسٽر چندر جيان ڳائيندو هو. جمڻ. پر ڪارڻن ۾ ماسٽر جمڻ اهڙو ئي مشهور جمڻ فقير جي طور ٿيو.

جيئن ئي محفل پوري ٿي، مان ڊوڙندو اهڙڪ اسٽيج پهتس. ڪرسيءَ تي اکيون جهڪايل جمڻ سان وڃي هٿ ملايم. پڇيائين "اهان ڪير؟" مون چيو، "مان آهيان گوبند، گوبند مالهي. جمن شاهه ميلي ۾ ماسٽر چندر..." هن جي جڏي جيءَ ۾ سگهه اچي ويئي. اٿيو، ڀاڪر پائي چيائين، "توکي ٻٽو ڀاڪر پائڻ کپي، هڪ ماسٽر جي ڪري، هڪ تنهنجي پنهنجي ڪري. تون به سنڌ ۾ ڪافي مشهور آهين..." پوءِ جمڻ ڳنگنايو: "دل تنهنجي منهنجي هڪ آ." (جمڻ فقير ٿورا مهنا پوءِ ساهين سڪالي ٿيو.)

اَڌ رات پڇاڙا مان بستري پيٽو ٿيس پر مونکي ننڊ پوءِ به چڱو دير سان آئي. سوير اٿندڙ آهيان پر پئي ڏينهن صبوح جو پارتيءَ سڏ ڪري، اچا ۽ توندڙي اٿاريو: "مالهي پيارا، اٿي، اسر جو رام رهجهاءِ پندا." پارتي سنڌ ڀيڻ تي چڱو موجي مزاج تي ويو هو.

فون جي گهنٽي وڳي. جڏهن وير جي ماڻت شامنداس هو. منهنجا ماشا ٿني ويا. مان سڀل تي اڪيل پيهر جو ساري رات جاڳي فيٽر ڪيو هوم اهو گهر وساري آيو هوس. پشپا اهو هڏهن ويڳر سان اهڙر پورٽ وڃي ڪنهن ڪراچيءَ اينڊز شخص

سامهون وهاريو. ڪرشن ۽ پارٽي ٻهراڻ قطار ۾ ٿورو پرڀرو ويهجي ويا. اسٽيج تي ڳائي رهي هئي زرينا بلوچ — ” ڪانهي ڪاڻ ڪتڻ جي سچل کي، آڻ يار اجارڻون هليو ويو ... “ مون زرينا کي روبرو پهريون دفعو ڏٺو ٻڌو هو، حالانڪ هن جا ڪلام ۽ لوڪ گيت ڪئسيٽن ۾ ٻڌا هئم، سنڌيس ڳاتل هڪ ڪلام ڀڳونتيءَ جي زباني آڪاشوائيءَ جي سنڌي يونٽ لاءِ رڪارڊ به ڪرايو هوم. خود اهو ڪلام به مون ڪڪيءَ کان اسٽيج تي ڳارايو هو.

برڪت عليءَ ٻڌايو، ” اسان اوهانجي رهجي وڃڻ جو ٻڌي هيءَ محفل جاري رکي آهي. مکيه فنڪارن کي ٽرسائي وهاريو اٿئون. سچل جي روضي شريف جا فقير به ٽرسيا اٿئون، سنڌي لوڪ سنگيت جي جهلڪ ٻڌائڻ لاءِ. “ هن وري چيو، ” اوهان ته ڪلاڪارن جا پارکو آهيو. ڀڳونتي ناواڻي به ته اوهان جي سرواڻيءَ ۾ هند ۾ ئي نه، سنڌ ۾ به ناموس ڪئي. “

سچ پچ سچل جي فقيرن دل سان ڳايو. ڪي يڪتارا کڻي نچيا به، مونکي وريئن ٻچاٽا ناروشاه ۾ اڌ مني رات تائين هلندڙ موسيقي محفل ياد اچي ويئي. هندو مسلمان ڳوناٽا يڪتاري تي ڳائيندا هئا، نچندا نچائيندا هئا. مان ماضيءَ ۾ هلندو رهيس.

مان بيدار تڏهن ٿيس جڏهن محمد يوسف جو آواز گونجيو، ” مست قلندر لال، سدا وسين سنڌ ۾، سدا وسين سيوهڻ ۾ ... “ اهو ڪلام مون ڀڳونتيءَ کان ڪئسيٽ ۾ رڪارڊ ڪرايو هو، هو بهو ان طرح جيئن محمد يوسف ڳائي رهيو هو. مون سنڌ جي ڪلچر جو ورهاڱو مڃيو ئي ڪونهي، اهو ٿيو به ڪونهي. منهنجي دل ۾ تمنا رهي: مان محمد يوسف ۽ ڪڪيءَ کان هڪ دوگانو ڳارائيندس. خير ...

٣- سچُ سچ ٿو ٻولي ...

مون تي منهنجي ننڍڙي غلطي ۽ ڀوريءَ ريت حاوي ٿيندي ويندي آهي. هيءَ ٻيهر نه آڻڻ جي گهُر ۽ مونکي غلطي ٿي پاسي. ٻيهر پڙهڻ جي ادلا بدلي مٽائڻ جو ذمو ڪرشن کنيو هو، پوءِ اُن جيستائين علي نواز شوق وٽ پهچي ٻيهر بابت ڦير بدل نه ڪرائي تيستائين منهنجي من ۾ ڪافي آنڌ مانڌ رهي. شوق کي ٻيهر جي سلسلي ۾ سنڌ جي ڪنهن به اديب جي ڦير بدل نه ٿي آئڙي، منهنجي هو ته طلب قبولي وئو. صرف پنهنجي من کي پرچائڻ لاءِ چيائين، ”جڏهن هڪ پارٽي اديب بدران ٻيو اديب ٿو پڙهي ۽ اوهان ٻيهر پڙهڻ وارا ٿي آهيو مونکي ڪهڙو اعتراض هجڻ کپي؟ ٿي سگهي ٿو اوهان هڪ ڏينهن ملڻ تي بهتر ٻيهر پڙهو.“ ٻيهر پڙهندڙن ۾ پهرئين اجلاس ۾ ٿي نارائڻ پارٽيءَ جو نالو ۽ هو. هوُ اچڻ جي پڪ ۾ ڊپ ٻوڙ ۽ پوءِ جي ٽڙ پيڙ ۾ ٻيهر لکي ٿي نه سگهيو هو. مون هڪڙي چيو، ”مهل اٿيئي، ”شوق“ کي چئي ڇڏ، ”منهنجو ٻيهر تيار ڪونهي. گهٽ ۾ گهٽ اَج نه پڙهندس.“ شوق پارٽيءَ جو نالو نه ڪٽڻ جو واعدو ڪيو. شوق اسان ٽن جي سلسلي ۾ ڪشاده دل شايد ان ڪري به هو جو سندس ”ٻيهرواهيءَ“ ڪري اسانکي راس ريلوي انسٽيٽيوٽ ۾ ترسڻو پيو هو ۽ گورنر سان فوٽو ڪڍائڻ کان وانجهجي ويا هئاسين!

سيمينار هال کان ٻاهر ڪي خاتون، اسانجي خير مقدم لاءِ منتظر وجهي ويٺيون هيون. هڪ خاتون مونکي پري کان ايندو ڏسي منهنجو نالو لکي ڇڏيو هو. مرڪيو ۽ هئائين،

کي ڏيڻي آئي هئي. شامنداس هنجو هتان جو فون نمبر ڏنو ۽ چيو، "هو پاڻ توهانکي پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو." منهنجو لٿل منهن ڏسي پارٽيءَ پڇيو، "خير ته آهي؟" مون چيو، "خير ڪونهي." ڪرشن ته چانهه پيئڻ سانگي هليو آيو. پڇيائين، "ڇا ٿيو آهي؟" مون ٻڌايومانس، "پير ڇڏي آيو آهيان." ڪرشن چيو، "اڄ تنهنجي جڳهه تي مان پير پڙهندس، تون منهنجي جڳهه تي سڀاڻ پڙهج. ان وچ ۾ پير ملي ويندءِ. مان نواز علي شوق کان ادلي بدلي ڪرائيندس. هاڻي ته موڊ ۾ اچ."

۽ ان وقت پارٽيءَ چيو، "رهجي ايندي، تون پاڻ ئي چوندو آهين." منهنجي من ۾ پڙاڏو ٿيو، "ڪاش!"

۽ شوق جو آواز به آيو، ”مهرباني ڪري هال ۾ هلو ته ڪارروائي شروع ڪريون.“

مان اندر گهڙيس. هڪ والنٽيئر راهه ڏيکاريندي پهرين صف ڏانهن پهچايو. ڀارت مان آيل اديب، وينا سميت، پهرين صف ۾ ويٺا هئا. ڪرشن ۽ نارائڻ وچ ۾ هڪ ڪرسي خالي هئي. مان اُن تي وڃي ويٺس. نارائڻ جي ٻئي پر ويٺل شخص هٿ وڌائي چيو، ”آءٌ، جي الانا“ ٻڌايان هڪ ٻيو هٿ وڌي آيو، ”مان آهيان عبدالجبار جوڻيجو. اِن طرح ويٺي ٿي آس پاس جي اديبن طرفان سيلف انٽروڊڪشن جو سلسلو شروع ٿي ويو.

صدر، مان سمجهان ٿو ته، ايران مان آيل نبي بخش قاضي هو ۽ سيڪريٽري عزيز بگٽي (بلوچستان جي وزير اعليٰ جو پي. اي.) هو.

پهرين پڙهڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو.

مون سان هڪ ويڌن آهي، ڊائز تي يا پهرين صف ۾ ويهڻ کي مان پاڪي مريادا جي بندن ۾ ٻڌل سمجهندو آهيان، چاهيندو آهيان پري وڃي ويهان جتي ماڻهن جون نظرون به نه هجن ڪي پانديون به نه هجن. پهرئين ڏينهن چالو رهڻ واري وقت ۾ ٻڌيان هليو ويس تنوير اُن وقت هال ۾ داخل ٿيو هو. چيائين، ”صفا ٻڌيان ته وچ. وڃ ڏي هلي ويهون.“ هو اڳيان، مان ٻڌيان. وچ ۾ هڪ ٻئي جي ڀرسان ويهي وياسين عام ڊيليگيٽن جي وچ ۾.

مقالن جو سلسلو شروع ٿي ويو. هڪ بعد ٻيو، ٻئي بعد ٽيون ۽ هر هڪ مقالي جي پوري ٿيڻ تي تاڙيون، گهٽيون مصنوعي......

او چتو، اڳئين صف ۾ منهنجي بلڪل سامهون ويٺل شخص

ٻين ۽ اڳيان وڌائي هٿائين، پڙ پڙ ۾ ڪجهه چيو ۽ هٿائين مگر مون اڃا صحي وڌي مس هئي ته هڪ خاتون اچي منهنجي پير ۾ ليٽي پئي . چيائين، ”اوهان لاءِ آپا ميان دعا سلام ڏنا آهن. اوهان هن سان ملڻ چاهيندا؟ مان اوهانکي شام جو وٺي هلنديس، جي اوهان چاهيندا .“ مان ڌڪو هٽي ويو هوس ته هيءَ جي . ايم . سيد جي ڌيءَ آهي ۽ سهڻي شاه لطيف تي انگريزيءَ ۾ هڪ معياري ڪتاب ۽ لکيو اٿس . هوءَ ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڊيليگيشن کان ڪافي پري وٺي آئي هئي . مون چيو، ”مان جي. ايم . سان گڏجڻ پنهنجي خوش نصيبي سمجهندس .“ ۽ هوءَ کسڪي وئي . مان اڃا ان ريت پريرو بيٺو هوس ته هڪ جوان آڌو عمر ٽيهه پنجٽيهه هوندس . سنڌي پوشاڪ ۾ . لمبو ڪڙتو، سلوار ۽ ڪليل صدري . اها پوشاڪ دراصل گهڻن اديبن اپنائي هئي. سو پڻ ته ان پوشاڪ ۾ هو، ڪالهه، پارٽ ۾ ايندڙ سنڌي ته ان پوشاڪ ۾ ٿي ايندا هئا اڪثر . اجرڪ ۽ هوندي هئي ڪن کي ڪلهي تي ۽ مٿي تي سنڌي ٽوپي، جن جي ساجدا شيخ راس پارٽ ڪئي هئي . هنجو نالو ۽ واقفيت جهٽي ن سگهيس، پنهنجي سوچ ۾، چيائين، ”اسان هن ڪانگريس ۾ ڊيليگيشن جو ڪارن جهنڊن سان مرحبا ڪرڻ وارا هئاسين، صرف اوهانجي (۽ هن اوهانجي لفظ تي ڪافي زور ڏنو ۽ هڪ قسم جو چتاءُ ۽ هو چوڻ ۾) صرف اوهانجي ڪري موشو اٿئون.“ پوءِ غصي پريل آواز ۾ چيائين، ”جمهوريت ناهي، مذاق آهي.“ هو هليو ويو.

مان حيران و پريشان بيٺو ٿي هوس، اڪيلو، پريرو جو ڪئميرا جي ٽڪ ٽڪ ٿي، پهرين ڪئميرائن ڳولهي لڌو هو مونکي، پوءِ اهي ٿي پاڪر، چميون ۽ خوش آمديد جا آواز.

"ماڻي ڪٿي آهي؟" اِن کان اڳ هو ٻاهر هليو ويو. ڪرشن سان شايد اڳ ئي ڪيڪر ڪٿي هٽائين.

مان هوٽل جي رسيپشن ڪائونٽر تان پڇا ڪئي ته منهنجي پيءُ بابت ڪو فون آيو هو يا ڪو پارسل ڇڏي ويو هو. اتي نه ڪا فون هئي، نه پارسل، مان نراس ٿي واپس آيس.

هال اندر پيپر پڙهڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. جنهن ڏينهن کي پيپر پڙهڻ لاءِ چيو هئائون؛ پارٽي جي انهن اديبن جا نالا ٻ هئا جي آيا ڪو نه هئا.

پيپرن ۾ ڏهراءُ نه هو، سچل کي گهٽائڻو فڪر جو فقير، امن جو امير ۽ سچ چوندڙ مرد مجاهد ڪري پيش ٿي ڪيو ويو. هن جي باغيپڻي ۽ ملن مولوين خلاف روش کي نظرانداز ٿي ڪيو ويو جيتوڻيڪ افتتاحي جشن جي شاميانې ۾ هڪ هنڌ لکيل هو، "ڪٿ ملان دي نوڙهه، نوڙهه ..."

مان "سچل ڪانگريس" جا مقصد به سمجهڻ لڳو هوس. هڪ طرف سگا جو پنهنجي پاران جاري ڪيل سلسلي کي وڌائڻ - "شاهه" تي سيمينار بعد "سچل" تي ڪرڻ لازمي هو. ٻيو مقصد هو دنيا ڀر جي سنڌي اديبن ۽ مفڪرن کي هڪ ئي وقت هڪ ئي هنڌ آڻي هنن وچ ۾ پنهنجائپ جي ڳنڍ مضبوط ڪرڻ ۽ ڪين خيالن جي ڏي وٺ جو موقعو ميسر ڪري ڏيڻ. ٽيون جو انهن کان وڌيڪ هو پر ان جو ذڪر ٿيو ٿي ته خانگي طرح ۽ ڊبيل زبانن سان. اهو مقصد هو سنڌ هي جيئي سنڌ جي تحريڪ جي پيٺ ۾ اهو جتائڻ ته پاڪستان ۾ جا ٻارنهن سالن بعد جمهوريت آئي آهي سا سنڌ ۾ آزاديءَ ۽ سڄاڳيءَ جي ماحول کي اوج ڏيئي سگهي ٿي. ان لاءِ پارٽي مان اديبن جو ۽ خاص طور منهنجو اچڻ ۽ موٽي - ڪلا ۽ اتر- سنڌريءَ جو اچڻ ٿر تان ڳسي وڃڻ - اهي سڀ شاهد هئا

پٺيان نهاريو ۽ چيو، "ڪامريڊ، ڀلي آئين." هو پاڪستان ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري جام ساقي هو. هو جيل ڀوڳي چڪو هو، موت جي سايي ۾ به رهيو هو ۽ آزاد ٿيڻ بعد پارٽيءَ ۾ آيو هو. ٻمبئيءَ ۾ هُو مون سان، ڪيرت سان ۽ اُتم سان گڏ مليو هو. اسانکي ڀڪوجودگيءَ جو سنديش سڻايو هئائين...

مقالا ٻڌندي مونکي لڳو، جڏهن پيو ٻڌجي، سڀل ٿي نٿين نظر خير ڪا هئي، تهائين هن جي باغي ٻٽي کي فراموش نه نه، نظرانداز ٻئي ڪيو ويو. مونکي لڳو، جاڻي ٻجهي، ملن مولوين کي مهراڻ کان ڪنارو ٻئي ڪيو ويو، جيئن ٽيڪ راتِ افتتاح جي جلسي ۾ هڪ ديوار تي لکيل هو، "ڪٽ ملان دي نوڙه نوڙه."

ٻهري ون اجلاس ٻورو ٿيو. چانهه لاءِ ڊائيز جي ساڄي پاسي هڪ ڦانڪ جيترو لنگهه کليو ٻيو. اُتي چانهه جو دور ۽ کچهرين جو وجهه ميسر هو. ڪرشن، نارائڻ ۽ ٻيا پارٽي اديب ويندا سميت هٿ ۾ چانهه جا پيالا جهلي ڪڏهن ته ڪڏهن ميڙاڪي جي وچ ۾ گفتگوءَ ۾ مشغول هئا.

مان ان لنگهه اندر گهڙيس ته ڪڏهن هٿ وڌائي ڪيڪاريو: "هلو، ڪامريڊ." مون هٿ ملائيندي سڃاتو، هو عبدالستار شيخ هو. مسلمان اديبن کي اُساهه ڏيڻ لاءِ ١٩٤٥ ۾ "ريگستاني ڦول" مجموعي ۾ سوٽي جي لکيل ۽ مذهبي طرفان سڌاريل "رحيما" ڪهاڻي هندي ٿالي ۾ ڇپي هئي. هن چيو، "گڏجاسين." ۽ کسڪي ويو. سوٽو به هليو آيو. چيائين، "مان ذري گهٽ مڏي ڪانوڻي هتي آيو آهيان. هاڻي وڃان ٿو، رات جو مانيءَ تي گڏجاسين." مان هن کان پڇان،

آسٽان ڏيکارڻ ۽ دعوتون کارائڻ پيا سفر ۾ اڳڪائڻ - اهو آهي اوهانجو ڪراچيءَ کان ٻاهر پروگرام. حيدرآباد کي اوهانجي سفر جي دائري کان ٻاهر رکيو ويو آهي. منهنجي هڪ ڳالهه اوهان کي مڃڻي پوندي. ڪيترن ئي هڪ ڏينهن حيدرآباد اچڻو ۽ سنڌي ادبي سنگت جي ميڙ ۾ آجيانو قبولڻو پوندو. سڄو قافلو سيوهڻ کان ڪراچيءَ ايندو، اوهان حيدرآباد اچجو. ٣ ڊسمبر مان ۽ ٻيا اديب اوهان ۽ پارٽي اديبن جو حيدرآباد ۾ انتظار ڪندا سين." هجت کان وڌيڪ زوربار هو. مون چيو، "اسين حيدرآباد پهچندا سين." جي. ايم. سيد جي ڌيءُ وڏي آئي، چيائين، "آباجان جو ويچار آهي، اوهان اڄ نه هلجو. سڀاڻي بابت سوچبو" مون سو چيو. جي. ايم. به بندر ۾ آهي نه. منهنجي لاءِ ڪو جوکم پيدا ڪري نه ڪري." هن بندر ۾ مان به هوس - سنڌ اچي سنڌ جي وڏي ۾ وڏي اڳوان سان ملڻ جو مبارڪ موقعو ڇڏڻ نه کپي، ٻئي پاسي اهو به خطرو هو ته منهنجو هن سان گڏجڻ، سو به سڳا وارن جي ڄاڻ کانسواءِ، ميزبانن لاءِ اڻ وڻندڙ ۽ نڪته چينيءَ جو باعث به بڻجي ٿي سگهيو.

ابتري ۾ نورالدين سرڪي آيو، چيائين، "شام جو چانهه اوهانجي بعدي سڀني پارٽي اديبن جي، ويندا سميت شيخ اياز وٽ آهي. سڳا وارا اوهان کي اتي پهچائيندا، ساڍي پنجين اچي."

مان هال ۾ بلڪل پٺيان وڃي ويٺس. ڇهين بجي ڌاري ڪرشن پيپر پڙهي پورو ڪيو. پيپر ڪافي سٺو لکيو هئائين. اُن جو عنوان هو، "سچل جي شاعريءَ ۾ انسان جو تصور." ان بيٺڪ جي صدر ابراهيم جوئي، پيپرن جو تبصرو ڪيو، اهو به عالماڻو ۽ ٻڌڻ لائق هو.

ته جيئن سنڌ تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ جو مقصد به اڻٿواب ٿي رهيو هو. مٿان ڪارن جهنڊن ڏيکارڻ جي يوجنا به عمل ۾ نه آندي وئي هئي! ان تحريڪ جا باني تاج جويو ۽ هن جا همراه سيمينار ۾ موجود هئا. خود جي. ايم. سيد جي عالم-اديبا ڏيءُ حاضر هئي. سياسي ويچارڌارا جي ويڇن کي به سيمينار جي دائري کان دور رکڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي هئي. ڪميونسٽ جام ساقي به هو ته ڪابيءَ ويچارڌارا جو علمبردار سوڀو گيانچنداڻي به هو. بي نظير جو اُن وقت سياسي صلاحڪار جام صادق علي به هو ته بينظير جو مخالف رسول بخش پليجو به هو. اديب هم خيال ۽ تـوڙي هڪ ٻئي سان رقابت رکندڙ هڙئي هئا. ڪي ٿورا مقبول اديب نه هئا، جمال ابڙو، علي بابا پارا. مهتاب محبوب به نه هئي. ٻئين ڏينهن تي شوڪت شورو ۽ حيدرآباد جا اديب به اچي سهڙيا. ڪيئن به، ڪانگريس هڪ لاڏاڻي ۽ مبارڪ گڏجاڻيءَ جو موقعو ميسر ڪري ڏنو هو. تنهن ڪري سيمينار جي ڪاميابي پنهنجيءَ جڳهه تي، ڪانگريس کان ٻاهر گڏجاڻين ۽ ڪچهرين جي ڪاميابي لفظن جي قيد ۾ قابو ٿيڻ کان قاصر آهي، اڃا تائين.

منجهند جي مانيءَ تي تاج جويو ڊائننگ - هال ۾ منهنجو اڳ، جهلي بيٺو هو. هوُ پارٽ مان ڪي مهنا اڳ، ٿي ويو هو. هن سان ۽ ڪن همراهن سان منهنجي گهر سڄي رات جاڳي ڪچهري ڪئي هئي. چيائين، ”مالهي صاحب، پروگرام ٻڌيو اٿو؟ بانيڪارن جي ڪوشش آهي پارٽ مان آيل اديبن، خاص ڪري اوهانکي سياسي ۽ ادبي ڪيڊر کي سمجهڻ کان روڪيو وڃي. صبوح جو سڀين اڳي کان اوهانجون مشغوليون شروع ٿينديون ۽ رات جو ٻارنهين ٻارهين تائين هلنديون -

سنڀاليو هئائين. ورهاڱي بعد هن تهائين پاڻ ملهايو هو ۽ سنڌ ۾ ادب کي اوچ ڏيڻ ۽ اديبن کي اتساهه ڏيڻ ۾ اڳرو رهيو هو. ون يونٽ جي دوران ۾ جيل به ويو هو ۽ ذوالفقار ڀٽي سان گهرائي ٿي هيس. هن جي پاڪستان جي وزير اعظم ٿيڻ جي دوران ۾ شيخ اياز سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿيو هو. اهو عهدو مونکي مهانگو پيو هو. اديبن وچ ۾ ادب جي کيتر ۾ هن لوڪ پريتا کوهي هئي، پنهنجي شخصيت بابت شڪ شبها پيدا ڪيا هئا. پراڻو حال محرم جاڙي هن پنهنجي لائبريءَ جي هال ۾ سڀني پارٽي اديبن، آندل سومري ۽ اياز گل جي حاضريءَ ۾ مونکي چيو، "مهان تو، ڪي غلطيون مون کان ٿيون، سياستدان مونکي شڪار بڻايو پر هنن جو نشانو نه پٽو مرحوم هو نه. اها ڳالهه اديب نه سمجهي سگهيا ۽ جي منهنجا زبردست هئا، سي نه ناڙ ۾ هئا نه مان ناڪام ٿهرايو وڃان. خير." پوءِ اصلوڪي موڊ ۾ اچي چيائين، "منهنجو گهر اوهانجو آهي، ڪڏهن به هليا اچجو. ۽ هيءَ لائبريري به اوهانجي پنهنجي آهي، ڪهڙو به ڪتاب ڪڍو، اوهانجي ملڪ آهي." چڱو مزو آيو هن سان ڪلاڪ ڏيڍ گهارڻ ۾، چانهه سان چهر به هئي قسمين قسمين ڪيڪ ۽ مٺايون به هيون.

رات جي مکيه مشغوليءَ ۾ اياز اسان سان گڏ هو. سو پڻ به هو. اسان پارلي سنڌي اديبن جي دعوت ڪئي هئي، سنڌ وومين انسوسيئيشن (آسوا) ۽ مهراڻ سنگت، مسلم آباد ڪلب جي سچل سرمست هال ۾. اسانجي ڪار جي ڊرائيور کي هال ڳولهڻ ۾ ڪي قدر دقت ٿي. وقت کان ٿورو دير سان پهتاسين. هال کان ٻاهر ٿي اندران هڪل وارو آواز ٻڌڻ ۾ آيو: مان ڏوهي هان، مان ڏوهي هان. اندر پتو پيو ته آواز هو نوجوان

ڪانگريس جي پهرئين ڏينهن جي ڪارروائي پوري ٿي. ڀارتيءَ پڇيو، ”پوءِ ملبءَ؟“ مون ڪنڌ ڌوڻيو ۽ چيو، ”نه.“ ڪرشن به اچي سهڙيو. چيائين، ”يادگيريءَ مان لکي ونءِ.“ ها، منهنجي من چيو، ”هونءَ به ٻين جو معيار، ڪن ٿورن کي ڇڏي، اوچو ته نه رهيو آهي. ۽ ڌيان سان ٻڌڻ گهٽا ٿا؟ هيءُ ته سچل صدقي ميلو آهي.“ پوءِ به چيم، ”يادگيريءَ مان لکڻو پوندو، رات جاڳي ڪري.“ وري پڇيم، ”اياز وٽ هلون ٻيا؟“ ڪرشن چيو، ”سليمان شيخ چيو هو ته ڪارس موڪليندا جيئن سڀ ڀارتي سنڌي ليکڪ هن وٽ هلون.“

ڪارس ٿورو دير سان آيون. اياز آرگنائيزن تي غصو به ڇڏيو ۽ مون سان ئي نه، سڀني سان بيحد قرب سان مليو. پنهنجيءَ شريڪ حيات زرينا سان به واقفيت ڪرايائين. پنهنجي لائبرري روم ۾ هلي وهاريائين.

ڀارت ۾ سنڌي اديبن ۾ ئي نه، عام سنڌي پاٺڪن ۾ به شيخ اياز سنڌ جي مڙني اديبن کان وڌيڪ لوڪ پريہ هو. هن اسانجي سنڌ ۾ هوندي ئي ادبي کيتر ۾ ڌاڪ ڄمائي هئي. ڪهاڻين جي ڀيٽ ۾ هو شاعريءَ ۾ وڌيڪ چمڪيو هو. هندجا انقلابي شعر سوڀي جي پلاٽ تي مون ”ٻره ڦٽي“ ۾ ڇپيا هئا ۽ انهن فڪر ٽوڙي شعر ڪري هنکي ڪافي ادبي حيثيت ڏياري هئي. مون، ڀهاري چاپرا ۽ شيخ اياز ئي ١٩٤١ ۾ ميٽنگ جو سڏ ڏنو هو سنڌي اديبن جي مرڪزي سنستا ”ادبي سنگت“ کوٺائي هئي. لالچند جڳتياڻي صدر چونڊيو هو، مان جنرل سيڪريٽري، اياز ۽ ڀهاري جائنٽ سيڪريٽري. جڏهن ڀهاريءَ ٻڌايو هوس، ”مالهي ته لڏي ٿو وڃي“ تڏهن هن جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو هو پوءِ مڙس ٿڪجي مورچو

اوچتو چيائين، ”پڳوڻي ناواڻيءَ جي نه. هجڻ ڪري ته اڻاڻڪو ٿيو هوندين.“

مون ٻهراڻ چرڪ ڀريو هو، پوءِ گنڀير ٿي چيم، ”هن دنيا ۾ جي سنڌين جي سنڌ سان وابستگيءَ جي ڪارڻ ۾ اهم پاڳ ادا ڪيو.“

”شاباس اٿس، سنڌي ڪونه وساريندس. ٻڌو اٿم، هنجون ڪئسيٽون آنديون اٿئي. سڀني نمونن مان هڪ هڪ مونکي ڏي. ۽ پنهنجي آندل امر ڪٿا جا ٻه سيٽ به مونکي ڏي، هيئنر جو هيئنر. صبوح جو مان لاڙڪاڻي وڃي رهيو آهيان. مان اوهانکي سچل قافلي جي موهن جي دڙي وٽ پهچڻ تي گڏبس.“ هو ڳالهائڻ بند ڪري مون ڏانهن نهاري رهيو هو.

اصلوڪو ٻاراڻو سڀاءُ هن سلامت رکيو هو، ڪنهن شيءِ تي هن آڻو ڪيو نه آهي، اها هنکي ملڻ تي کپي، ته طلب.

مون ڀارتيءَ کي چيو، ”پنڊ کي ڏي منهنجا ڪتاب.“ مان بئگ مان ڪئسيٽون کڻڻ لڳس.

اهي سڀ وٺڻ کانپوءِ چيائين، ”جي. ايم. سيد سنڌ جو اڄ به وڏي ۾ وڏو اثردار اڳوان آهي، ٻرڌ ٿي وڃڻ بعد به هن ۾ نوجوانن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جي طاقت آهي؛ هو ماڻهو گڏ ڪندو آهي، هنن کي تربيت ڏيندو آهي، پيا اڳوان اهي هن کان ڪسي ڪٽي ويندا آهن. شاه صاحب وري ميڙيندو آهي، وڃائيندو آهي.“

اڪايڪ هو اٿي کڙو ٿيو. چيائين، ”مان هلان ٿو. اوهان به آرام ڪريو.“

ڀارتيءَ چيو، ”ادا، آرام ڀارت ۾ وڃي ڪنداسين.“

ڳـلوڪار ٻيدل مسرور جو ۽ ڪلام هو شيخ اياز جو. جلسي ۾ مختصر تقريرون ٿيون. ميزبان جماعت جي هڪ عهديدار خاتون، سوڀي، اياز ۽ مون ڳالهايو. آسوا طرفان سنڌين سنڌر "سوينر" اَجرڪ اوڇڻ دلڪش پلاسٽڪ وارو فولڊر سوکڙيءَ طور مليو. ٻيدل سرور پڙهڻ ۽ ساٿين جي آواز ۾ اياز جي ڪلامن جي ٻرٻل ڪئسيٽ ڏني. ٿورا ڏيرا پوءِ ٻه مسرور ۽ ساٿين کي ٻڌڻ جو موقعو مليو. هن جت ڪٿ اياز جا ڪلام ڳاتا. هوءَ عملي طور اياز جي اهميت ڄاڻڻ جو جتن ڪري رهيو هو. ان دعوت ۾ اهو ٻه سڌ ٿيو تہ سنڌ جون "اديبون" واقعي آزاديءَ ۽ مردن سان ڪلهو هڻڻ جي ٻئي راهه تي اڳتي وڌي رهيون هيون.

رات جو سوڀو اسان سان گڏ اسانجي هوٽل ۾ هليو. مان دل ۾ پريشان، ٻيهر لکڻ جو ڪم اڃا شروع ڪرڻو هو ۽ هيڏين سوڀي جي صحبت جي مزي کان محروم رهڻ لاءِ من نہ مڃيو.

اسان وري روم ۾ ٿهي ٿڪي ويٺاسين تہ چيائين، "هڪ دفعو سنڌ مان پڇي ويو آهين، هن ڀيري مان هتان توکي پڇڻ نہ ڏيندس." ڪنهن نہ ڪنهن ڪيس ۾ مان توکي اڙائي بند ڪرائيندس." هن وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ چيو، "پارٽ جي سنڌين جي سنڌ سان وابستگي پيدا ڪرڻ ڪري سڀ معاف ٿئي. ٻڌاءِ، همراهن جا ڪهڙا حال آهن؟ ڪيرت ڪيئن آهي؟" هن وري چيو، "ڪم جو ماٺو آهي. اُتم سنڌري ڪيئن آهن؟"

مون چيو، "ٺيڪ آهن، اچڻا هئا. مهل تي وڃائون ڪو نہ مليون."

باٿ روم ۾ هوس جو هن جي فون آئي هئي. مان ٻنهيان وٽس. هن سان پرشوتم پاڻيا به هو. مان پهرين جام سان ٻاڪر پائي گڏيس ۽ پوءِ پرشوتم سان. هن چيو، ”جام تنهنجو ڏيان ڇڪائڻ لاءِ پنجاه هزار ڏنا آهن.“ جام مرڪيو، ”ڪڏهن تو خانگي ڪچهري ڪرائڻ؟ هينئر ٿي هلون؟“ مون چيو، ”سنڌ ڇڏڻ کان اڳ، تو سان ملندس ضرور.“

رات جي ماني جن سڄڻن، ڪريم هائوسنگ ڪمپني لميٽيڊ جي ڊائريڪٽرن، طرفان هئي تن اسان ڊيليگيٽن کانسواءِ شهر جا سؤ سوا سؤ معزز شخص به گهرايا هئا. ۽ شيخ اياز جي نئي ڪار ۾ هن سان گڏ اسين ٽئي ڪرشن، ڀارتي ۽ مان ان مجلس ۾ شريڪ ٿيا هئاسين. اسان ان کان اڳ، اياز جي گهر ويا هئاسين. اياز گذريل ڪالهوڪيءَ ڳالهه جو سلسلو جاري رکندي چيو، ”ماڻهو. ضيا ته مرحوم ڀٽي سان مونکي به ڦاسائڻ چاهيو هو پر مان پاڻ بچائي ويس. هن منهنجو مذهب کليو، مونکي پرکيو ۽ پوءِ مونکي اڙائڻ کان موشو ڪري ويو. مونکي سپريم ڪورٽ جي جج ٿيڻ جي آڇ ڪيائين. مون نه ها ڪئي نه نه. مون هروڀرو پاڻکي آهيءَ ۾ اڙائڻ به نه چاهيو پر هن اڳيان جهڪيس به ڪونه. ذوالفقار سان وفاداري ڪنهن نه ڪئي.

رات جي کاڌي جي دعوت تي اسين چار جڏهن ميز تي وڃي ويٺاسين، تنهن جي ڀر واريءَ تان ڪنهن وڏي واڪي جي. ايم. سيد جي اڳواڻيءَ تي ڇٽ ڀاڙي ڪئي ۽ هن جي اردگرد وارو ٽهڪڙو اسانجي ڪن تائين پهتو. ۽ ڇٽ ڀاڙي ڪندڙ ٻيو ڪونه هو، رسول بخش پليجو هو. نيم روشني هئي. ان ۾ ئي اياز پليجي جو ڌيان ڇڪائي منهنجي واقفيت ڪرائي. اسان هٿ هٿ ۾ ملايو. رات جو شاعريءَ ۾ به اسان

سوڀو هن لاءِ ان مختصر ملاقات ۾ عجيب جو عجيب رهجي ويو هو. ڪرشن پيڻ نراس ٿيو هو، اها نراسائي هن جي چهري تي نمودار ٿي هئي. هوءَ سنڌ آيو هو ته مکيه رهت سوڀي سان ملڻ، ڪي روح رچنديون ڳالهيون ڪرڻ.

پاڻ ته سوڀو هن جي من جي حالت پاڻجي ويو. چيائين، "ويرا اوهانجي وڏندي. هڪ ڏينهن لاڙڪاڻي هليا اچجو. شيخ سليمان اوهانکي سڀ انتظام ڪري ڏيندو." سوڀو هليو ويو، ڪرشن به هن سان گڏ ئي اسانجي ڪمري مان نڪتو.

پارتي سمهي پيو. مون پنهنجي يادگيريءَ مان پيپر لکڻ شروع ڪيو، پره ڦاٽڪ ڪليي ته مون قلم رکيو. ليٽيس ۾ اڌ منو ڪلاڪ ننڊ مس ڪيم ته پارتيءَ آواز ڏنو، "اسر جو رام رڇهاءِ پندا ..." وري چيائين، "جو چانهه پئي سو ويو ٿئي." پارتيءَ جي مزاج ۾ رنگيني اچي وئي هئي.

منهنجي پيپر جو عنوان هو: "سچوءَ سچ تو پولي ..." ٿيو ائين جو منهنجي پيپر جي پوري ٿيڻ تي چڱيون تاڙيون وڳيون. مان ڊائيز تان لٿس مس ته تاج جويو جهٽڪي ڀوڙندو آيو. هٿ پڪڙيائين، لوڏيائين ۽ چميائين ۽ چيائين، "چاته ڪمال جي مشابهت آهي - سچل، شاه جي باغي روح جو آواز آهي." ڪيترا حاضرين اٿي بيٺا هئا. تنويرو واري سچل چيئر جي هڪ همراه پيپر مون کان کسي ورتو.

مان پنهنجيءَ پهرين صف واري جڳهه تي پهتس مس ته ڊائز تان اعلان ٿيو، "جناب جام صادق علي هن ڪانگريس لاءِ پنجاه هزار روپيا ڏنا آهن." مون پٺيان نهاريو، پوئين قطار ۾ اٿي بيٺو هو. مون لنڊن ۾ راڄن چاولا (ڏاسوالڪيءَ) جي گهر هن سان ڪچهري ڪئي هئي، صبوح به مان

سچل جي روضي جو نمونو ڏٺاسين، جيڪو مٽيءَ جو جڙيل، نه پر اصل جهڙو، شيشي جي پيڪ ۾ بند!

پهاڙيءَ جي ٻنهي طرفن شڪرانا ڏيندي شيخ سليمان ٻئين ڏينهن سچل قافلي جي سڀاءَ، روانگيءَ ۽ منزلن بابت جاڻ به ڏني.

منجهند جي ماني لاءِ منهنجي من ۾ مونجهارو وڌڻ لڳو. باقي ڏينهن لاءِ ڪا آفيشل مشغولي ڪانه هئي. پارٽي صبوح جو عوامي آواز جي عيوضيءَ سان اسان پاران هن جي ڪامپيوٽر پريس ڏسڻ ۽ ساڻن چانهه پيئڻ جو واعدو ڪيو هو، اهو سوال اٿي هو جو هڪ ماڻهو آيو، "جيئي سنڌ هلچل جي باني جي ميٽنگ آهي، هينئر جو هينئر اٿي هلو." مون پڇيو، "مکيه باني ڪير آهي؟" چيائين، "آريسر." هو آريسر ۾ آيو هو، مان ۽ ڪيرت هن سان ليمنگٽن روڊ تي ڪنهن ننڍي هوٽل جي ننڍي ڪمري ۾ گڏجڻ ويا هئاسين، لڙيءَ منجهند جو. جيڪي سوال اسان هن کان پڇيا تن جا تسلي بخش جواب هن نه ڏنا ۽ ڪيترين ڳالهين ۾ منجهيل لڳو. هو. هت مونکي اعتراض پيو هو. غير واقف ماڻهو ڪيئن سمجهان ته هنجو عيوضي هو؟ مٿان هن چيو، "هينئر جو هينئر." مون وراڻيو، "هينئر ممڪن ڪونهي. آريسر کي چئجو، مون سان فون تي ڳالهائي." مون فون نمبر ۽ روم نمبر لکي هن کي ڏنو، هو هليو ويو. ٿورو وقت اڳ، تاج جويو مونکي چئي ويو هو، "مان وڃان ٿو، وري حيدرآباد ۾ گڏباسين." هن به ته ميٽنگ بابت ڪجهه نه چيو هو، ٻيو ته منهنجي آئڊيا ٺڪ سلامت رهي. ان وچ ۾ عوامي آواز جا عيوضي به اچي ويا هئا. مون ناراضڪي چيو، "مان ٿڪل آهيان ڏاڍو. اوهان وڃو، مان ننڊ ٿو ڪريان." پارٽيءَ چيو، "توهان نه هلندا ته.

ٻئي اتفاق سان هڪ ٻئي جي ڀر ۾ ويٺا هئاسين ۽ ڳالهايوسين، ”هلو“ ”هلو“ ٿي. مان ٻنهي جي ڇهين حواس کي شاباس ڏيندو آهيان جو مونکي پاڻکي حد کان وڌيڪ اهميت ڏيندڙن سان گهرائي پيدا ٿيڻ کان روڪي وٺندو آهي.

مشاعري ۾ ست شاعرن حصو ورتو. اسان پارٽي ساهتڪارن مان ڪرشن، وينا ۽ قيمت ۾ شعر پڙهيا. نواڻ گهٽ هئي. ڪامن وشيه هئي، سنڌ ۽ سنڌ جي جدوجهد. گهڻن ۾ سر جي ست ڏيڻ جي للڪار هئي ۽ ڪن ۾ سنڌ دشمنن کي ڌوتا ڇپائڻ جي پلاڻ هئي. اياز جي صدر جي حيثيت ۾ اڪيل تقرير عالماڻو مقالو هو گويا. هن ڀڄاڙي ۾ پنهنجا نوان ۽ پراڻا شعر چئي ڪافي دير تي وڃڻ تي ۽ حاضرين ۾ اتساه جي لهر کي اجاگر ڪيو. تاڙين جا ٺهڪا، هن جي آواز تان لهڻ کانپوءِ ۽ فضا ۾ گونجندا رهيا. مونکي احساس ٿيو، اياز ٻيهر لوڪ پريتا جي ڏاڪڻ تي مٿي چڙهي رهيو آهي.

ڇنڇين اڄي پوڻين ٻ راس جو وڃي هوٽل ۾ پنهنجن بسترن تي ليٽياسين. پارٽي کي جو ڊنر ڪنيو ۽ هو منهنجي اٿڻ بعد ۽ سمهيو رهيو. مون چانهه جو آرڊر ڏنو؛ چانهه جي اچڻ بعد مون پارٽي کي ڊونڊاڙيندي چيو، ”جاڳو مسافر جيئڙا، توکي سنگي ٿا ساريـن.“ هو ڇرڪ ڀري اٿيو، اچا اکيون مهٽي اُٿي رهيو هو جو چانهه جو پيالو اڳيان وڌائي چيومانس، ”پيءُ چانهه، ٿيءُ چست.“

اڄ جيڪي ٻئنڪون هيون، اهي الوداعي هيون، ڪن ڪتابن جا مهورت ٿيڻا هئا، اسانکي سوکڙيون ملڻيون هيون ۽ سنڌي ڊيليگيشن کي تعليمي وزير جي الوداعي تقرير ۾ ٻڌڻي هئي.

سوکڙي جا اسانکي مالي، اها عمر ڀر ساندڻ جهڙي آهي،

ٻڌهڻجن همراهن جا به ڏورا مڃيا ۽ ڪين خاص سوکڙيون سان نوازيو. اسان ٻاهران آيلن کي به اجرڪ ڏنا ويا. تاجل بيوس ۽ پارٽي ڊيليگيٽن کي اجرڪ پيش ڪيا. سليمان شيخ سچل قافلي جو پروگرام ٻڌايو ۽ درخواست ڪئي ته سب ڊيليگيٽ صبوح جو اٺين بجي ڏه ته ڏه ديو بر ديو سايي اٺين بجي پرل ڪانٽيننٽل جي ڪانگريس واري هاطي ۾ پهچن. پوري نوين بجي ڪوچ ڪبو.

اسين به نه ويندا سين. ” مون دل ۾ چيو، ” ياران موت عيد ٻاهر.“

هو ٻه ۽ اسين ٽي هڪ ئي سوزوڪي ۾ ويٺاسين. ڇا ٽل سڀاڻل رستا لتاڙي ليارِيءَ طرف وڃڻ لڳاسين. لوهڙو روڊ تي پهتاسين ته مون چيو، ” هيءُ ته راما ٽاڪيز وارو رستو آهي.“ ۽ اُو رو ٻاهيرو ٻه رڊ ڏسڻ ۾ آيو، ٽاڪيز جو نالو بدليل هو. ٻاهرس ڏسڻ ۾ چاه صرف پارٽيءَ جو هو ٻيو اسان ڪرشن ۽ مون به دلچسپي ڏيکاري. ڇانهن ته پڇيسين، ڳالهيون ته ڪيو نسين. هنن جي ڳالهين جو تت هن ريت ئي هو، ” اڄا جمهوريت ٻري آهي. سنڌ ۾ وڏيرا شاهيءَ جو ٻول ٻالا آهي ... سنڌ ٻي نظير کي ووٽ ڏنا جو شهيد مرحوم پيءُ جي ڌياڻي آهي. هنن سنڌ جي ڌياڻي سمجهي ٻه ڪيس ووٽ ڏنا. ڌياڻي اُٻاڻن سان ٻڌندي، اهو ڏٺو آهي ... جي. ايم. سيد پاڻ لڪ لهي، ٻه ٽلڳ سٺو ٻرا ڪونهن ... الطاف، سنڌ ۾ آيٺو ڪونهي، ٻليچو ڦڙلي گهڙاڻيءَ وارو آهي ...“

اُن ڏينهن اياز چيو، ” جيڪي ۽ جيترا ڪتاب ڪپڻ کٽو، اوهان جي ملڪ آهن سڀ جو سڀ.“

گهڻا ڪتاب پارٽيءَ ٽي ڪنيا. مون وٽ اياز جا ڪيترا ڪتاب اڳ هئا، وري ٻار وڌائڻ ڪان ته ڪنارو ڪرڻ چاهيم، ڪرشن ته ڪي ڪتاب ڪنيا.

اُن ڏينهن، اياز وري اڳيون ڳالهيون ڏهرايون، ضيا کي ٽڪاڻڻ جون، جي. ايم. سيد جي پٽي خاندان سان شخصي عداوت ۽ جمهوريت جون. وڌيڪ چيائين، ”جي. ايم. سيد سمجهي ٿو ته جي بينظير ناڪامياب ته آمريڪا وري ڪنهن ملٽري ڪمانڊر کي ٻه ڪٽينر اٽڻ ۾ مدد ڪندي.“

منهنجو ٻولڻ هوٽل ۾ الوداعي پارٽي هئي، سڪا وارن

۴- سنڌ ديش جي ڌرتي تي سيس نوايان

قافلو ٻئي ڏينهن پوري ٽائيم تي ڪوچ ڪري نه سگهيو، ٽي ڪلاڪ دير سان روانو ٿيو ۽ اها ٽن ڪلاڪن جي دير هلندي آئي، ناشتو ڪرڻو هو ڄام شوري سنڌالاجيءَ ۾. پر قافلو پهتو ذري گهٽ منجهند ڌاري.

دير سان نڪرڻ جو ڪارڻ اهو هو جو سڳا وارن جنهن ڌڻيءَ سان ٻن بسن ۽ هڪ مني بس جو انتظام ڪيو هو تنهن اُن ڏينهن ڪو بهانو ٺاهي بسون ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ڪنهن چيو، هن کي اهو انديشو هو ته هڪ طرف مهاجر ۽ جيئي سنڌ هلچل وارا رڪاوٽون وجهي سگهن ٿا ٻئي طرف لاڙڪاڻي - دادو ضلعن ۾ ڌاڙيل - ڦڱ، وڌندڙ پريشانيءَ جو باعث بڻجي سگهن ٿا. اها ڳالهه اسان کان لڪل رکي وئي ۽ شيخ سليمان ۽ هن جا ساٿي ائين سترو هار مڃڻ وارا ڪونه هئا. هنن ٽڪ ٽوڙ ڪري ٽئين سر ٻن ايئرڪنڊيشن بسن ۽ هڪ مني بس جو انتظام ڪري ورتو!

قافلو ٿڪيو، هليو، منزلون به هڻيائين، سنڌوءَ کي پرڪرما به ڏنائين، انڪل ڏيڍ سؤ شخص ٻه ڏينهن، ٻه راتيون گڏ رهيا. ڀائيچارو هو، پنهنجائي هئي پوءِ به حال محرمي ڪانه هئي. ڳالهائڻ دستوري هو، پيار پريو هو، مهمانوازي هئي، خاطرداري هئي، پوءِ به چاڻ نه هو. هڪ سڄڻ ته پاسيرو صاف چئي ڏنو، ”مالهي صاحب، سنڀالجو، اوهان سياڻا آهيو، زمانو ڏٺو اٿوَ، توڙو پاڻ سنڀالجو. هن قافلي ۾ سرڪاري جاسوس به هوندا.“ سنڌ جي بدقسمتي، جڏهن ۽ جتي به هئا.

سگا جو روح روان شيخ سليمان هو. اسان واريءَ بس ۾ هئا. استاد بخاري به ان بس ۾ هو. چرچن جو ذخيرو هو هن وٽ ۽ هو به حاضر جوابيءَ ۾ پڙ. (اڄ هو سدا حيات آهي.)

اياز جو ڪنهن زماني جو اسسٽنٽ وڪيل، نالو ڪرم علي هوس، شايد جهونو جوڳي هو. هوُ جنهن ڏينهن ڳالهه ٿي ڪنهن ٻرانءِ سيٽ تان هو، مونکي مخاطب ٿي چوندو، "ڪامريڊ، توهانجي سنڌ هاڻي هڙپي ائيئي." ۽ مونکي خوشي ٿيندي هئي ته سنڌ تي منهنجو حق سنڌ وارن به تسليم ٿي ڪيو.

ادل سومرو اڪثر منهنجي اردگرد ڪنهن نه ڪنهن سيٽ تي هڪيو حاضر رهندو هو. ڪا فرمائش ڪئي نه آهي، ادل پوري ڪئي نه آهي. نارايڻ اڪثر چوندو هو، "مالهي ۽ توکي جس ڪٿ شيواداري ملي ٿا وڃن." هڪ ٻيو مزن وراڻيو مانس، "ڪيتي ڪئي آئم، ائين ڪڙ ملا آهن."

منهنجي سنڌ واقعي ڪيترين ڳالهين ۾ قربل هئي - رستا ويڪرا، سيمينٽ جا، هاءِ ويز. ڪو زمانو هو مان رات جو ڪراچيءَ مان ٽرين ۾ چڙهندو هوس، ٻنپهرڪي جو حيدرآباد پهچندو هوس. هت رفتار سؤ ويهه ۽ سؤ چاليهه ميل، سا به بس جي! ڏيڍ ڪلاڪ بعد قافلو سنڌوءَ پل تان گذريو. سياري ۾ "سنڌوءَ" ڪنارن کان ٿورو هيٺ پيو وهي رهي هئي. دريءَ مان هڪ سيتل جهونڪو منهنجي ڳلن کي ڇهي، تن - بدن کي سرهو ڪري ويو. منهنجون اکيون آبدار ٿي ويون، بي اختيار شيام جو دوهو ياد اچي ويو، "گنگا جمنا، امرت امرت، ليڪن تيج ته سنڌو آهي." منهنجو ڪنڌ دريءَ کان جهڪي ويو هو، ڏنبو وٽ پرنام لاءِ.

ٻهرين منزل هئي جامشورو کان اور پرو علام آءِ. آءِ. قاضيءَ

۽ قافلي ۾ اديبن، خاص طور سڃاتل اديبن جو تعداد بلڪل ٿورو هو. مشهور ۾ مشهور اديب هو استاد بخاري ۽ نوجوان ليکڪ هو ادل سومرو، ٻيا سگا جا چست ڪم ڪندڙ هئا.

مني بس ۾ خاتون هيون، سڀ جو سڀ. سنڌ ۾ عورتن جي آزاديءَ جو اهو ثبوت هو، پڙدو ته نه هو ڪٿي؛ پوءِ به زالن ۽ مردن، جوانن ۽ جوانڙين وچ ۾ هڪ قسم جي لڇمڻ ريکا هئي. زالون جت ڪٿ الڳ. ڪن ميڙن ۾ هنن انٽرويون به ڪيون، مگر ٻيءَ طرح واٽر ٽائيٽ ڪمپارٽمينٽ هئا.

پوءِ به، منهنجي خيال سنڌڙي ڪافي اڳتي وڌي آئي هئي. حويلين، بنگلن، گهرن ۽ جهوپڙين ۾ بند اميون، اديون ۽ نياڻيون گهٽ ٻوساٽ جي زندگيءَ کان آجيون ٿي ترقيءَ جي شاهه راهه تي مٿن اگهاڙيون ڏٺيون - چٽڪي چرچا ڪري رهيون هيون، ٺهڪ ڏيئي رهيون، پاڻ ۾ بحث ڪري رهيون هيون - سو به، ان ملڪ ۾ جتي مذهب جي نالي ۾ ناحق استري پابند رهڻ کپي، ننڍي هوندي پيءُ جي، وچينءَ عمر ۾ خاوند جي ۽ وڏي هوندي فرزند جي!

مردن ۾ به ٻاهران سڌ ڀاونا، خوش مزاجي، چرچن ۽ ٺهڪن جو وايومنڊل هو. ها، هڪ ٻي چيز جي منع هر ڪنهن پاڻ تي عائد ڪئي هئي - سياست. اهو ئي منع اٽل ميوو هو، پوري سفر ۾.

اسان پنج پارٽي سنڌي اديب هڪ ئي بس ۾ هئاسين، ڊرائيور لڳ سيٽن تي، هڪ پاسي ٻه ويهڻ، وچ ۾ گئنگ وي، وري به 2×2، ڪافي لمبي بس هئي. سفر جو انچارج هو پاڪستان ٽي. وي. تي سنڌيءَ ۾ سماچار پڙهندڙ سليم ميمڻ جو ڪنهن ڪاليج ۾ پروفيسر به هو. نوازعلي شوق ۽ سڀئي

هو. هفتيوار موڪل جو ڏينهن هو، صرف اسان لاءِ کولائو ويو هو. نو بنگلو ڏنوسين. مونکي ڪافي راس آيو. هڪ ٽپيڪل سنڌي ڳوٺ ۾ قائم ڪيل هو، حاطي اندر. ٻيا اسم ۾ ڏسڻ ۽ داد ڏيڻ لائق هئا. منهنجو پهريون اثر اهو رهيو ته جتي سنڌالاجي عالمن ۽ اديبن جي دلچسپيءَ جو باعث آهي اتي ميوزيم عوامي تفريح ۽ تعريف جو مرڪز آهي. ڪنهن حد تائين ٻئي هڪ ٻئي جو پورائو آهن.

قافلي جو سلسلو ۽ سٽاءُ ڪو ڄاڻي ٻجهي ته ڪيو ويو هو، اسانجي خوشقسمتيءَ ڪان اهو انهن جڙي ويو هو. اسين سنڌي تهذيب جي ٻن مرڪزن ڏسڻ بعد وڌي رهيا هئاسين ان تهذيب جي روح روان شاه لطيف جي پٽ طرف، سنڌ جي عالمگيريت جو اعلان ڪندڙ سهڻو شاه لطيف هڪ ئي وقت سنڌ جي سڪار ۽ عالم جي آباديءَ جو دعاگو درويش، مون چيو، ” شاه ته دنيا جو عجوبو، ڪرشمو، رهبر رهيو آهي، هڪ ئي وقت.

مون پٽ اڳ ۾ ڏٺي هئي، هڪ جمعي رات اوجاڳو ۾ ڪيو هوم. ننڍو هوس تڏهن. شاه پيارو هو تڏهن ۾ مونکي. وٺڙ هن جي هرهڪ بيت ياد ڪرڻ تي بابو سائين هڪ پائي ڏيندو هو. الاهي بيت ياد ڪيا هئم. هيئنر ته شاه منهنجو رهنما هو، سنڌين جي ٻڪو جو دڳيءَ جو ضامن هو ۽ دنيا جي امن جو آسرو هو. هن جو مقبرو اڄ سڀني سنڌين لاءِ ته تيرٿ آستان نه آهي، اهو ڪنهن ڏينهن دنيا ڀر جي ماڻهن لاءِ زيارت گاه ٿيندو. ها، ان وچ ۾ هوُ شاه پڙهي ۽ پرجهي سگهيا هوندا، هٿ ۾ چادر چاڙهڻ جو شرف منهنجو ۽ ٻين يارن ادين جو رهيو. مون سجدو ڪندي دل ئي دل ۾ دعا پڙهي:

” منهنجي ٻوليءَ ۽ ٻولن جو ٻول بالا رهي، هر هنڌ ۽ هميشه. “

جي مزار، هن صاحب جا سنڌي ادب ۽ علم تي ٿورا رهيا، هن جي جرمن خاتون به هن سان ساٿ ڏنو. هوءَ به شاهه لطيف جي شيدائي هئي، ڪيترا شاهه جا بيت انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. مزار تي ڇهه ڳاڙهن گلن جي چادر چاڙهڻ جو شرف مونکي ڏنو ويو، ٻين ٻارنهن اديبن ۽ ميزبانن هٿ وڌا. مون دل ئي دل ۾ چيو، ”ٿورا نه، ٿورا مون تي ماروئڙن جا!“

پوءِ قافلي اچي سنڌالاجي جي لان ڀرسان داٻو ڪيو. ميزن تي بفيٽ سرشتي پٺاندڙ پليٽون چمچا ۽ ڇريون پيون هيون، سڀيئي انهن طرف ڊوڙيا.

مان پنهنجي پليٽ ۾ ڪجهه کائڻ وارو هوس ته سڄر امداد مرڪندي آئي ۽ منهنجي پليٽ ڀرڻ لڳي. مون چيو، ”بلڪل ٿورو ڏي. مان ٿورو کائو، گهڻ ڳالهائڻو آهيان.“ چيائين، ”مونکي به اوهانجي زباني گهڻو ٻڌو آهي.“ پوءِ چيائين، ”ادا، آءٌ سنڌالاجي ڏيکارڻ ۾ اوهانجي سونهپ ڪنديس.“ ڪرشن ۽ نارائڻ به اچي ويا هئا.

واهه جو سونهپ ڪيائين! اسان ٻين ٻاهرين اديبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ خوشنصيب هئاسين. وقت جي پابندي هئي پوءِ به ٽي ماڙا گهمايائين، ڏيکاريائين، سمجهايائين اسانجو هڪ ڦيرو وري حيدرآباد اچڻا هئاسين ته ٿوري ڏنئي، گهڻي برڪت سمجهيسين.

مونکي ان مختصر جائزي ۾ به سنڌالاجي هڪ ئي وقت مهلائتي، ملهائتي ۽ مرحبا لائق حاصلات لڳي. مون حسام الدين راشديءَ جي دوراندشيءَ ۽ ترتيب کي داد ڏنو، ظاهران ظهور جي. الانا جي ڪوشش کي به ساراهيم، هرهر. سڏ ٻڌي تي حيدرآباد هاءِ وي تي سنڌ پراونشل ميوزيم

۽ آدم ۾ وڌيل ٿي ته، روپ رنگ ۾ به ڦريل نظر آيو. ۽ مٽيءَ مان به نئين خوشبو ٿي آئي، منهنجو ڳوٺ ٺاروشاهه پس کي ميل ٻاري هو موري کان!

مهمانن مان گهڻن ان رڳن خواهه جوانن کي خبر هئي ته مان ان ٺر جو آهيان، ڏاڍيءَ گرمجوشيءَ سان گڏيا ۽ مون ان اهڙيءَ پنهنجائيءَ واري ورتاءُ ڪئي جو سڀ گدگد ٿي ويا. مون قافلي جي ڪوچ ڪرڻ کان اڳ سليمان شيخ ۽ سليم ميمڻ کي هڪ دفعو وري ياد ڏياريو ته اينڌڙ صبوح جو مونکي ٺاروشاهه گهمائڻي آٿو.

رات جي رسوئي ۽ منزل پرين جي سيد مراد علي شاهه وٽ هئي. سنڌ جو ڪاڻ خوراڪ جو وڏو هو. ڏيڍ سؤ ماڻهن جي ڪاڌي ۽ سمهڻ جو ٺاهوڪو وڏيرڪو انتظام هو. ۽ ماني ملي رهي هئي رات جو ساڍي ٻارنهين! طرح طرح جا ويڃنو ۽ ماس آهاري طعام، مان هڪ پاڇي کائڻ پسند ڪندڙ شخص، پڻ ٺر ۾ پيئجي ويس. هيترا سارا طعام. مون ٻه پاڇيون کنيون - هڪ ڪڻڪي ايهه ۽ ٻي آمدوري مرغيءَ جي ٽنگ.

جلد ماني کائي وڃي سليم ميمڻ کي جهليم - ڪير هلندو پيرڪي جو ٺاروشاهه وٽي؟ هن هڪ جوان کي منهنجي اڳيان ڪري چيو، ”صبوح جو هتان ڇهين لڳي هيءُ اوهانکي ڪار ۾ وٺي ويندو ۽ ساڍي اٺين لڳي واپس آڻيندو. نوين لڳي ڪوچ ڪبو. ان وچ ۾ اوهان جي نيرن تيار هوندي.“

ڪرشن به ٺاروشاهه جو هو. هوءَ به مون سان گڏ هلڻو هو. پارٽيءَ چيو، ”مالهي، تو آنڪنا ۽ ناولن ۾ پنهنجي ڳوٺ جي اها سارا ڪئي آهي جو مان به توسان گڏ هلي ڏسڻ ٿو چاهيان ته واقعي واڪاڻ لائق آهي، تنهنجو ڳوٺ.“ پوءِ مون سان سرواڻر ٿيڻ لاءِ چيائين، ”مان اوهانکي پنهنجي

اسانکي ڳانا ۽ کنب پکڙن جا پيڪيٽ به مليا. مون به ڳانا کنيا - هڪ نيرو پنهنجي لاءِ ۽ گلابي ڏوهٽي لاءِ. مون نيرو اوڍي مهل ئي پائي ڇڏيو.

ٿوريءَ دير ۾ جڏهن قافلي هالن ۾ منزل هنئين تڏهن مان سهڄيئي سمجهي ويس ته هڪ ئي وقت ٽي مقصد هئا سگا جا، هن قافلي جا. هڪ ته صاف هو، هنن سنڌوءَ کي پڪرما ٿي ڏياري، ٻيون اهو سمجهڻ ۾ سولو هو ته هنن سنڌ جي اندروني حصي ۾ دنيا پر جي سنڌين جي نمائش ٿي ڪئي، ٽيون ڪارڻ جو هاڻي سمجهڻ ۾ اچڻ لڳو هو. اسان منزل وڌي هئي "روشن تارا" اسڪول جي حاطي ۾.

سنڌ گرئجوئيٽس أسوسيئيشن (سگا) صرف ڪاغذ تي جماعت نه هئي، نه وري ڪڏهن جشن يا ڪانفرنسون ڪندڙ هئي. اها تعليم جو ڦهلاءُ ڪندڙ جماعت به هئي. سنڌ ۾ هنن جا جدا جدا هنڌن تي اسڪول ۽ تعليمي ادارا هئا - "روشن تارا" نالي ۾. اسين انهن مان هڪ جي حد اندر هئاسين.

سگا وارن پنهنجي ڪم تي روشني وڌي ۽ چيو "اسين ٻـو جو پرچار ٿا ڪريون، سياست اسانجو ڪيتر نه آهي. اسين اتحاد جو پيغام ٿا پهچايون، نه نفاق جو. اسان شاهه، سچل ۽ ساميءَ جا پيروڪار آهيون." مون به ڪين اهڙي سندر ڪاريه تي دلي مبارڪون ڏنيون.

لڙي منجهند، شام طرف موٽ واري هئي جو اسان منجهند جي ماني کاڌي.

شام جو قافلي ڪوچ ڪيو، ٻئين منزل هئي ساهتيءَ جو شهر هو - "مورو."

واٽ جو دير سان پهچندي به اهو مورو به مونکي اپراضيءَ

گدوءَ کي خبر هوندي شايد ... اڳيان پٺيان، سلسليوار، سلسلي ڪانسواءِ پردا لهندا چڙهندا رهيا منهن جي ذهن جي اسڪرين تي ...

”ڪامريڊ.“ جاڳيل هوندي به مون کان ڇرڪ نڪري ويو. وڪيل ڪريم عليءَ جو آواز هو. مان اُٿي ويٺس. چيائين، ”سيگهه ڪر. سويرو ٿيو ڪي ٿيو ... آهين وڏيرڪي اوطاق ۾. ٻاهر ٽڪ نه آهي ٿي. اوندهه به آهي. ڪاڪوس، سندان جاءِ ۾ به روشني ڪانهي، فانوس جو بندوبست ڪبو ته دير ٿيندي. هل، مان ٿو سندان ڪرايانءِ ...“ ڪرشن ۽ نارائڻ ۽ مرليڌر به اُٿي ڪپڙا ٿيا. ڪار هلائيندڙ به اچي سهڙيو. ڪرشن، مرليءَ نارائڻ ڇا ڪيو، اِها هدن کي خبر. ڪرم عليءَ مون لاءِ ڪانن لي پاڻي گرم ڪيو. سندان جاءِ ۾ پاڻي ڏول ۾ وڌو، ٻاهر ڪپڙا جهليا. ويندي ويندي سيٽ سان هدايتون، ڪار ۾ چڙهيس ته چيائين، ”ڀارت ۾ تون مونکي هن شيوا لاءِ ياد ڪندين ته مونکي خوشي ٿيندي.“

روڊ وڏو هو، ويڪرو هو، صاف هو، مگر ٻنهي پاسين سڀ ڪجهه نئون هو- ٽاروشاهه جا وڻ به آيا ۽ اُنهن پٺيان به ڪا جاتل سڃاتل جڳهه نه هئي. صرف سونهين ساڳي هئي، اِن ڪري ڪي هئم ته ذري گهٽ ڳوٺ پهتو آهيان. اسپتال ڪانه آئي، ٽاڪو ڪونه آيو، نولکيءَ جي پل سان نه آئي. ماڳهين وسندي اچي وئي. روشني وڌي چڪي هئي اِن وچ ۾، نوان ڪچا پڪسرا گهر هئا، هڪ ٻئي سان ڳنڍيل، ڪار هلائيندڙ چيو، ”مهاجر آهن.“ مون چيو، ”هدن کان ٿا پڇون- گدو، گدومل جو دوڪان يا گهر.“ هن ڪار بيهاري، هن ٿي اُردوءَ ۾ پڇيو، ”گدومل ...“ هڪ ڪرڙو جواب ڏنو، ”سيٺ گدومل! هوءُ دوڪان تي اچي ويو هوندو، نه ته به

ڇوته قنبر ڏيکاريندس." مون چيو، "قنبر مان لنهنجي گهر ڪانسواءِ، درٻار ڪري نه ڏسندس. قنبر درٻار هاڻ ڪانديواليءَ ۾ آهي نه، ان ڪري" مرليڌر جيٺملي ۽ اسان سان هلڻ چاهيو، قيمت لاءِ ڏار جيپ جو بندوبست ڪيل هو- هن کي نوشهري وٺي وڃڻ لاءِ.

پارٽي اديبن ۽ ڪن مکيه ماڻهن جي سمهڻ جو انتظام شاهه جي خاص اوطاق جي هال ۾ ڪيو هئائون. منهنجي کٽ استاد بخاريءَ جي کٽ جي بالڪل ڀر ۾ هئي. استاد چيو، "من ٿو چوي، مان اوهانکي سمهڻ نه ڏيان، ههڙو موقعو وري ڇا ملندو؟ پر مان خود مطلبي ٿيو ٿيان، سمهو، چار ڪلاڪ ئي نه ننڊ نصيب ٿيندو."

درحقيقت گهڻي پوڙ ڪري سمهيس ۾ ننڊ هڪ مدت نه نه آئي - منهنجو من فلم جو پردو بڻجي پيو، دريشه نمودار ٿيندا رهيا. منهنجو گهر، پاڙو، گوڏورام جو ٽڪاڻو، سڪول، نولکي واهه، مارڪيٽ، سڪل الله، ڪيسن جو دوڪان، مسان، شاهه جي حويلي - علي اڪبر جو صوفيءَ مان ڪنڙبنڌي بڻيو هو ۽ هاڻ حياتي نه رهيو هو، ٻڌو، جنهن تي مون "عاشق جو جنازو" ڪهاڻي لکي، هيمون جنهن کي "انڌي هل ڪونج" ۾ ياد ڪيم ۽ گدو جنهن کي الائي ڪيترن رچنائن ۾ آندو هوم. ۽ گدو نارو شاهه ۾ هوندي، غريب گدو، گدومل بڻيو هو، مکي گدومل، ڪيئن لڳندو اهو مکي- گدومل؟ هڪ گار منهنجي چپن تي هلي آئي. مان گار ڏيڻ ئي نه سگهندو آهيان، گار ڏيڻ جو سوچيندي ئي لال پيلو ٿي ويندو آهيان پر ڪڏهن هيمونءَ ۽ گدوءَ کي گار ڏيندو ئي هوس. هو مون کي گار نه ڏيندا هئا، ٻين کي ڏيندا هئا. ۽ هيمون ته سڏائو ئي هو گارين گندو؟ هو ڪٿي هوندو؟

مون چيو، "رام نه، گوبند."

هو ٻانورو ٻڌجي چڪو هو، گويا هنجي اها جواني موٽي آئي هئي جڏهن ابائي مٽي ڳوٺ ڪٽي سگهندو هو. مونکي ڪنڌي مٿي ڪنديائين ۽ ڪٽي آڻي آسڻ تي وهاريائين. چيائين، "ويهه، مالڪ." پوءِ هن جو ڌيان منهنجي همراهن ڏانهن ويو، هنن کي کيڪاريائين. پوءِ وري مون سان مخاطب ٿي چيائين، "هونءَ نه سڃاڻان ها، پوتار! اخبارن ۾ پڙهيو هوم ته تون ڪراچيءَ تائين پهتو آهين. سوچيم، ڳوٺ جي سڪ توکي ڇڪي آڻيندي. تون ڇا ڪندين؟" وري چيائين، "پهريان چانهه پيءُ." هن بازار جي ڪاٻي پاسي واري لائين جي پهرئين دوڪان طرف نهاري چيو، "پنج اسپيشل چانهيون."

مون چيو، "هڪ سگريٽ."

"سگريٽ!" هن حيرت مان پڇيو. مون سنڌ ۾ سگريٽ يا بيڙي ڇڪڻ جي عادت نه پاتي هئي. سنڌ اچڻ کان اڳ سگريٽ ڇڏيو هوم پر هت اچي پنج ڇهه سگريٽ پيئڻ لڳو هوس. سنڌ ۾ خوشي به ملي هئي ته سنڌ ۾ مهمان ٿي اچڻ جو هڪ قسم جو ٽينشن به هو، ڳوٺ ۾ اهو ٽينشن نيم سڃاڳ من کي ورڪوڙڻ لڳو هو. چانهه پيتيسين. مان سگريٽ ڇڪيندي پٽ تي ويٺل ڪڏو، گدومل کي تڪڻ لڳس چپ چاپ. عمر هنجي چهري تي گهنج آندا هئا، تڪليفن ان کي ٿورو ڪارائيو هو، اکيون به ٿوريون ميرانجهڙيون ٿيون هيون. پر ڳالهائڻ جي ڦلڪ ۾ اضافو اچي ويو هوس.
مون دل ئي دل ۾ چيو، "دنوس هڪ ئي وقت مکي ۽ سيٺ جو ٻڌجي ويو آهي."

مون چيو، "مون وٽ اڌ ڪلاڪ آهي."

گهر هوندو فلاڻا." پاسي ۾ ويٺل جوان کي اُردوءَ ۾ چيو، "ڳوٺ ۾ نوان آيا ٿا ڏسجن. هن کي سيٺ گدومل جي دوڪان تي وٺي وڃ."

گدو، گدومل، مکي گدومل، سيٺ گدومل...

چڱو ڦيرو اچي ويو هو هن ۾!

بازار آئي ته سڀ ڪجهه ساڳيو اڳوڻو هو، آسوائي گهٽيءَ وٽ هٽاسين. ٻوءِ ته مان ٻوڙ ۾ اچي ويس. دوڪان سڀ اهي هئا، پر ڪنهن ڪنهن جا هٽا، منهنجي زماني ۾، ڇٽيءَ رهيا ياد هيم، ڪرشن پڇيو، "پهرين تنهنجو گهر ايندو يا منهنجو؟" هو ڪراچيءَ ۾ نئون هو. مون چيومانس، "تنهنجو... هن گهٽيءَ ۾." مون ڏٺو، هن لاءِ ڪجهه به پنهنجو ڏٺل وائٺل نه هو، منهنجو ڇپو ڇپو ڄاتل سڃاتل هو، هن پنهنجو گهر به پنهنجو سمجهيو، ڇاڪاڻ ته مون ائين چيو. حافظي تي زور ڏيڻ سان ڪي ننڍپڻ جون يادگيريون هن جي ذهن ۾ اڀريون. اُورو وقت هو سن ٿي ويو، شايد اکين ۾ پاڻي به اچي ويس.

بازار لنگهي، مون واري گهر جي ڇيڙي تي پهتاسين، تنهن کان اڳ مهاجر جوان چيو، "سيٺ دوڪان تي آهي." سامهون وارو بازار جي بلڪل ڇيڙي وارو بازار طرف کلندڙ دوڪان کليل هو ۽ ٻاهر ڪرسيءَ تي ڪو ڪاري ڪوٽ سان ٻڍيرو ويٺو هو.

مان ڪرسيءَ کان ڦري هن جي اڳيان وڃي بيٺس. پڇيم، "سڃاتئين ٿو؟" هو اُٿي بيٺو. منهنجي منهن ۾ نهاريندو رهيو، خالي نگاهن سان. اوچتو هن جي اکين ۾ چمڪ آئي. اُمالڪ ٻڪ وجهي چيائين، "گوبندرام! مان صدقي وڃان."

آيا - جيئڻ ماءُ، جنهن کي جڳهه ڇڏي ڏيڻ ڪو نه ڏيندو هو، پر هن مونکي ماءُ جو موهه ڏنو، شانتي جا اڏڻ ڏاڏڻ راند ۾ منهنجي زال ٻٽڻ لاءِ وڙهندي هئي، ساهيڙين سان، عيشي، جو دوڪان تي ٻه وهندو هو، اسڪول ۾ پڙهندو به هو... ۽ منهنجو گهر منهنجو گهر نه هو. اوطاق ساڳي هئي، باقي گهر جي مهڙ وارو حصو ڇڏي هڪ شاهي مسجد اَڏي وئي هئي، اسان جي گهر واريءَ جڳهه تي!

گهر جي مالڪ جي پٽ مٺائي ۽ ڪيڪن اسڪيٽن جي آڇ ڪئي. مون ۽ همراهن صرف اسانجي زماني واريءَ اڪليل کوهيءَ جو پاڻي پيتو. ۽ پاڻي اڳئين جيان ٿڌو به هو ۽ مٺو به.

گدو پنهنجي گهر وٺي هليو جو دراصل ڪنهن زماني ۾ جيرام روپاڻيءَ جي ڏاڏي جوڙايو هو. آل عيال سان ملايائين.

مون ڪار واري همراه کي آسواڻيءَ گهٽيءَ کان ڪار آڻي سينڌاس جي اوطاق وٽ بيهارڻ لاءِ چيو هو جتان مان مونڊي کي وڌيڪ سينڌاريون جڳهون ڏسي سگهان - ڇوڪرين جو اسڪول، مڙهي، مٺائي پاڙو ۽ وري آسواڻي گهٽيءَ جي ڇيڙي وٽان پرين طرف مڙڻ، ۽ هڪ هڪ جڳهه سان الڳ الڳ داستان وابسته هو...

گدوءَ جي دوڪان تي ڇٽڪو ايندو هو، جهور پيو. عمر ۾ ٻه ٽي سال وڏو هو مون کان پر ناپاس ٿيندي ٿيندي منهنجو هم ڪلاسي ٿيو. نيٺ ٿيو پوڙهيءَ جو پٽ پوڙهي. هن ٻه ڳوڙهيون پڳڙن جو پوري آڻي اڳيان جهليون.

”هيءَ توکي وٺندا هئا ته ننڍي هوندي.“

ڪاش، ننڍپڻ پڳڙن صدقي واپس اچي سگهن ها! مون ڪڪيءَ جي هڪ ڪئسيٽ ڀنهي کي ڏني.

"اَڏ ڪلاڪ!" هن ڪان رڙ نڪري وئي. "هيترن سالن بعد آيو آهين اَڌ ڪلاڪ لاءِ." هن کي اعتبار نہ آيو، چيائين، "نيرن؟"

مون چيو، "نيرن اسانجو پرڀان ۾ انتظار ڪري رهي آهي. توهان مونکي مهنجو گهر ڏيکار."

هن چيو، "مسلمانڪو گهر آهي. اول اطلاع ڏيڻ کپي." هن فون جو چوگو کنيو ۽ نمبر گهمايا! چيائين، "هلو، مان گدومل. اوهان ڪير؟ ... عبدالله، ٻڌ. جڳهہ جو مالڪ آيو آهي، گوبندرام... ها مالهي. گهر ڏسڻ ٿو چاهي... ڏهن منٽن ۾ وٽي اچانس... جود ڪر پائي، وڃڻو آهي، واپس."

مڪوڙ هن ۾ چڱي ازرگي ۽ جوابداري آندي هئي! ٻوءِ اٿيو، "هل، ٻهرين گوڌورام جو نڪاڻو ڏيکاريانءِ." وات تي چيائين، "مهاجر چون، اهو اسان والاربنداسين." "گار ڏئي چيومان، "کنهن ۾ همت آهي؟" ارباب شاه ۾ همت ڏيکاري. مهاجرن کي چيائين؛ "شهر جي ٻاهر گهر اڏيو ۽ دوڪان ڪيو. شهر جي اندر نہ. جيڪو اندر ايندو، چمڙي ساڻ نہ هوندس."

ارباب شاه مهنجي ٻهرئين ٻيار ڙيڏؤءِ جو خاوند هو. مونکي هڪ قسم جو فخر جو احساس ٿيو، اوچتو، ويچار آيو، "ٻري ڪان ٿي، ڙيڏؤءِ کي ڏسان." مون سموري طاقت جمع ڪري پنهنجي خواهش جو گلو دٻايو، دل جي ماناري جي ڪکر ۾ ڪلو هڻڻ، مهانگو پوندو."

گوڌورام جي نڪاڻي ۾ مون صاحب اڳيان نہ سر نوايو ٿي، پر لالي جي فوٽي کي ٻہ پرنام ڪيو. نميئي هوندي هن مهنجي زندگيءَ تي اثر وڌو هو...

نڪاڻي مان ٿي، گدؤءِ جو دوڪان لتاڙي سنهيءَ گهٽيءَ ۾ گهڙياسين- الاهي داستان ياد آيا، ڏنڌا چهرا ۽ اکين اڳيان

ڳالهه آئڙي ڪانه ٿي. ۽ هوءَ وڃي نه هڪ ٻي املاڪ ري- ڪوئيو مائيڪ ڏي آئي. چيائين، "مان ۽ منهنجو ڀنو، گهوٽ، ساٿي آهيون هڪ ٻئي جا. ڪير ننڍو نه آهي، ڪو وڏو ناهي. هو ڪمائي ٿو ته مان گهر ٿي سنڀاليان. ها، هوءَ بيمار ٿيندو آهي ته مان هن جي ٽهل ڪندي آهيان. منهنجي ناچاڪائيءَ ٿي هو منهنجي سنڀال ڪندو آهي. اسان هڪ ٻئي سان اختلاف به رکندا آهيون. پوءِ به اَڻوٽ پيار آهي، اسان وچ ۾. هو خدا جي جاءِ تي نه ڪڏهن به نه ايندو مون لاءِ..."

گهڻي ۾ گهڻيون تاڙيون حاضرين خاتون وڄايون. ڪن مردن کي هن جي اهڙي صاف گوئي نه وڻي.

۽ اتفاق اهو ته مائيڪ تي مونکي سڏيو ويو. مون نئين سنڌ جي نئين سجاڳيءَ جي مرحبا ڪندي چيو، "اسانجون اديون زماني جي قدم سان قدم ملائي رهيون آهن، سٺي نشاني آهي، بهتر آئيندي جي." وينا شرنگيءَ به پرش- استريءَ وچ ۾ برابريءَ جي حمايت ڪئي.

مونکي پوءِ پتو پيو ته، خاوند کي خدا سمجهندڙ هئي آل سنڌ وومينس اسوسيئيشن جي چيئر پرسن ۽ خاوند سان برابري ڪندڙ هئي مسز فهميدا حسن!

وڪيل ڪرم علي به سمجهي ورتو ته هاڻ مان وري پنهنجي پاڻ ۾ آيو آهيان. هڪ ڪان ٻڪڙي چيائين، "ڪامريڊ، اندر نه هل."

پهرين مونکي ڪني ڀت کارايائين، پوءِ چانهه پيارايائين ۽ پوءِ هال ۾ ڏاڍا اَڻلڀ ڪتاب ڏيکاريائين. ڪي ملهائتا دست خط به هئا. غوث محمد پيرزادي چڱو ناياب ادبي خزانو ميڙي رکيو آهي. منهنجي دل کي چڱي تسڪين ملي ته، اسانجو

گدوءَ چيو، ”اڙي، هيءَ ادي ته نه رهي. هن جو آواز ايندو آهي دهلي ريڊيو تان. سريلو آواز وڻندو آهي. اڙي،“ هن وري چيو، ”پاپي به ته نه رهي. هن منهنجي گهر واريءَ کي سنڌي اکر لکڻ پڙهڻ سيکاريا هئا.“ ڏٺوس گدوءَ جي اکين ۾ آنسو هليا آيا.

ڪار وارو همراه هليو آيو. چيائين، ”ڪافي وقت گذريو آهي. هلو. قافلي وارا انتظار ڪندا هوندا.“

مان، همراه ۽ گدو سيندداس جي اوطاق واريءَ گهٽيءَ ۾ وڌياسين. مان سوچي رهيو هوس، ”لڳ ڀڳ پنجاه ورهين جي وڇوڙي جي ترپتي اڌ مني ڪلاڪ جي اڏامندڙ وقت سان ٿي سگهي ٿي ڇا؟“

گدوءَ ڀاڪر پاتو، موڪلايو، مگر مونکي لهو گدو اوپرو لڳو، اڻ سڃاتل - هو دل تي پٿر رکڻ ۾ ڪامياب ويو هو.

واٽ تي چڙهندي مان ڪنهن به چپ نه چوريو. تاريخ جي بيداد سڀني جا چپ سبي ڇڏيا هئا.

ڪرم علي به پرين ۾ موقعي جي نزاڪت سمجهي چپ رهيو. مان ماضيءَ کان جلد ڇڏائي حال ۾ تڏهن آيس، جڏهن ڪوٽڙي ڪبير ۾ ٻن جوانڙين چانهه بعد اڦريون ڪيون. هڪ چاليهن سالن جي خاتون هئي، چيائين، ”مان تن من ڪري سموري پنهنجي خاوند جي آهيان ... مان هن کي زور ڏيندي آهيان، سندس چاڪري ڪندي آهيان ۽ مونکي خوشي ملندي آهي. هو خدا جي جڳهه تي آهي، مون لاءِ ... جي مان هت اوهان اڳيان آهيان ته هن جي حڪم سان، هو چوندو ڇڏي اڄ ته مان گهر جي گهريتڙي ٿي پوندس.“

مون ان وچ ۾ ويٺل ويهن پنجويهن زالن ۽ نينگرين تي نظر ڦيري. ڪا به هن سان سؤ في صدي سهمت نٿي لڳي، گهڻن کي

ماحول رهيو. لڙي منجهند ۽ شام وچ ۾ ساڌ ٻيلي ۾ وڃڻ ڌاري ٿڌي هوا پئي لڳي. مون بوٽ ۽ سوئيٽر پائي ڇڏيو. لائبريريءَ ۾ برڪت علي آزاد گڏجي ويو ورهين پڄاڻا. پراڻو مدبر جنهن جو تڏهن سلامت هو. هندو هر ڇنڇر تي هتي ميلو مچائيندا آهن. ميوو، بسڪيٽن ۽ مٺائيءَ جو ناشتو به ميسر هو، چانهه به هئي. گهمندا گهمندا رهياسين، هر ڪو پنهنجيءَ موج ۾ مگهن. مان اڪيلو هڪ هنڌ بيٺو سنڌوءَ جو ديدار ڪري رهيو هوس جو جيجي زرينا وٽي آئي. چيائين، "ادا، مان جڏهن اوهان سنڌ پڌاريا آهيو، تڏهن اوهان سان ڳالهائڻ لاءِ پئي سڪان. مس اڪيلا گڏيا آهيو، مونکي ادي پڳونتيءَ جي جوانيءَ ۾ هلي وڃڻ جو ڏک آهي. مان اوهانجو ڏک سمجهان ٿي. مان جو ساندهه اوهانکي ڏسندي رهي آهيان، ماڻهن سان گهيريل رهندي، هر وقت کلي ڳالهائيندي ۽ اهو ڏک ڪٿي نه ڪٿي اوهانجي اکين مان جهلڪندو آهي. ڇا ته ڳائڻي هئي، پڳونتي. هند سنڌ ۾ هاڪاري، منهنجو پٽ هاڻي وڏو ٿيو آهي، ننڍي هوندي کان فرمائش ڪندو آهي اديءَ جي لوليءَ جي." ٻوءِ سر ۾ چيائين، "ننڍڙا شير آ، وڏائي ٻير آ..." مونکي لڙڪن روڪڻ ۾ ڪافي دقت ٿي. اها هن کان ڳجهي نه رهي. "خوش هجو." چوندي هوءَ مونکي پاڻ سنڀالڻ لاءِ اڪيلو ڇڏي وئي. مان نوڏ. پنجن منٽن بعد زرينا جي راڳ، جي محفل ۾ ويٺس، تقرير ڪيم، ڪليم ڳالهايم. ڇهاڙن جا پئڪيٽ مليا، پرساد طور.

اها ساڌ ٻيلي جي رنگين شام، منهنجي يادگيرن جي تصنائي جو سينگار بڻي رهندي.

ڪليڪٽر جي مهمانيءَ واري منجهند جي مانيءَ لاءِ ڏيئن ٻرين جي مهل ٿي پهتاسين - گهرن ۽ رستن جون بتيون روشن

ادبي ذخيرو فخر ڪرڻ لائق آهي، ڪافي اڃا ڇپائيءَ جي روشنيءَ ۾ اچڻو آهي.

ان خزاني جي ڏسڻ، دستوري مرحبا، ڳالهين ۽ مهمانوازيءَ ڪري قافلي جي ڪوچ ڪرڻ ۾ دير ٿيئي. ۽ درازن تي ساڍي ڏهين بدران ساڍي ٻارهين پهتاسين. پروگرام مان اڳ قافلو دير سان اسهيو هو. دير ۾ دير ٿيندي رهي.

سچل جي مقبري تي ٻاهر گادي نشين مقبول سائين مرحبا ڪئي. هتي اسان سچل سرمست جي مزار تي چادر چاڙهڻ جو شرف مونکي ۽ ٻين پارٽيءَ ادبين جو رهيو. ٻاهر هيٺ اڱڻ ۾ موسيقيءَ جي محفل شروع ٿي وئي. سچل جي فقيرن سڀني حاضرين کي سچل جي ڪلامن سان جنسي جهومايو. جيڪي زيادا ٻلوچ اچي ڳاتو. مدنهند جي مانيءَ عيوض ڇهو ڇورو کيو سين گڏيت ۾؛ سگا جي شاخ جي مهماني هئي. مدنهند جي ماني ڪاٺڙي هئي سکر ۾ سرڪاري دعوت تي. ٻر جي اٽا ماني ڪائون ته ساڌٻيلي ڏسڻ وقت اونده ٿي وڃڻ جو امڪان هو. ان ڪري ماني مهمل ڪري رخ رکيوسين وڻ ڪنڊي مهراج طرفان اڳ ٻيا ڪيل سنڌ جي وڏي ۾ وڏي تيرٿ آستان، ساڌٻيلي طرف. اهو ٻيٽ آهي، سکر ٻاهران، جيڪي سکر جي حدن اندر. ٻهراڻ ٻيڙيءَ ۾ ن۔ مان چڙهي ن۔ سگهيس، ڊيليگيٽس جي ٻه ٽيج ٻيڙان هئي، سوڍل ساڌٻيلي پهچڻ جي اڻ ٽڻ هئي. ٻئيءَ ۾ اڃا چڙهندي ٽرڪڻ تي هوس، هڪ پير گپ ۾ ڦاٿو اڳ ٻر همراهن ڇڪي ٻيڙيءَ تي چاڙهيو، سنڌي هندو اڳ، اسانجي آجيان لاءِ اچي مڙيا هئا. چيائون، "رام مندر - بابري مسجد جي جهڳڙي جي رد عمل طور ڪن غير سنڌي شرارتين ساڌٻيلو ساڙڻ چاهيو، ايندڙ پنج اڳائي ورتو، خير ڪا لهس آئي ساڌٻيلي کي." ٻوءِ ته ٻڪنڪ جو

قسم جو سمجهوتو هو، سودو نه هو. سڳا سچل جي اصولن جي پيروي ئي ڪرڻ چاهي ۽ پنهنجي ڪارڻ جي پڄاڻي ۽ پٺتي. سرڪار پڻ پيپلس پارٽي هڪ ئي وقت ٻه مقصد سڌ ئي ڪرڻ چاهيا، هڪ طرف ڏيکارڻ ٿي چاهيو، جمهوريت پاڙيون پختيون ڪيون آهن، ٻئي طرف ثابت ڪرڻ ٿي چاهيو ته سنڌ ۾ امن امان آهي، نه ته هيءُ قافلو ڪراچيءَ کان سکر تائين منزلون هڻندو سلامت ڪيئن پهچي ها! ۽ اسانجي سنڌ اچڻ ۽ خاص طور قافلي وارن ڏينهن ۾ نه ڌاڙو لڳو آهي ۽ نه ڪو اغوا ٿيو آهي. اهي غير سماجي عناصر ٻه، ڇا سرڪار ۽ سڳا سان سازباز آهن؟" منهن لاءِ سوال جي من ۾ اٿندي ئي ڪليو، دل اندر ئي. پوءِ مون سوچيو، "اها ڳالهه ته صاف آهي ته سرڪار اسانکي ماڻهن سان ملڻ ۽ اديبن سان ڪچهري ڪرڻ کان وانجهي رکيو آهي ۽ سنڌ ۽ سنڌ جا مقدس، تواريخي ۽ تهذيبي مرڪز ڏيکارڻ جو پهانو لٽائي!! جڏهن ترتيب ڪئي، سو واقعي داد جي مستحق آهي!" جيتري سنڌ ڏٺي، ڇا گهٽ آهي، اهو؟..."

منهنجي سوچڻ جي سلسلي کي ٽريڪ ملي جڏهن پٺيانءَ سيٽ تي ويٺل وڪيل هڪ-ورعليءَ چيو، "ڪامريڊ ڇا پيو سوچين؟" مون چيو، "هيءُ سفر ڏينهن جي اجالي ۾ ڪجي ها ته وڌيڪ مزو اچي ها." سچ پچ سج جي روشنيءَ ۾ ميرن جي صاحبيءَ واري اجاڙ پوئن کي سهڻي بستي لڳندو ڏسي دل دماغ کي وڌيڪ ٺڪو بس ملي ها.

اڌ ڪلاڪ اندر شاه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جي سچل چيئر جي ايئرڪنڊيشنڊ آڊيٽوريم وٽ اچي قافلي ڏاپو ڪيو.

لهڻ شرط وڻي ويا، ميون ۽ مٺاين جي منهن ۾، چانهه رونگ ۾!

ٿيڻ لڳيون هيون. هڪڙي ته هتي ان وچ، جي اسان واري سنڌ هجي ها ته ڪي ماڻهون پيدل ڏيئا ٻارن ها، درياه شاهي دادلي تي ٻارن ها، اها ڏيڻ جي ڳالهه مگر ۽ سرڳس مون موهي ها، ان نواسائيءَ ۾ ڳويا شاه آئت ڏنو: "ماندي نه ٿيءُ، ماڻي ..."

ڪرشن، نارائڻ ۽ مان ڪاني جي ٽيبل تي پهتاسين- ڪاڌو سيڻ ڪجهه ڪونه. نارائڻ پڇيو، "مالهي، سمجهين ٿو هيءُ سڀ سارو سرڪاري آهي؟"

مون چيو، "ظاهر آهي. هي نظير جي اچڻ جو واعدو، نصرت جو اچڻ، تعليمي وزير جي دلچسپي ۽ مالي امداد، ڪاڌ خوراڪ جي وزير وٽ رات جي ماني ۽ آرام، سکر ۾ ڪليڪٽر جي دعوت. اڳتي ته ميزبان ۽ مرحبا ڪندڙ سرڪاري عملدار هوندا..."

نارائڻ چيو، "ڪنهن ڪنيب ٺونر آهي، چڻ."

"هروڀرو ائين نه آهي، سڳا وارن جي جفاڪشي آهي، هنن جي ساٿين جي لڳن آهي، ٿورا اديب آهن ۽ جي اديب ٿورا آهن ته ڏوه نه سرڪار جو آهي نه سڳا جو، هتان جا اديب، اسانجي پارٽي اديبن کان وڌيڪ سکيا ستابا آهن، وڏن عهدن تي آهن سرڪاري ادارن ۾، نيم سرڪاري ۽ خانگي ادارن ۾. هنن جي رهڻ ڪرڻ جو معيار اسان کان اوچو آهي. هو پنهنجون ڪاريون ۽ سهوليتون ڇڏي ڇو اچن؟ ۽ پارٽي اهو نه وسار نه ماڻهو ته آهن، هر منزل، هر مرحبا ۽ هر مقام تي. ها، اسانجو وقت قيد آهي، خود ڪاڏي ۽ آرام جي آزادي ڪانهي. مونکي صرف اها شڪايت آهي ۽ بس."

۽ بس ڪري پا قافلو خيرپور طرف مڙڻ لاءِ تيار ٿيو، ڳالهه ٻولهه بند ٿي ويئي. سڳا ۽ سرڪار وچ ڇڪڇي هڪ

ڪٿي وئي. مگر عمل طرف هڪ قدم به نه وڌياسين. مون مستقبل کي ڀرپندي نئين ڇيو هو، شروعاتي قدم سنڌ مان اچڻ ڪري جو ڀارت ۾ وڌيڪ آزاد ماحول آهي. ۽ هت به اي نظير جي اپامڪاريءَ ۾ هڙئي موقاتي قدم لاءِ اجازت ۽ سهوليتون ميسر ٿي سگهن ٿيون. خير...

مونکي ان بعد جي موسيقيءَ جي محفل ۾ زوبيدا مستقلي چڱو متاثر ڪيو مگر هوءَ عوامي گائڪا نه لڳي، عابدا پروين جيان ادائگي تاثير واري به نه هئس. جيڪي زبيدا عوام جي ويجهي لڳي، خاص طور جڏهن مائي ڀاڳي راه رهاڻي ونئي چڪي هئي.

مٿي رات پڇاڙا سکر جي رهڻ ڪارپيٽ هوٽل ۾ آرامي ٿياسين، هڪ ئي روم ۾ اسان ٽيئي - ڪرشن، نارائڻ ۽ مان. نارائڻ سليم ميمڻ سان بندوبست ڪري ڇڏيو هو ته هڪ ڪار نه ته جيپ صبوح جو سويل اسانکي قنبر وٺي ويندي. جيٺلي به لاڙڪاڻي ۾ سنڌيلو سان ملڻ سانگي اسان سان هلڻ لاءِ تيار ٿيو هو.

عجيب حالت هئي، اسان ٽن جي به. ڪرشن پاڻ ۾ گم سم ٿي رهيو هو، جڏن پوءِ ٽڪن. پارٽي سنڌ اچڻ تي خوش هو، خوش خلق، ملنسار ۽ هڪ قسم جو بودلو به لڳيو هو پر هن جي من ۾ ڪي شنڪائون اڀرڻ لڳيون هيون. مان هوس اتي به آشاوادي، ڪارونجهر مان آهستي اجالو ڦٽندو نظر آيو پئي مونکي.

قنبر ۾ نارائڻ پنهنجو گهر پاڻ ڳولهي لڌو، قنبر ۾ به مڪاني مسلمانن جو تعداد ۽ اثر ظاهر هو، سويل صبوح جو پهچڻ بعد به. نارائڻ کي نه ٽراسائي ٿي جو گهر صرف ٻاهران ڏٺائين، هنجي پياس اڌوري رهي. وري يادگيرين جي

ڇڪاڇڪ ڀريل آڊيٽوريم اسانجي ۽ موسيقيءَ جي انتظار ۾ !!

پهرين مرحبا، پوءِ سوکڙيون، تنهن پوءِ تقريرون ۽ اُن بعد موسيقيءَ جي محفل، مون حاضرين جي انتظار ڪرڻ جي صبر کي داد ڏنو.

مائيڪ سنڀاليو، تنوير عباسيءَ جو اُس جي ابهڻ شرط کليل ٻانهن سان استقبال لاءِ پهرين کان موجود هو. وقت جو صدر هو وائيس چانسلر ڊاڪٽر ابراهيم شاهه بخاري. هوُ عالم هو ئي، شڪل جو ٺاهوڪو ۽ ڪافي کلمک به، ٿـي ڏنو. مکيه مهمان هو فلمي دنيا جو چوٽيءَ جو اداڪار مصطفيٰ قريشي، مونکي به، معزز مهمان جي حيثيت ۾ ۽ سليمان شيخ کي به سڳا جي عيوضيءَ طور ڊائز تي وهاريائون - ڊائز تي ويٺلن جي گلدستن سان مرحبا ڪري سڀني اديبن ۽ مهمانن کي سچل چيئر جي ايمبليم (نشان) سان نوازيائون، اُهو ريشمي ڪوَر واري ٻاڪس ۾ شيشي تي چٽيل ٽرافيءَ جي سهڻي مورت ۾ هو: صدر، مون سليمان ۽ مصطفيٰ مختصر تقريرون ڪيون، مصطفيٰ چيو، ”سنڌ - هند جي سنڌين وچ ۾ سانجهي وڌائڻ جو هڪ طريقو آهي ته سنڌ - هند جي سنڌي اداڪارن، هدايتڪارن ۽ ٽيڪنيشن جي باهمي تعاون سان هڪ سنڌي فلم جوڙي وڃي.“ هن ڳالهائي پورو ڪيو ته مون مائيڪ تي ظاهر ڪيو ته ”اسين پارٽ جا اديب، اداڪار ۽ ٻيا ڪلاڪار ان راءِ جي مڪمل پٺڀرائي ٿا ڪريون. ادو مون سان لکپڙهه ڪري يا سڌو ٻمبئي هليو اچي ته مان هنکي نامور فلم هستين سان ملائيندس، مان اڪيلي سر به هن پار سان گڏيل فلم ٺاهڻ ۽ فنانس سميت جوابداري وٺڻ لاءِ تيار آهيان.“ هال ۾ تاڙين جي گونج سان منهنجي ۽ مصطفيٰ جي راين جي مرحبا

منهنجي سوچ اسانجي جيپ جي موهن جي دڙي طرف ويندي ٻيو ڏنگ ورتو هو - هيءُ سنڌوءَ جي پرڪرما منهنجي لاءِ پهريون دفعو نه ٿي رهي هئي. سوڀي جي جيل مان نڪرڻ ۽ نئين دنيا ڪتاب گهر سان ڳنڍجي وڃڻ واري وقت يعني ١٩٤٥ جي سياري ۾ سوڀو ۽ مان ڪراچيءَ مان نڪتا هئاسين ، اُن وقت جو نوجوان شاگرد - ڪميونسٽ واسديو گدواڻي ، واسديو ديپ به اسان سان هو، اسان ڪراچيءَ کان حيدرآباد ، حيدرآباد کان ٺاروشاهه ، ٺاروشاهه کان سکر ۽ سکر کان ڏوڪري ، پوءِ سوڀي جي ڳوٺ ٻنڊيءَ پهتا هئاسين . سوڀي اسانکي موهن جو دڙو ڏيکاريو هو ۽ اسان سنڌوءَ جي ٻئي پاسي دادوءَ ۽ ڪوٽڙيءَ کان ٿيندا ڪراچيءَ پهتا هئاسين. تڏهن ملڪ ۾ انگريزن کان آزاد ٿيڻ جي فضا هئي ، جت ڪٿ ، پاڪستان جو ذڪر به نڪتو ٿي ، اُن جو انديشو به هو مگر پڪ نه هئي. خود عام مسلمانن ۾ اُن لاءِ ظاهر ظهور ڪو اونو به ڪونه هو. ڪٽرتا مسلمانن ۾ خاص طور پڙهيلن ۾ هڪ ٻرندڙ جبل جيان هئي جو ٻاهران سانت هو پر ڪڏهن به ڦاٽي ٿي سگهيو. هندن ۾ ، خاص ڪري ڳوٺن ۾ به اِي سلامتيءَ جو ڊڄ تڏهن به شروع ٿيو. تڏهن هندن جي سنڌ مان لڏ پلاڻ جو سوال نه هو ؛ هاڻ اهو اٿيو ٿي ۽ اُن کي اُپاريو ٿي مهاجرن مکيه ريت ؛ ڪٿي هندو وڃن نه وڌيڪ خال هڪ طرف پيدا ٿئي ۽ سنڌين کي سنڌ ۾ اقليت ۾ تبديل ڪرڻ ۾ آساني پئي طرف ٿئي ، ان ڪري سنڌي مسلمانن تي هندن جي سلامتيءَ جي جوابداري ٽهائين وڌيل هئي. سنڌي مسلمانن کي ان جوابداريءَ جو احساس هئو يا نه ؟ اهو سوال مان سوچي ٿي رهيو هوس جو اسانجي جيپ موهن جي دڙي جي هيڊ ڪوارٽر اڳيان اچي بيٺي - وري پاڪرن، ڇمڻن ۽ فونن جو سلسلو

ڏاڍي ٻيڻي جـي اُٺڻي وڃڻ ڪري هوُ خوش هو، هڪ قسم جي تسڪين ملي هيس. مون قنبر دربار ڏسي سنتوش پاتو. اُتهي سنتن - سائين ولائتراء، سـائين چيتنسنگهه، سائين وشنداس جون هائيون تـه ڪانديوليءَ ۾ شان شـوڪت سان سلامت ڏٺيون اٿم. پڳونتيءَ جـي هيٺري مون ڏياريءَ جي ورسين جي ميلن ۾ پروگرام پڻ ڏنا. هت سماڌين جي ڪمري ۾ سماڌين جي قبن ٻدران اسٽيل جا پڪڻ رکيل هئا.

لاڙڪاڻي شهر جي رستن ۽ جڳهين بنسبت نارائڻ جو حافظو چست رهيو مگر ماحول جي گندگي هنکي نه آئـڙي. رستي ۾ گانيون ٻڍا ريـل چيل پڻ ڦريا ۽ هڪ رستي تـي گوشت جي وڪري جا استال لاٿين ۾ هئا. ٻڪرن جا ڪٽيل ڌڙ ٽنگيا پيا هئا. تنهن سواء مهاجرن جي دوڪانن ۽ وهنوار ۾ صفائي نالي ڪا چيز نه هئي. جتي اسان قرٻل ماحول برداشت ڪيو، تتي پارٽيءَ کي ٻچان پئي آئي.

۽ اهو پتو به پيو تـه اڃا سچل قافلو لنگهيو نـه هو. ان سفر ۾ اسان سان چندن لال جئسنگهاڻي به هو. هو ڪنهن مڪمي ۾ انجنير هو. ۽ سگا جو سٺو ڪم ڪندڙ هو. سوڀي ٻاٻت تـه اسانکي پڪ هئي، هو موهن جي دڙي تـي قافلي جو انتظار ڪندو هوندو. ان ڪري اسان چندن لال جـي هڪ مٽر جي گهر وياسين، هن وٽ زوريءَ ناشتو به ڪيوسين ۽ چانهه به پيتيسين، هوُ رضا لي راضي هو. هن جي سرڪار ۽ مڪاني مسلمانن سان شڪايت نه هئي. هن کي مهاجرن جا طور طريقا پسند نه هئا ٻر اهي شهر اندر هندن جو گهٽو ڪي بگاڙي ڇڏي سگهيا. ها، اغوا ڪندڙ ۽ پڻگ وٺـي آزاد ڪندڙن جـا آزار وڌيل هئا ۽ ماڻهو مسلمانن کان وڌيڪ هندن جا ڏي کميائون. هندو ان ڪري ڇـوٽ ڇڏي لاڙڪاڻي ۾ ڳاهٽ اُيڻ لڳا هئا.

اچي ٽپڻ لڳا هئا. ۽ لاڙڪاڻي جي ڪمشنر جهڙي ڇوري جو بندوبست به ڪيو هو.

موهن جي دڙي تي قافلي پهچڻ تي اُستاد بخاريءَ پڇيو هو، "مائي صاحب، تنهنجي ڪري پروگرام ۾ ٿوري تبديل ڪرائي اَٿم. مخدوم بلاول شهيد جي مزار ڪيئن اوڙانگهيندا؟ هڙ موقعو ڪيئن ڇڏيندا؟" موهن جا ٿورا مڃيا. منجهند جي ماني هاڻي دادوءَ پرسان بلاول جي مقبري تي کاڌي هئي.

هڪ ٻيو به ڦيرو هو. سليمان شيخ چيو، "اوهان کي سيوهڻ تائين نديءَ ڪار ٿا ڏيون، اها سرڪار جي پٽلت ڪار جي پٺيان ۽ قافلي جي اڳيان هوندي."

موهن پڇڻ چاهيو، "ڇو؟" پر پڇيم ڪونه.

سوڀي موڪلائڻ تي چيو، "سليم ميمڻ کي چيو اٿم، هُو هڪ ڏينهن لاءِ اوهانکي لاڙڪاڻي موڪليندو."

موهن چيو، "شرط آهي، اوهين ٻئين ڏينهن اسان سان ڪراچيءَ هلندين." هن مڃيو.

هڪ قافلي جي همراه چيو، "هيءَ اغوا ڪندڙن جي ايراضي آهي، خيرپور ناٿن شاه تائين. اسانجا اڳوان اوهانجي اغوا ٿيڻ جو جوکم کڻڻ نٿا چاهن."

ڪار نديءَ هئي پوءِ به ڊرائيور، هن سان ڪرشن ۽ ٻنيان مان ۽ نارائڻ سنئي نموني سفر ڪري سگهياسين. اسان چار چڙهياسين، ڪار هلي ته ڪرشن چيو، "مالهي، هيءَ پرداخت تنهنجي ڪري ٿا وٺن. اغوا ڪندڙن کي تنهنجي اهميت ۽ ملهه جي خبر ٿي ڏسجي." نارائڻ ۽ موهن هڪ ئي وقت ٽهڪ ڏنو.

رستي تي هڪ موڙ وٽ پيٽرول پرائڻ لاءِ اسانجي ڪار

شروع ٿي ويو. سو ٻل اچڻ مان اهو فائدو ٿيو جو اسان موهن جي دڙي مان نڪتل ۽ نمائش ۾ رکيل چيزن جو جائزو ٿوڙي ڪلاڪيءَ ۾ وٺي سگهياسين.

قافلي کي رستي تي ئي شهدادڪوٽ جي سڳا وارن جو ساٿ مليو هو ۽ ڇيڇاري ۾ اچي ساڻن مليا هئا. اسين اسٽيشن، هڪ جلوس ٺهي ويو، سو ٻيو ڳ، هو ۽ سڀني جو ٻاهر ڪيول ٻ. ۽ اوڏي مهل ڇا ڏسان ته، قيمت هرٻسنگهاڻي ڇيڇاريءَ کان ڏونڪا وٺي، هن ٻدران ڇيڇ جي گول ۾ شامل ٿي ويو- هيءَ هئي صحيح سڪ ۽ ڇڪ جنهن کان پاڻ روڪڻ ممڪن ٿي ڪونهي. هونءَ به، ڇا سنڌ جي تهذيب ۽ تهذيبي اسم ورهائڻ جي وستو آهن- اهي ته اسانجي روح ۾ رليل آهن، سو ورهاڱا ۾ اهي الڳ نه ڪري سگهندا.

سو ٻيو ٻهريون دفعو مون گرم نيري فل سوٽ ۾ ڏٺو- وڏيڪ لمبو، وڏيڪ ٿاهوڪو، وڏيڪ اثردار شخصيت وارو، سو ٻيو، ڪرشن، نارائڻ ۽ مان، آچيانـي جون دستوري تقريرون ٻڌي وياسين موهن جي دڙي جا فوٽا ۽ ڪي يادگار خريد ڪرڻ. اُن مرڪز اڳيان مون ۽ سڀـي الڳ ۽ اسان چئن گڏجي فوٽا ۾ ڪيايا. پوءِ اسان وياسين الڳ ٿلڳ موهن جو دڙو ڏسڻ. مون سليم ميمڻ کي چيو، هڪ فوٽوگرافر ڏيو. اياز گاد هڪيو حاضر هو ۽ هو ڪانگريس کان وٺي اَج تائين اسان ٽن ٻارٽي ادبن جا فوٽا ڪيندو رهيو، چيائين، ”مان جو آهيان.“ منو ڪلاڪ سڀئي اسانکي موهن جو دڙو ذري ٻرزي سمجھايو، وچ وچ ۾ فوٽا ۾ نڪرندا رهيا.

قافلو ٻنهنجي پروگرام کان ڪافي ليٽ ٿـي چڪو هو، مرچهند جي ماني ڪاٺي هئي سيوهڻ ۾ اياٿي اچي. ٻه هت

سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ اهو ڳانڊيتام آڪاشوائي سماروه ۾
هن ڪان پيش ڪرايو. اهو ايترو ته مقبول ٿيو جو نه صرف
اسان ديس وديش ڳاتو پر پين سڀني سنڌي ڪلاڪارن به
ڳاتو ۽ ڳائن پيا.

١٩٨٦ ۾ هڪ شاديءَ جو پروگرام طيءِ ٿيو هو، سنڌ لاءِ.
گهوٽ ٻيءَ جو ڪنهن مرڪزي وزير سان ڳهاٽو رستو هو؛
هن ڪري پڪ هئي ته مون لاءِ به ويزا ملندي. پر ملي
ڪانه ۽ پگهونٽيءَ مون ڪانسواءِ سنڌ وڃڻ ته پاسيو. هن ڪري
الائي ڪهڙو رپڪ آيو. چيائين، "اوهان جڏهن سنڌ وڃو
تڏهن منهنجي شرڌا جا ڦول لعل شهباز جي مزار تي
چاڙهجو. سيوهڻ منهنجو ناناڻو شهر آهي؛ ننڍي هوندي
هڪ ڀيرو سڄو ڪرڻ ويئي هيس..." مون هن ڏانهن
ڏٺو ۽ چيو، "تو ڪانسواءِ سنڌ مونکي ڪير گهرائيندو؟"
هن چيو، "اوهان جا لکڪ دوست به آهن." ڇهه مهنا
پوءِ هوءَ هن سنسار ۾ نه رهي ۽ ٽي سال پوءِ مان اڇي
سنڌ سهڙيو آهيان ۽ پروگرام ۾ لال شهباز جي زيارت آهي!
آهي نه ڪا ڀول ڀوليان!!

اسان ڪافي دير سان لال قلندر جي مقبره اندر
ويٺا هئاسين. چادر ۾ وري به ڦهريون هٿ مون وڌو. پوءِ
به پگهونٽيءَ جي عقيدتمندي الڳ هئي. مان ٻاهر نڪتس.
فانوسن جي جهڪيءَ روشنيءَ ۾ هڪ ننڍڙي دوڪان تان
گلاب جا گل ورتم، وري اندر ويس. ور وڪڙن ۾
منجهيس به. نيٺ مزار تي ٻنهي هٿن جي ٻڪ مان
ڪڪيءَ پاران گلاب جا گل رکيم ۽ گنگنايم: "لال منهنجي
پت رکجانءِ ڀلا." چپ منهنجا هئا، آواز پگهونٽيءَ
جو هو.

هڪ پيٽرول ڊيپوءَ ۾ گهڙي ويئي. چڱي ڀڪڙ ڀڃاڙ پڇي ويئي ڪار کي ڇولهڻ لاءِ.

ڀلاول جي مقبري کان اوڏيرو ٻندر ۾ اسانجي مرحبا نهايت اُتساهه سان وڏي پيماني تي ڪئي ويئي. شاميانا لڳايا ويا هئا. کاڌي جو انتظام ڪيو ويو هو، پارٽي مان آيلن کي خاص رليون ڏنائون، تقريرون به ٿيون.

مونکي مزار جي سرهاڻي کان ٻيئي ليٽيل شهيد جون ڪليل اکيون نظر آيون. پڇي رهيون هيون، "ڪٽرپڻو ختم ٿيو آهي؟" هن لاءِ مشهور آهي ته، "منهنجو سر ڀڃاڙيءَ جو گهاٽي وجهجو، جيئن مان مالڪ جي مخلوق جو مشاهدو ڏورو وڌيڪ وقت ماڻي سگهان." مون ٻي اختيار من ۾ چيو، "معزز دوست، قرباني رائيج نه ويندي."

اُتان روانگي ٿيڻ کان اڳ، سليمان شيخ چيو، "اوهان پارٽي اديبن کي به هڪ ٻيو ڏينهن حيدرآباد وڃڻو آهي ته. هيٺ سنڌ جي روشنيءَ ۾ ٿا بندوبست ڪري وٺون. مدي اُس ۾ اوهان ۽ سڀا جا ساٿي جي حيدرآباد ويندا، اهي سڀ اُن ۾ ٿا وهارينون. يعقوب مغل اوهان پارٽي مهمانن جي حيدرآباد ۾ سارسنڀال لهندو. حميد سنڌي به اوهان لاءِ اسانجو عيوضي ٿي رهندو."

اد لا ٻدلي پوري ٿي. مدي اُس هاڻي مڪسٽ اُس ٿي ويئي. پين خاڻن سان ويندا شرنگي ۽ هن جي پيڻ به اُن اُس ۾ هلي آئي.

مونکي سيوهڻ ۾ قلندر لعل شهباز جي زيارت ڪرڪيءَ (پڳو نئيءَ) پاران ته ڪرڻي هئي. هن ديئيءَ ۾ ١٩٧٠ اها ڌن "لال ميري پت رکيو ٻلا" سرائڪي ٻوليءَ ۾ لوڪ گائڪا ريشما جي ڪئسيٽ تان پڪ اَپ ڪيو هو، مون ان ڪلام کي

۵- جيئي سنڌ، سدا جيئي سنڌ

رات جو دير سان حيدرآباد پهچڻ بعد، پهرين اسان پارٽي اديبن، وينا ۽ هن جي ڀيڻ کي هيرآباد جي هڪ هوٽل ۾ لاٿو ويو. يعقوب مغل ۽ لٿو. اسانکي کاڌو کارائي ٽن ڪمرن ۾ ٽڪائيڪو ڪري، ٻئي ڏينهن صبوح جو اچڻ جو واعدو ڪري ويو. وينا ۽ ڀيڻس هڪ ڪمري ۾، قيمت ۽ جيٺلي ٻئي ۾، اسين ٽي ٽئين ۾.

اها رات سڄي پاڻکي ٿڪل سمجهيو ۽ ٻئي ڏينهن آرام سان اٿياسين. سنان پاڻي ۽ نيرن ڪري تيار ٿياسين ته رسيپشن ڪائونٽر تان فون آيو: يعقوب مغل ۽ ڪارس ڪٺي اچي چڪو هو. هيٺ لٿاسين ته جيٺلي دهليءَ گهر فون ڪري ڳالهائي چڪو هو ۽ قيمت پوپال ڳالهائي رهيو هو. يعقوب مغل اسانکي به پنهنجي پنهنجي گهر ڳالهائڻ لاءِ چيو. مون ۽ ڪرشن اها آڇ قبولي. مون پشپا کي چيو، ”پارٽيءَ جي گهر فون ڪيج ته هو بلڪل ٺيڪ آهي. اول خير ۹ تاريخ تي بمبئيءَ اچي ويندا سين.“ اها ۳ ڊسمبر جي تاريخ هئي. يعقوب مغل سارو ڏينهن اسان سان ساڻ رهيو ۽ سوَنهون ۽ رهيو ته واقفيت ڪرائڻ وارو ۽ ته پروگرام طيءِ ڪرڻ وارو ۽.

يونيورسٽيءَ جي دفتر ۾ چانهه پيتيسين، ادبي بورڊ ۾ ڪتاب سوکڙي مليا ۽ سنڌالاجيءَ ۾ پنڊل انٽرويو ٿي. ويءَ تي رڪارڊ ڪيائون - سرڪردو هو ڊر محمد پناڻ. لن کان اڳ، مون اڳيان هڪ عجيب واقعو درپيش آيو. هڪ سنڌي اديب، واقف قافلي جي ڊاٻي جي دوران ۾ ٿيو هو، گهرو هيڻو ٿيو هو. چيائين، ”هڪ شخص اوهان سان اڪيلائيءَ ۾

وري ٻاهر نڪتس ته هڪ اُته اس ته هٿي. ٻاهرين ته مون ڪان چڙڪ نڪري ويو، ٻيو ڏٺم نيم اونده ۾ ڪرشن، نارائڻ ۽ حيدرآباد هلڻ وارا همراه ويٺا هئا، ڪنهن چيو، "ٻيڙو ول ڀرائڻ ويٺي آهي."

مان هن جو نالو ڄاڻي نه سگهيس يا وساري ويٺو آهيان. ٿي وئي. روم ۾ هو به ويٺو، اسين ڇهه ئي سوال ڪندڙ به ڇهه. مان سمجهان ٿو ته هڪ صفر هئي. هر هڪ کان سوال، پڇندڙ الڳ الڳ. منهنجا همراه ۽ ويندا ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي يا اونداهي يا نراسائيءَ واري، گهٽو ٽٽو انتظاريءَ واري تصوير چٽي ويٺا. مون روشن پاسي تي زور ڏنو. پر پنهنجن راين کي ترجيح ڏيندي، ٻڌائڻ چيو، "سنڌ وارن کي ته ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نراس حالت نا اميد ڪيو آهي."

ان بعد وياسين، يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر سان ملڻ، اتي ٻين سان گڏ هڪ مشهور اديب به ويٺو هو. هن جي نظر جو سفيد پوش سنڌي تي پيئي ته هو گجي اٿيو. هنکي ڳٽڙ کان جهلي چيائين، "توکي خبر آهي، اسين سنڌ جا اديب ته مالهي صاحب کي پنهنجو مرادي پاڻ سمجهندا آهيون. هن جو پيچو نه ڇڏيءَ ته هڏ گڏ سلامت نه هوندءِ." منهنجو ٻيلهو هن کان ڦري مون وٽ اچي چيائين، "مالهي صاحب اوهان سمجهو ٿا آهيو، دوراندیش به آهيو. پڪ اٿم ڪانه ڇوڙڻ جهڙي ڳالهه نه چئي هوندو. هيءُ سينٽرل سي. آءِ. ڊي. جو جاسوس آهي." هن اهو سڀ ڪجهه اهڙو ته ٽڪڙو ۽ اڪ چپ رانـد جيان ڪيو جو مان نه ٿو سمجهان منهنجي همراهن ڪجهه سمجهيو. هنن مونکي ورجايو ڪونه، مون ڪرشن نارائڻ کي به نه ٻڌايو. جاسوس کي ڪجهه چيو ڪونه هوم. پوءِ به ڪنهن وقت جي ديس هاڻ پرديس ۾ دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ سي. آءِ. ڊيءَ جو انديشو موجود رهيو، موجود رهندو آيو.

وائيس چانسيلر جي دفتر مان نڪتاسين ته ڪي ودياراٿي جوان اچي مليا، جهڪي هٿ ملائڻ، هٿ چمڻ، فونن جي نڪ نڪ ۽ چيائون، "جيئي سنڌ." مون ٻي اختيار چيو،

ڳالهائڻ ٿو چاهي، منهنجي روم ۾ هلي ڳالهايوس.“ مون ٻڌايومانس، ”ڪير آهي؟“ چيائين، ”مان نه سڃاڻانس.“ هو مونکي پنهنجي روم ۾ پنهنجيءَ ڪرسيءَ تي وهاري هليو ويو. چياءِ ”اچان ٿو.“ هڪ اڇيءَ خميس، سلوار ۽ صدريءَ سان شخص پرسان رکيل ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. چيائين، ”مالهي صاحب، ڇاجي جمهوريت آهي، هتي؟ لکڻ جي آزادي به ڪانهي. ناراڻ شيام لاءِ عقيدتمنديءَ جو اظهار به ڪير ڪونه ٿو ڪري.“ پوءِ هڪ فل اسڪيپ پنو کولي مون ڏانهن وڌايائين، ”سنڌ لبريشن آرمي“ مٿان مٿان لکيل هو، مون اهو پڙهيو مس ته چيائين، ”اوهان پارٽ وارا هٿيارن ۽ پئسن جي ڪهڙي مدد ڪري ٿا سگهو- سنڌ آزاد ڪرائڻ ۽ هتي سوشلزم آڻڻ لاءِ؟“ منهنجا ڪن لڳي ويا. مونکي ٿڌي تي عقل آيو، چيو، ”جڏهن سوويت- يونين ۾ انقلاب کان اڳ، عارضي جمهوري حڪومت ٺاهي وئي هئي، تڏهن هت به ٻهرين ٻارهن سالن کانپوءِ آيل جمهوري حڪومت کي آزمايو...“ اڃا سوويت يونين سلامت هئي. ايتري ۾ ٻيا ڇهه شخص آيا، چيائون، ”مالهي صاحب، اسين اوهانکي پيا ٿا ڳولهيون.“ مون پهرئين سفيد لباس واري شخص کي چيو، ”فرصت ملندي وڌيڪ ڳالهايون ٿا، نه ته ٻه هوٽل ۾ روم نمبر ٢٠٢ ۾ مون سان اچي ملت ڪجو.“ وليرام واپس آيو ۽ چياءِ، ”مالهي صاحب، ٽي. وي. روم ۾ پيٽرل انٽرويو لاءِ اوهانجو انتظار ٿي رهيو آهي. هلو.“ هو اڳيان، مان پٺيان ۽ مان پنهنجو ڪتابن وجهڻ لاءِ آندل ٿيلهو کڻڻ ٿي لڳس ته سفيد پوش همراه اهو اڳ ئي کڻيو ۽ منهنجي پٺيان پٺيان هلندو آيو. ٻڌايومانس، ”اوهانجو نالو؟“ چيائين، ”...، پونڊي جو پروفيسر آهيان يونيورسٽيءَ ۾.“

ڀاري چاپڙيا ۽ شيخ اياز ڏنو هو، سنڌ جي هر عمر ۽ هر ويچار جي اديبن کي هڪ جماعت سان جوڙڻ لاءِ. اها عيوضي ميٽنگ، انڊين چيمبرس هال ۾ ٿي. سنگت جڙي. بزرگ لالچند امرڏنومل سرپرست آسانند مامتورا، پريزيڊنٽ؛ منگهارام ملڪاڻي وائيس پريزيڊنٽ گوبند مالهي سيڪريٽري، ڀاري چاپڙيا ۽ شيخ اياز جائنٽ سيڪريٽري. اياز شڪارپور هليو ويو هو، پوءِ ته عهديدار چونڊيو ويو هو. ان جماعت جو ٻج پيو، سلو ٿي نه نڪتو جو اسان هندو اديب ڀارت هليا آياسين. سنڌ ۾ اديبن ان کي ريج ڏنو، پاڻ ڏنو، سلو اسريو ۽ اڄ اهو ڇايادار وڻ آهي.

۽ سنڌ جي همراهن ٻه ٽي سال اڳ، ان جو ڪو سالگره بلڪل ڌام ڌوم سان ملهايو هو. مونکي ان جو "يادگار" موڪليائون، فرنٽ ڪوَر تي بيضوي روپ ۾ عهديدارن جا فوٽا ۽ مٿان منهنجو فوٽو. مان خوشيءَ ۾ ڦوليو نه سمايو هوس، انهن وقت:

۽ موجوده جنرل سيڪريٽريءَ رنگريز پنهنجي تفصيلوار رپورٽ ۾ ٻڌايو ته سڀ بزرگ، اسرندڙ ۽ نوان اديب ان سان وابسته آهن ۽ ان جون شاخون سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر ١١٣ آهن!!

اچيانو ته هو اهو ٻو حقيقت ۾ اهو سنڌ هند جي سنڌي اديبن، هنن جي دلين، امنگن ۽ اڌمن جو ميلاپ هو – سياست مڪمل هار کاڌي هئي ساهت ۽ سنسڪرتيءَ هٿان، ظاهر هو ته اهي ورهاڱي جون وسٿون نه آهن، انهن کي ورهائڻ فضول آهي، وقت جي بربادي آهي!!

۽ اڃا موڪلائڻ، ڀاڪرن، چمين ۽ ڪئميرائن جي ٽڪ ٽڪ جو دَور جاري هو ته "جيئي سنڌ" جا جوان اچي نڪتا. حميد سنڌي به اڳيان وڌي اچي چڪو هو. چيائين، "ٻهرين مهتاب محبوب وٽ هلي چانهه پيئو. سنڌ جي مايه ناز اديبا

"سدا جيئي سنڌ." ڪانگريس ۽ قافلي جي دوران ۾ ڪلهه ئي ٻڌو ٿي "جيئي سنڌ" سان ڪيڪر ٻهراڻون ڀيرو ٻڌي، ته ته ڪن اديبن ۽ ڪم ڪندڙن جيئي سنڌ سان ضرور ڪيڪاريو هو. هڪ ٻن راڳن ۾ جيئي سنڌ ٻڌو به هوم. مشاعري ۾ سنڌ جو ذڪر لڳ ڀڳ سڀني شعرن ۾ هو، پر ڪي جوان "جيئي سنڌ" سان وات ويندي ڪيڪارن، نئون تجربو هو، مبارڪ هو. هڪ چيو، اسين "جيئي سنڌ" وديارٿين طرفان ڀارت جي اديبن جو آجيانو ٿا ڪرڻ چاهيون." هن ئي وڌيڪ خلاصو ڪيو، "آجيانو هوندو اسان طرفان، اوهان تقريرون ڪريو نه ڪريو، اوهان جي اختيار آهي. سياست بلڪل نه هوندي." مان راضي ٿيس پر هن کي ڪجهه نه چئي يعقوب مغل کان پڇيو، "ڇا ڪرڻو آهي؟" "پل وقت ڏيون." "ڪڏهن؟" "شام جو" سنڌي ادبي سنگت" جي ميڙ کانپوءِ هن وٽ هلنداسين." اتان ٿي مهتاب ۽ ادي حميد سنڌيءَ وٽ هليو."

اسين نه مجهند جي مانـي کائي وڃي آرامي ٿياسين. ان وچ ۾ ميزبانن ۾ مانڊاڻ مچي ويو.

شام جو ادبي سنگت جي آجياني ۾ سڀ اديب، عالم ۽ ادب جا شيدائي اچي هڪ ننڍي هال ۾ جمع ٿيا ۽ هال ڪڇاڪڇ ڀريل. گهڻا مهاندا واقف، ڪي ڀارت مان ئي ويا هئا، ڪي ڪانگريس ۾ گڏ ٿيا هئا، ڪي اهي به هئا جي سنڌ جي مخزن ۾ ڏٺا هئا.

مجموعي آجيانو، شروع ٿيو. ٻن سنسٿائن به ان آجياني ۾ حصو ورتو هو- ڇهي اديبن ۽ ادب دوستن جي عيوضي ميٽنگ هئي، اها "سنڌ ادبي سنگت" ٻڌا ڪرڻ جو سڏ ١٩٤٧ جي فيبروري مارچ ڌاري (اپريل-مئي به ٿي سگهي ٿو) مون،

هڪ چيو، "مالهي، توکي ڪهڙي ٽوڻ وڃ." هڪ ٻئي چيو، "وڃڻ توکي ته نه ڪهڙي، جڏهن ميزبان ٽٽا چاهن."

ميزبانن ۾ وري اختلاف. يعقوب مغل هن جي فائدي ۾ حميد سنڌي برخلاف!

مزو ڪرڪرو ٿي چڪو هو. حميد مون وٽ آيو. چيائين، "في الحال "ها" ڪريو، سڀني لاءِ، سڀاڻي صبوح جو، معاملو نبٽائبو، هن کي هلائبو."

مون ورانڀي ۾ وڃي واعدو ڪيو، "صبوح جو ساڍي نوين بجي اچجو. سڀ هلنداسين." هن سان گڏ يعقوب مغل پاڻ به ضمانت ڏني. هوءَ هليا ويا.

مان مهتاب سان پارڪ ۾ مليو هوس - هڪ پيرو، گوبند پنجابيءَ جي مهمانيءَ ۾. پڳو نٿي ته هلي هئي. گلو خراب هوس، پوءِ به مهتاب جي اصرار تي ڳايو هئائين. واهه جي مهتاب هن جي تعريف ڪئي هئي - هيٺئين به مهتاب ۽ محبوب پنهنجي اعزازي ڪئي. مڃان ٿو، مان مهتاب وٽ پنهنجي رنگيني واپس آڻي نه سگهيس، ان بعد جو گل ٽالپر وٽ ويا هئاسين، اتي ٽالو هو، اندران - دراصل ان ڏينهن بيون ٽالو هو ۽ ٽيون به. گل پنجابي مهاجرن حيدرآباد واري جا آهي، سنڌين جو نڪ ۾ دم آڻي ڇڏيو آهي. سنڌي به سر جي بازي لڳائي ويٺا آهن، سر جو جواب پٿر سان ٿا ڏين - حالت اها آهي جو هن لٽي ۾ صرف ٿي گهر آهن سنڌين جا. اسانجو، مهتاب جو ۽ حميد جو.

منهنجي پريشاني گهٽي هئي، پوءِ به جو گل جي هڪ مرد عزيز کي سگريٽ پيئندو ڏٺم ته، هن کان سگريٽ ورتم ۽ سلگايم ۽ ٽڪڙا ٽڪڙا سوٽا هنيم. سنڌ ۾ ٻن قومن واري ذهنيت ماٺ ٿي چڪي هئي.

هن مهيني ۾ اچي نه سگهي آهي. هوءَ گهر اوهانجو بيتابيءَ سان انتظار ڪري رهي آهي." هو همراه ٻه، هڪ ٻئي، "اوهانجو واعدو آهي، اوهان ٻهرڻ اسان وٽ هلندا!" يعقوب مغل همراهن جي پاسي، حميد سنڌي پنهنجيءَ هوڏ تي. مون ٽئين گروهه جي حيثيت ۾ سلجهاءُ ڏنو: همراهن کي چيو، "مان ٿو اوهان سان هلان - سڀئي ٻاران." حميد چيو، "مالهي صاحب، ائين نه ٿيندو. اوهان سنڌ هند جي اديبن جا مهراڻي آهيو. مهتاب مايوس ٿيندي ۽ مزو ڪرڪرو ٿي ويندو."

جوان ته چوڻ لڳا ته "هلڻو اوهان سڀني پارٽي اديبن ۽ وينا اديءَ کي آهي. اها پل نه هلي، پنهنجن کي هلڻو پوندو."
ان ڇڪتاڻ ۾ منهنجا همراه ٻهرڻ ٻڏتر ۾، پوءِ پانيم ته سڀ جو سڀ ٻهرڻ مهتاب محبوب جي گهر هلڻ جي فائدي ۾ هئا - مون چيو، "چڱو، مهتاب جي گهر هلي ٿا فيصلو ڪريون." اسان پارٽي اديب جيپ ۾ چڙهياسين، جڏهن جيپ هلي ٿئن ٿي "جيئي سنڌ" همراه به جيپ ۾ ڏوڪي چڙهيا. اهو ٿيو ضد، "پنهنجن کي ٿي آجياڻي ۾ هلڻو آهي." مان پانچي ويو هوس ته منهنجا اديب ساٿي ڪي پنهنجي سر، ڪي حميد جي رخ ڪري ۽ ڪي همراهن جي ضد ڪري آجياڻي ۾ هلڻ لاءِ تيار نه آهن. مون "جيئي سنڌ" وارن کي چيو، "جيئي سنڌ" هلچل سان منهنجي همدردي آهي. مان اوهان سان مهتاب وٽان ٿي ڪيڏي مهل، ويندي اڌ رات جو به هلڻ لاءِ تيار آهيان. منهنجي همراهن لاءِ ضد نه ڪريو..." اها ڇهڳ ڇهڳ مهتاب محبوب جي گهر ٽائين هلندي آئي. پارٽي سنڌي اديبن ته چيو، "اسان ڪنهن ته سياسي جهنجهٽ، خود آجياڻي ۾ هلڻ لاءِ تيار نه آهيون."

پختگي ۽ وسعت بخشي. ان کان اڳ، جهولڻ سنڌ ۾ انسانيت، امن ۽ پائيداري جو رنگو جهنڊو جهولايو. سنڌُو پنهنجي جل روپي ٿيج سان الائي ڪهڙن پراون کي پنهنجو ڪيو. ڪنهن سنڌي اڳوان اهڙي ڪوشش ڪئي؟ اهو منهنجو سوال نه، آهي، هڪ سنڌ ۾ رهندڙ همراه جو سوال آهي. هن ته اهين به چيو ته ڪيترن سنڌي اڳوانن مهاجرن سان ڌنڌن ۾ پائيواريون ڪيون، سنڌ جي مفادن جي قيمت تي پنهنجا ۽ پنهنجن جا پيٽ ڀريا - انڌي گهوڙي ڪل ۾. جڏهن آئي ڏانڊي کي ته اوچتائي ٿي ويئي ۽ جڏهن وڏا شهر ۽ لاڙ ولاڙجي ويو تڏهن ٿي هاءِ گهوڙا شروع. مهاجرن ته پنهنجي قسمت سنڌ ۽ سنڌين سان نه ڳنڍي. هو ته سنڌي سکيا نه ڏوان سنڌي ٿيا ۽ نه وري سنڌين جا پنهنجا ٿيا. نڌٽڪا گهوڙا غيباٽا هسوار، سنڌ جا ٿي سور آهن - صحيح ۽ وقتائتي اڳوانـي ۽ اڳوانن ۾ اتحاد جي ڪمي، سنڌين جي سڄاڳيءَ ۾ غير ڪو اضافو ۽ موقع پرست سنڌي اڳوانن جو سنڌ جي مفادن لاءِ ڪم ڪرڻ عيوض پاڪستان سرڪار سان تعاون. سنڌ ۾ ڪابه اهڙي سرڪار نه ٿي آهي جنهن پاڪستان جي سنڌ دشمن پاليسيءَ جي مخالفت ڪئي هجي - هندو ڇا ويا، سنڌ جا ماڻهو وڌيڪ آزار ۾ اچي ويا. پاڪستاني سرڪار ۽ فوج جي ظلم جو گهوڙو سنڌ ۾ ڏڙها هڻي رهيو آهي. مٿان مهاجر سنڌين کي سنڌ ۾ ٿورائي بڻائڻ ۽/ يا سنڌ جو وراڳو ڪرڻ تي ڪمر ڪشي بيٺا آهن!! مون گل ڏاڏر جي گهر کان حميد سنڌيءَ جي گهر ويندي، نيم اونداهي گهٽيءَ جي ڪنڊ وٽ هڪ مهاجر جي اسٽال تان گولڊ ليف سگريٽن جو اڌ پئڪيٽ پهريون دفعو پنهنجن پئسن يعني ڏهه سگريٽ ٽـون روپين ۾ ورتا. ماچيس ته خريد ڪيم.

مهاجرن ۽ سنڌين جو ٻه ڪهڙو ۽ اهڙا ٽائين هڪ ٻئي سان عداوت وارو رشتو هو. الطاف حسين ڪي جو آڳي باقي نئشنل اسيمبليءَ ۾ ١٣ ڇڳهيون مليون هيون ته مهاجرن جو ٻيهر مڪو متل هو. اديءَ ڳـل هنن جـي عذابن ۽ ڏهڪاءَ، سنڌ جي سـرويڇيءَ ۽ سورهياڻيءَ جا ڏورا داستان ٻـڌايا. آخـر ۾ چيائين، ”اسـان وارا ادبـي نـي گهر ۽ لطيف آباد لڏي ويندا، حيدرآباد جـي ٻسگردائيءَ ۾." مون کان سـرد آهه نڪري وئي، هندن سنڌ ڇـڏي، هاڻ مسلمان حيدرآباد ڇڏي رهيا آهن - دين پاڻ جي ڏاڍائيءَ ڪري!

سنڌ جو مسئلو ٻيچيدو لـڳم، جيڪي سنڌ مـان هند آيا پئي، انهن اسانکي روشن پاسو نـ پئي ٻڌايو.

۽ مهاجرن جـي مسئلي، اسانجي هلئي اچڻ بعد جي سنڌ جي مکيه ۾ مکيه مسئلي کي ٻه سب اڳوان گڏجي پا ڪو اڳوان پنهنجي سر منهن ڏيئي نـ سگهيو آهي. مڇيم تـ محمد ايوب کهڙي شخصي مفادن ۽ پاڪستاني اڳوانن اڳيان سرخرو ٿيڻ لاءِ سنڌ جا کيت، گهر، دوڪان ۽ ڌنڌا جي هندو ڇڏي آيا هئا، مهاجرن جي حوالي ڪيا. هنن ڪمايو، خوب ڪمايو ۽ هاڻي هوُ سنڌ جي سنڌين لاءِ آزار ٿيا نـ آهن، سنڌ ۽ سنڌين جي مفادن جا دشمن ٻه آهن

سوال آهي، ڪنهن هنن کـي سنڌ اپنائڻ، سنڌي ٻـولي سکڻ، سنڌي ٿيڻ ۽ سنڌيت سان نباهڻ جـو عملي نسخو ڏنو؟ خـود مسلمان، محمد بن قاسم سان سنڌ ۽ ڌاريا ٿڻجي [?] آيا. سنڌ جـي زمين جـي محبت هنن کـي سنڌي ٿڻايـو. ان وچم لال قلندر سنڌو ڌرم جـي نئين روپ صوفي مت کي پنهنجي اصلوڪي وطن نـي آندو ۽ اهو سنڌين جـو الـوت عقيدو ٿڻجي ويو؛ نانڪ شاه پڳتي مارگ سان ان کـي وڌيڪ

